# پيشيور سکيا

درجو ڇهون



व्यावसायिक शिक्षण इयत्ता सहावी (सिंधी माध्यम)

Tele MANAS

National Tele Mental Health Programme

14416

# ٽيلِي - مانس هيلپ لائين

**Tele MANAS (Tele Mental Health Assistance and Networking Across States)**

**(14416/1800-89-14416)**

راشٽريہ مانسڪ صحت ڪاريہ ڪرم تحت ٽيلي مانس اها مرڪز پاران شروع ڪيل يوجنا مهاراشٽر راجيہ ۾ آڪٽوبر 2022 کان لاڳو ڪئي ويئي آهي. ٽيلي مانس ڪاريہ ڪرم تحت هيلپ لائين نمبر 14416 ذريعي مفت 7 x 24 گڏيل ۽ سڀ شامل مانسڪ صحت شيوا ڏني ويندي آهي. ان ۾ جدا جدا مانسڪ مسئلن لاءِ ماهرن طرفان علاج ۽ ڪائونسلِنگ ڪئي ويندي آهي. ٽيلي مانس هيلپ لائين تي ٽيليفون ڪرڻ تي اسانجي ڏنل ڄاڻ پوري طرح ڳجهي رکي ويندي آهي. ان ڪري شاگرد بنا هٻڪ جي پنهنجا مسئلا ان هيلپ لائين نمبر تي فون ڪري ٻڌائن ۽ من ۾ هوندڙ سوال پڇن ۽ پنهنجي مسئلي بابت مدد وٺجي ۽ ٻين کي بہ مدد وٺڻ لاءِ چئجي.

## منو درپڻ

منو درپڻ (8448440632) مفت ٽيليفون سيوا جولاءِ 2020 کان تعليمي کاتي ذريعي راشٽريہ شئشڪ سَنشوڌن ۾ پرشڪشڻ پريشد جي منو درپڻ روُم ذريعي شاگردن، مائٽن ۽ ماسترن کي منووگيانڪ سمجهاڻي ۽ مدد ڏيڻ لاءِ صبح 8 کان شام 8 تائين هفتي جا سڀ ڏينهن ميسر ڪرايل آهي. شاگرد، مائٽ ۽ ماستر ضروري رهبري ۽ ڪائونسلنگ لاءِ هن هيلپ لائين تي پڻ فون ڪري سگهن ٿا.

سرڪاري فيصلو نمبر : اَڀياس ٢١١٦ (پر.ڪر ١٦ / ٤٣) ايس .ڊي ٤ تاريخ ٢٥-٠٤-٢٠١٦
موجب اِسٿاپت ڪيل ڪو آرڊينيٽنگ ڪاميٽيءَ جي تاريخ ٠١-٠٦-٢٠٢٦ جي ميٽنگ
۾ هن درسي ڪتاب کي سنه ٢٠٢٦-٢٠٢٧ کان مختصر طور منظوري ڏني ويئي آهي.

# پيشيور سکيا

## درجو ڇهون



مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي و اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي-٤١١٠٠٤

پرواري چؤڪٽ مان QR Code سمارٽ فون ذريعي اِسڪئين ڪرڻ سان توهانکي درسي ڪتاب ۾ درسي ڪتاب جي سبقن بابت ڏسجندڙ ۽ ٻڌجندڙ ساهتيه حاصل ٿيندو.

چاپو پهريون :
جون ٢٠٢٦

© مهاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي - ۴١١٠٠۴

مهاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، وٽ هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آهن. هن ڪتاب جو ڪوبہ ٽڪر ڊائريڪٽر، مهاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پستڪ منڊل جي لکيل اِجازت کان سواءِ ڪٽي نٿو سگهجي.

## * پيشيور سکيا نينڊ ڏنل ڪاميٽي ميمبر *

ڊاڪٽر پرديپ ڀيمراو ڪانڊيڪر
شري يوگيش اشوڪ نگر ديوڙيڪر
شري پوشڻ وشٽو ڪُلڪرڻي
شري رام گيانوبا چوڌري
شري سريندر نرنجن وانکيڙي
شري تشار ونايڪ آهير
شري اَنيروڌ شباش راو نائيڪ
شري پرڪاش گجانن راڻي
شري ناگوراو پوچيرام ماچاپوَري
شرِي وڄيہ گوپاڙا راو آگم
شريمتي آشا راهول ڪوڙي
شريمتي ميناڪشي پرياڪر ميروڪر
شري ڪرشڻا اَنباداس چوهاڻ
شريمتي ميوري شرڊپوار
شري وڄيہ سينهہ شواجي رو ڪدم
شريمتي ڪومل قدم
شريمتي ديپالي جوگدنڊي (اَڀياسڪرم ڪو-آرڊينيٽر)
ڊا. اَجيہ ڪمار لوڙگي (ميمبر سيڪريٽري)

## * نرمتي *

شريمتي مِتالي شِتپ
اِنچارج مکيہ نرمتي اڌڪاري

شري پرشانت هرڻي
نرمتي اڌڪاري

## * سنيوجڪ *

ڊا. اَجيہ ڪمار لوڙگي
وشيش اَڌڪاري ڪاريانيؤ
اِنچارج وشيش اَڌڪاري ڪلا
پاٺيہ پستڪ منڊل، پڻي.

## * سنيوجڪ *

شريمتي ميران مهيش گدواڻي
اِنچارج وشيش اَڌڪاري سنڌي

ٽائيپ سيٽنگ :
راڪيش جئرامداس ماکيجا، اُلهاسنگر

ترجمو ڪندڙ : شري هريش ڪُڪريجا
چڪاس ڪندڙ : شري اَشوڪ مُکتا

ڪاغذ : ٧٠ جي. ايس. ايم ڪريم وو
پرنٽنگ آرڊر:
ڇاپيندڙ :

## * معيار جاچ ڪندڙ *

ڊا. يوگيش ڪُلڪرڻي
(معيار جاچ ڪندڙ)
ڊا. اَجيہ مهاجن
(چڪاس ڪندڙ)
اَئڊ. سنديش ساڪري
(قانوني ماهر)
ڊا. اَتُل جاڌو
(CWSN ماهر)

## * ڪور پيج ۽ چترڪاري *

شريمتي يوگيتا سوُتار
شري لڪشمي ڪانت ڪالي
ڪماري پراجڪتا ڪيرڪر

## * پرڪاشڪ *

شري هيمنت بابر
(اِنچارج ڪنٽرولر)

پاٺيہ پستڪ نرمتي،
پرڀاديوي، ممبئي-٢۵.

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪُ مڪمل طور خودمُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيه بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ انهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي :

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ، ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ ڇويهين نومبر، ١٩٤٩ جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## ڀارتيہ سنوِڌان

### باب - چوٿون الف

## ناگرڪن جا بنيادي فرض

**قلم : 51 A**

**بُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :**

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرشن ۽ سنسٿا جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڦوڪيو، اُنهن جي سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(ٻ) ڀارت جي ايڪتا، اکنڊتا ۽ سمپورڻتا جي رکشا ڪندو.

(ڀ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(پ) سڀني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پيُدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، کيترواد جي ڀيدڀاءُ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، انهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شانداروِرثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٿ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سڀني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٽ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوُچ ۽ سڌاري جي ڀاوناکي اَهميت ڏيندو.

(ث) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنساکان پري رهندو.

(ٺ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سڀني کيترن ۾اَڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جئن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇهي.

(ک) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ اهيَ تہ اهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻارکي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو. جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ۾هجي.

## راشٽر گيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اَڌينايَڪ جَيَہ هي،
ڀارَت ڀاڳِيہ وڌاتا
پَنجابَ، سِنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،
دراوڙَ، اُتڪَلَ، بَنگَ،
وِنڌيَہ، هِماچَلَ، يَمُنا، گَنگا،
اُڇَڇَلَ، جل ڌِ تَرَنگَ،
تَوَ شُڀَ نامي جاڳي،
تَوَ شُڀَ آشيس ماڳي،
ڳاهي تَوَ جَيَہ - ڳاٿا،
جَنَ گَڻَ - مَنگَلَ دايَڪ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳِيَہ وڌاتا،
جَيَہ هي، جَيَہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي،

## پرتِگيا

’ڀارت منهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي ان جي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي ڳؤرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن مٽن مائٽن، اُستادن ۽ سڀني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس .

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ ئي منهنجو سک سمايل آهي.‘

## राज्यगीत

जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा ।।धृ।।

भिती न आम्हा तुझी मुळी ही गडगडणाऱ्या नभा
अस्मानाच्या सुलतानीला जबाब देती जिभा
सह्याद्रीचा सिंह गर्जतो शिव शंभू राजा
दरी दरीतून नाद गुंजला महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा ।।१।।

काळ्या छातीवरी कोरली, अभिमानाची लेणी
पोलादी मनगटे खेळती, खेळ जीवघेणी
दारिद्र्याच्या उन्हात शिजला
निढळाच्या घामाने भिजला
देश गौरवासाठी झिजला
दिल्लीचे ही तख्त राखितो, महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा ।।२।।

# پرستاونا

شاگرد دوستو،

درجي ڇهين جي ڪلاس ۾ توهان سڀني جو سواگت درجي ڇهين جي ’پيشيور سکيا‘ اِهو درسي ڪتاب توهانجي هٿن ۾ ڏيندي بيحد خوشي ٿي رهي آهي.

جديد، مشيني ۽ ٽڪنيڪ جي يگ ۾ هنر تي آڌارت تعليم کي خاص اَهميت آهي. راشٽريہ سکيا نيتيءَ موجب شاگردن ۾ محنت، سرجن شيلتا، مسئلو حل ڪرڻ جي لياقت ۽ پاڻ روزگار جي ورتي وڪاس ڪرڻ تي زور ڏنو ويو آهي.

تعليم مطلب رڳو ڪتابي ڄاڻ ڪونهي، پر ضروري هنر پرائڻ جي پرڪريا آهي. پيشيور سکيا جي ڪري ساهوڻن جي آڌارت ڪم، مشين ۽ سامان گڏ ڪم ۽ اِنساني سيوا جا ڪاريہ اهڙن ٽن ڪارين جي پراٿمڪ سڃاڻپ ٿيندي. اِن وشيہ جي ماڌيم ذريعي توهين الڳ الڳ ڪارين جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ وارا آهيو. ساڻن ڪم آڻڻ وارا آهيو. تيئن ٿي پروجيڪٽ پورا ڪرڻ وارا آهيو. پنهنجي چاهہ موجب پاڻ ڪاريہ ڪري نون هنرن جو وڪاس ڪرڻ ايندو. روزمرهہ جي جيون ۾ اِهي هُنر پڪ ئي پڪ ڪم ۾ ايندا.

درسي ڪتاب جا پروجيڪٽ ويچار ڪرڻ لاءِ، نئون نرماڻ ڪرڻ لاءِ مدد ڪندا. ڪي پروجيڪٽ توهان کي اَڪيلو، تہ ڪي پروجيڪٽ گروپ ۾ ڪرڻا آهن. سکڻ سان گڏ ڪيتر دؤرو بہ ڪتاب ۾ ڏنل آهي ڪيو آر ڪوڊ ذريعي مليل ڄاڻ توهان کي ضرور وڻندي. اِهو درسي ڪتاب سمجهڻ وقت توهانکي وڌيل ياڱو ۽ ساڳيءَ ريت اِن ۾ اَڃان ڇا هئڻ گهرجي. اِن بابت اَسانکي ضرور ٻڌائجو. اِهو درسي ڪتاب توهان کي ضرور وڻندو اِهو وشواس آهي.

هلو تہ پوءِ اُتساهہ، جڳياسا سان ۽ آتم وشواس سان پيشيور سکيا جو تعليمي سفر شروع ڪريون. توهان جي روشن آئيندي لاءِ دل سان شُڀ ڪامنائون.

(انوراڌا اوڪ)
ڊائريڪٽر
مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي
و اڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

پُڻي
تاريخ : ١ ميءِ ٢٠٢٦
ڀارتيہ سوريہ تاريخ : ١١ ويساک سنبت ١٩٤٨،
مهاراشٽر ڏينهن

# ڪتاب جي باري ۾

قومي سکيا نيتي (NEP) ۲۰۲۰ ۽ راڄيہ اَڀياس ڪرم يوجنا ۲۰۲۴ اَنوسار درجي ڇهين کان پيشور سکيا اِهو وشيہ اسڪولي سطح تي شامل ڪيو ويو آهي. هن اڀياس ڪرم ۾ پئدا واري ڪمن کي ٽن گروهن ۾ ورگيڪرڻ ڪيو ويو آهي.

۱. ساهوار تي مدار رکندڙ ڪم، ۲. مشينن ۽ سامان سان ڪم، ۳. انساني سيوائن وارا ڪم.

پئداوار جي ڪمن لاءِ مختصر لياقتن جو واڌارو هن ڍاڪي تي ٿيندڙ، هيٺ سبب ڪم کي انهن ٽن گروهن ۾ ورهايل جدا جدا ڪريائن مان تعليم جي سڃاڻپ ڪري ڏيڻ اهو هن جو مهتو جو اُديش آهي. هر هڪ ڪلاس ۾ هرهڪ گروهہ جو هڪ ائين تي پروجيڪٽ ڪٽڻ جي اُميد ڪئي وڃي ٿي. ان مان ڇهين درجي کان اَٺين درجي تائين ڪل ۹ پروجيڪيٽ پورا ڪري سگهبا. هي درسي ڪتاب ٺاهڻ وقت راڄيہ اَڀياس ڪرم يوجنا ۾ بڌايل اَڀياس ڪرم جا چار اُديش، بنيادي آڌار طور مڃيا ويا آهن.

- CG1 - پرائمري هنر جو واڌارو ڪرڻ ۽ ڪمن لاءِ سامان / طريقا امن جو گيان وڌائڻ
- CG2 - ڪم جي دنيا ۾ پيشه هنر ۽ پيشي جو پيشهہ استان ۽ ڪارائتو هيٺ سمجهڻ
- CG3 - جدا جدا ڪيترن ۾ ڪم ڪندي ضروري سکيائون ۽ ريتين جو وڪاس ڪرڻ
- CG4 - گهر جي ڪم ۾ مدد ڪرڻ ۽ ان لاءِ يوڳدان ڏيڻ لاءِ بنيادي هنر ۽ لاڳاپي گيان جو وڪاس ڪرڻ

مٿيان اُديش پورا ڪرڻ لاءِ هن ڪتاب ۾ الڳہ الڳہ قسمن جا تجربا ڪرڻ جي ريت شامل ڪيل آهي. هن ڪتاب ۾ ڇهہ پروجيڪٽ ڏنا ويا آهن. ڪم جي هر هڪ نموني ۾ ٻہ پروجيڪٽ ڏنل آهن.

شاگرد هر هڪ نموني ۾ هڪ ائين ڪل تي پروجيڪٽ چونڊي سگهي ٿو. اِنهن ٽن گروهن ۾ وهندڙ ۽ مڪاني حالتن جو ويچار ڪندي مٿيون اُديش پورو ڪندڙ کي ٻہ پروجيڪٽ ، اسڪول پنهنجي سطح تي تيار ڪري سگهي ٿو.

پرجيڪٽ ۱: اِسڪولي پرس باغ تيار ڪرڻ، اِن ۾ شاگرد اِسڪول جي ميدان تي يا ڪونڊين ۾ پرس باغ تيار ڪرڻ ۽ ان جي سار سنڀال لهڻ ۾ ڀهرو وٺندا. چيتن ڪيتيءَ جي اهميت کي سمجهي ٿو. اُهي ڪيترن تي وڃي ۽ تجربن دوران جدا جدا ڪيتيءَ جي باري ۾ سکندا.

پروجيڪٽ - ۲: جيو علحدگي نوٽ/درج ڪرڻ لاءِ ڪاپي ٺاهڻ. ان ۾ شاگرد اسڪول جي ماحول ۾ آس پاس جي پسگردائيءَ ۾ جدا جدا ساهوارن جو اَڀياس ڪندا ۽ انهن کي درج ڪندا. اُهي ونسپتي، پراڻي ۽ جيتن جون جدا جدا ذاتيون سڃاڻي سکندا. قدرتي ماحول ۾ پنهنجو رول سمجهي وٺندا. اهو پروجيڪٽ انهن جي جاچڻ جي ڪلا/هنر کي وڌائيندو ۽ جيو علحدگيءَ جو گيان ۽ سڌاري بابت مهتو سکندا. اِن سبب اُنهن ۾ پرياورڻ جي لاءِ جوابداريءَ جي ڀاونا ۽ قدرتي رهائشي آستانن جي حفاظت جي اهميت جو پڻ وڪاس ٿيندو.

پروجيڪٽ - ٣: تيار ڪرڻ جو هنر ان پروجيڪٽ ۾ شاگرد رانديڪا تيار ڪرڻ ۽ سائيڪل جي سار سنڀال لهڻ. انهن جهڙا جدا جدا تجربا ڪندا. ڪارائتيون يا ڪلاتمڪ شيون تيار ڪرڻ جي لاءِ اُهي جدا جدا ساڌن ۽ سامان ڪم آڻي سگهندا. ان سبب انهن جي ڪرڻ جو شونق، مسئلا حل ڪرڻ جي لياقت ۽ ٽيڪنيڪي هنر ۾ واڌارو ڪندا. ان سبب شاگرد ڊزائين، انجنيئرنگ ۽ پئدا ڪرڻ جي ڪيترن لاءِ تيار ٿيندا.

پروجيڪٽ ٤: اينيميشن ۽ گيمس اِهو پروجيڪٽ شاگردن کي ڊجيٽل جڳياسا جي بنيادي ڳالهين جي سڃاڻپ ڪري ڏيندا. اُهي انيميشن ۽ گيمس ڊزائين تيار ڪرڻ سگهندا. ان سبب ڪوڊنگ - گرافڪ ڊزائين ۽ ڪهاڻيون ٻڌڻ - ٻڌائڻ جي هنر کي پراپت ڪندا. انهن جي ٽيڪنيڪ هوشياري، سوچ شڪتي ۽ نتيجا وٺڻ جي ويچار لياقت سڌرندي.

پروجيڪٽ ٥: اسڪولي شيون ميوزيم اهو پروجيڪٽ شاگردن کي انهن جي ڪٽنب ۽ آس پاس جي اتهاس، سنسڪرتيءَ بابت ڄاڻ وٺڻ، ان سان لاڳاپي ساڌن گڏ ڪرڻ ۽ نمائش ڪرڻ، پيش ڪرڻ ۽ بندوبست ڪرڻ بابت ڪلا ۽ هنر جو واڌارو ڪرڻ ۾ مدد ڪندو. اُهي ڪوچ، دفتر ناهي رکڻ ۽ نمائش ڪرڻ جو هنر سکندا. ان پروجيڪٽ سبب پنهنجي سنسڪرت ورثي بابت عزت پئدا ڪرڻ، ٽيڻ جي ڪلا وڌندي ۽ گروهن ۾ ڪم ڪرڻ جي لاءِ اتساهه وڌندو. اهو شاگردن کي انهن جي سوچ ويچار جي شڪتيءَ کي موقعو ڏيڻ ۽ ڪٽنب ۽ سماج سان جڙيل رهڻ لاءِ پڻ سيڪاريندو.

پروجيڪٽ ٦: باهه بنا رڌ پچاءُ. ان پروجيڪٽ ۾ شاگرد باهه جو اُپيوگ نه ڪري قوت بخش کاڌو تيار ڪرڻ جي ڪلا سکندا. اُهي خوراڪ، کاڌي جي حفاظت ۽ رڌ پچاءُ جي سوچ بابت ڄاڻ وٺندا. اهو پروجيڪٽ هنن کي وهنوار ۾ جيون جون ڪلائون، صحتمند کاڌو ۽ ضرورت انوسار يا ٿورن ئي ساڌنن ۾ کاڌو ڪرڻ جي ڪلا سکندا. ان سبب گروهن ۾ ڪم ۽ کاڌو رڌڻ جي پرڪريا جو آنند وٺڻ ۾ اُتساهه وڌندو.

### خاصيتون ۽ مُلهه ماپڻ

سڀني پروجيڪٽن ۾ پارتيه گيان پرمپرا، مُلهه، ورثو، جنسي سوچ، سنويدنشيلتا ۽ سروَ سماويشڪتا جهڙن وشين کي شامل ڪيو ويو آهي. جُدا جُدا حرڪتن ۾ ڪيل سوچ وڌائيندڙ ۽ ويچار ڪرڻ تي لڳائيندڙ سوال شاگردن کي رُڌل رکندا ۽ مُلهه ماپڻ سان مزيدار تعليم جو اُتساهه وڌائيندا : سکڻ وڌيڪ مزيدار ڪرڻ لاءِ وشيه سان لاڳاپو رکندڙ چتر تيار ڪيل آهن.

عملي ڪم جي سمجهڻ بابت چڪاس لاءِ بابن ۾ سوال پڻ شامل ڪيل آهن. ’سوچيو ۽ جواب ڏيو‘ ۾ ڏنل پروجيڪٽ جي پڇاڙيءَ ۾ ڏنل سوال شاگردن ۾ سوچ ويچار، انداز لڳائڻ جي ڪلا، پنهنجي راءِ ڏيڻ ۾ وشليشڻ ڪرڻ کي اُتساهت ڪرڻ جي خيال کان تيار ڪيل آهن. پروجيڪٽ ڪرڻ لاءِ اُن ۾ ڏنل سڀ عملي ڪم شاگردن کان ڪرائي وٺڻ ضروري آهي.

شاگردن کي اِهي پروجيڪٽ ڪندي ضروري آنند ايندو ۽ ان سبب هنن ۾ گهربل لياقتون وڌڻ ۾ مدد ملندي.

سوچنا : هن ڪتاب ۾ ٽيڪنيڪ بابت ڄاڻ ڏيڻ لاءِ ڪجهه ائين جو بيان ڪيل آهي پر انهن جو اُپيوگ فقط مثال طور ڪيل آهي. ڪنهن به ڪمپنيءَ يا ماڻهو جو پرچار ڪرڻ اِهو هن سنسٿا جو مقصد نه آهي.

# قومي سکيا نيتي ٢٠٢٠

نظريو ۽ مُدا:

قومي سکيا نيتي ٢٠٢٠ ۽ راجيہ اَيپاس ڪرم يوجنا ٢٠٢۴ ۾ درجي ڇهين کان پيشه تعليم اِهو وشيہ مکيہ وشيہ جي روپ ۾ شامل ڪيو آهي. ان ۾ پئدا ور ڪمن جا ٽي گروپ ڪيا ويا آهن.

راجيہ اَيپاس ڪرم يوجنا ٢٠٢۴ ۾ پئدا وار ڪم جا ٽي تفصليوار گروپ ڪيا آهن.

١. ساهوار تي آڌار رکندڙ ڪم : ان ۾ رونسپتين ۽ جانورن سان ڪم ڪرڻ سمايل آهي. مثال : ٻاچين جو باغ (پرس باغ) تيار ڪرڻ ۽ جانورن جي سار سنڀال لهڻ.

٢. مشينيون ۽ سامان جي مدد سان ڪم: هن ۾ سامان سان گڏ (مثال: پنو، ڪاٺ، متي ۽ ڪپڙو) ڪم ڪرڻ ۽ بنيادي ساڌن (مثال: ڪئنچي، باغ ۾ ايندڙ ڪُرپيون، چاڪوُ ۽ هاٿوڙو، اِسڪرو ڊرائيور وغيرهہ) ساڳئي نموني مٿين (مثال: ليور، گسڪٽي، اِسڪووُ، ڦيٿو ۽ اَڪسل) کي شامل ڪيو ويو آهي.

٣. ماڻهوءَ جي شيوائن مان ڪم : ماڻهن جي گهرجن کي سمجهي وٺڻ ۽ اَسان اُنهن کي ڪيئن مدد ڪري سگهون ٿا. اهو سمجهي وٺڻ لاءِ ماڻهن سان گفتگو ڪرڻ سمايل آهي. خاص سيوائون ڏيڻ لاءِ گهربل ڪريائون ۽ ساڌن سمجهي وٺڻ ۽ اُن لاءِ ڳالهہ ٻولهہ جو هنر ڪم آڻڻ جي اُميد ڪئي وڃي ٿي. مثال: صحت سيوا، سماج سيوا ۽ تعليم، ڪاڏي جي سيوا، گروپ جي سيوا.

پئداوار ڪمن لاءِ تفصليوار لياقتن جو وڪاس، هن ڏاڪي تي ٿئي ٿو. ان لاءِ ڪمن کي انهن ٽن گروپن ۾ ورهايل عملي ڪمن مان تعليم جي سڃاڻ ڪري ڏيڻ اهو ان جو مهتو پريو مقصد آهي. هرهڪ درجي ۾ گروهہ مان هڪ لائين پروجيڪٽ هٿ ۾ کڻڻ جي اُميد ڪئي وڃي. ان ڪان ڇهين ڪان اَٺين تائين ڪل ٩ پروجڪيٽ پورا ڪري سگهجن ٿا.

اِسڪول، پاڙ وٽ موجود ساڌن ۽ مڪاني حالت جو اَيپاس ڪري مٿئين ٽن گروهن مان هرهڪ اِئين ٽي پروجيڪٽ چونڊٽا آهن. درجي ڇهين جا شاگرد پورا ڪري سگهندا. اهڙا هر هڪ گروهہ مان ٻن پروجيڪٽن جا مثال هن ڪتاب ۾ تفصليوار ڏنل آهن.

پروجيڪٽ جي يوجنا سٺي نموني ڪيئن ڪجي، ۽ ان ۾ ڪهڙا وشيہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجن. راجيہ اَيپاس ڪرم يوجنا ٢٠٢۴ جي اَيپاس ڪرم جا مقصد ڌيان ۾ رکي پروجيڪٽ ڪيئن ڪجي. اِن جو هي مثال آهي.

اِنهن مثالن کان سواءِ پنهنجو خود جو ڪم الڳ پروجيڪٽ تيار ڪرڻ لاءِ هن ڪتاب ۾ هڪ نمونو (ضميمو - ١) پڻ ڏنل آهي.

هن ڪتاب جي رچنا هينين مُدن تي آڌار رکندڙ آهي.

١. پيشهہ تعليم جي سولائيءَ سان سڃاڻپ : هاڻ اِسڪولي سطح تي پيشهہ تعليم پهريون دفعو شروع ڪيو وڃي ٿو. ماستر يا شاگردن تي ان جو ڪنهن بہ قسم سان بوجهو نہ وجهندي اها تبديل ممڪن سؤلي طريقي ڪرڻ جو مقصد آهي.

٢.  جدا جدا ساڌنن جي مؤجودگيءَ انوسار پروجيڪٽن جا مثال: ماهر ماڻهن، ساڌنن ۽ سامانن جي موجودگيءَ انوسار جدا جدا ساڌن ڪم آڻي اسڪول جيڪي پروجيڪٽ هٿ ۾ کڻي سگهندا. اهڙن پروجيڪٽن جا مثال هن ڪتاب ۾ ڏنا ويا آهن.

٣.  سکڻ مان نتيجن جو پاڻ ۾ ڀيٽ ميل : ڪتاب جي رچنا ڪرڻ وقت ڇهين درجي لاءِ مقرر ڪيل سکڻ جي نتيجن ۽ انهن سان لاڳاپي لياقت حاصل ٿيندي ان ڳالهه جي خاطري آهي.

٤.  پروجيڪٽن ۾ صحيح رچنا : سڀ پروجيڪٽ هڪ ئي ڍنگ سان ٺاهيا ويا آهن. هر هڪ پروجيڪٽ هڪ خاص روپ ريکا سان ڪم ڪندو ۽ سيني جي سکڻ جا نتيجا ساڳيا رهندا.

٥.  پروجيڪٽ ۾ جملن ۾ ساڳياپ : پروجيڪٽ ۾ جدا جدا ڪريائون ڏنل آهن. تنهن هوندي به اِهي ڪريائون ڪجهه سيکاريندڙ يون. ڪريائون هڪ ٻئي سان جڙيل هئڻ گهرجن جنهن سبب سکڻ ۾ ترقي ٿيندي.

٦.  شاگردن کي مرڪز بڻائڻ : سيکاريندڙ کي شاگردن سان چرچا ۾ رهڻ گهرجن. انهن هٿ ۾ ڪنيل ڪريا تي آذار رکندڙ پنهنجي سکيا ۽ ويچار نوٽ ڪرڻ جا موقعا ڏيڻ گهرجن.

٧.  ماسترن جي لاءِ راهه : پهريون دفعو پيشهه تعليم سيکاريندڙ ماسترن کي پروجيڪٽ ڪرائڻ لاءِ هڪ يوجنا ڏني ويئي آهي. اُنهن کي شاگردن مان کهڙيون اُميدون رکڻ گهرجن ان جي باري ۾ راهه ڏيکاريل آهي. راجيہ اَڀياس ڪرم يوجنا ٢٠٢٤ ۾ اُنهن مان ڇا اُميدون آهن اهي سمجهي وٺڻ لاءِ پڻ مدد ڪئي ويئي آهي.

٨.  مُلهه سيکارڻ : هن ڪتاب ذريعي شاگردن کي جدا جدا ڳالهيون ڪرڻ جي ، نئيون سڦلتائون درج ڪري لکڻ، پنهنجا ويچار ڏي - وٺ ڪرڻ جي ، دوستن سان ملي ڪم ڪرڻ جي، وري وري ڪوشش ڪرڻ جي، سوالن جوابن ڏيڻ جي. سوچ ويچار ڪرڻ جي ۽ ٿوري ۾ اِئين ڪٿي ڇٽجي ته ڪم سان لاڳاپو رکندڙ مُلهن جا آزمودا وٺڻ لاءِ موقعو ڏنو ويو آهي.

٩.  پروجيڪٽ ڏيڻ جو نظريو: شروعاتي تياري، نوٽ ڪرڻ، ويچار ڪرڻ، ۽ انهن جزن سان گڏسِڏو عملي ڪم ڪرڻ لاءِ ڌيان ڏيڻ گهرجي. عملي ڪم ڪرڻ سان تعليم ملڻ گهرجي. ان مقصد سان ممڪن اوترو بنيادي ڪريائون جيڪي شاگرد هيئنر رکي رهيو آهي ۽ انهن جي آس پاس جيڪي سولائيءَ سان ڏسي سگهن ٿا ان تي آذار رکندڙ هئڻ گهرجن.

هي ڪتاب ماسترن کي سيکارڻ جي باري ۾ ۽ جدا جدا پاڱن ۾ ڏنل سوالن جي مدد سان شاگردن جي سکيا تڪ طور (ڪٿ) ڪرڻ لاءِ راهه ڏيکاري ٿي. اِئين هوندي به ماستر تڪ طور لاءِ پنهنجا ساڌن ۽ مشينيون ٺاهن.

هن ڪتاب ۾ ماستر، هيڊ ماستر ۽ شاگردن لاءِ اهميت واريون ڳالهيون ڏنل آهن. ان ۾ ضميمو ڏنل آهي. اُن جو اُپيوڳ ماسترن کي درجي ڇهين جي پيشه تعليم پروجيڪٽ جي عملي ڪمن کي عمل ۾ آڻڻ وقت ٿيندو.

# اسڪول جي هيڊ ماستر ۽ ٻين ماسترن لاءِ

قومي سکيا نيتي ٢٠٢٠ (NEP) جا مقصد پورا ڪرڻ لاءِ اسڪولي تعليم، راجيہ اَپياس ڪرم يوجنا ٢٠٢٤ جي انوسار درجي ڇهين کان پيشه تعليم، اِهو وشيہ الڳ وشيہ ڏنو ويو آهي. ان وشيہ جو مقصد عملي ڪمن مان تعليم، محنت لاءِ چاهہ، ۽ ڪم جي جدا جدا ڪيترن جي آزمودن مان پيشي لاءِ لياقت جو وڪاس ڪرڻ اهو آهي. ان جي سڦل، پيروي ڪرڻ سان سيني پيشين جو مان رکندڙ، جوابدار ۽ آتم وشواس هوندڙ ۽ پئداوار ڪندڙ ناگرڪ بڻائڻ ۾ مدد ڏيندي. پيشه تعليم سبب شاگردن کي ٻين وشين جا پد ۽ ويچار عملي جيون ۾ ڪم آڻڻ جو نظريو حاصل ٿيندو.

درجي ڇهين جو شاگرد هر هڪ گروهہ جو هڪ پروجيڪٽ هٿ ۾ ڪٽندو. هن پروجيڪٽ جو سلسلو نمبر سان مهتو جو نہ آهي. پر تعليمي سال ۾ سڀ پروجيڪٽ پورا ٿيڻ ضروري آهن. هڪ پروجيڪٽ هڪ ئي وقت يا هڪ ٻئي جي پنيان وني سگهجن ٿا. شاگردن جو عدد، ميسر ساڌن ۽ پروجيڪٽ جو روپ اِن انوسار شاگردن جا گروهہ تيار ڪري پروجيڪٽ ڪري سگهجن ٿا.

پروجيڪٽ شروع ڪرڻ کان اڳ ان سان لاڳاپو رکندڙ ٻين وشين سان تال ميل وٺڻ ضروري آهي.

هن ڪتاب جي پروجيڪٽ جي رچنا سکڻ مان نتيجن جي انوسار ڪئي ويئي آهي. ان جا عملي ڪم ڪرڻ وقت هيٺين ڳالهين ڌانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي.

١. ڪم ڪرڻ لاءِ ساڌن/اوزار ڪم آڻڻ.

٢. ڪم کي ننڍن ننڍن ٽڪرن ۾ ورهائي چا ڪرڻو آهي. اهو سوچ ويچار ڪرڻ ۽ ان انوسار آخرين نتيجن تي پهچڻ

٣. سلامتيءَ جا نيم پالن ڪري پروجيڪٽ تيار ڪرڻ ۽ ساڌن ڪم آڻڻ

٤. اسڪولي عملن جو پسگردائيءَ جي يا ٻين ڪمن جي ڪيترن سان لاڳاپو جوڙڻ.

٥. ڪم جي انداز ۽ درجي انوسار ڪٽ / ملهہ ماپڻ ڪرڻ

٦. گروهہ ۾ هڪ ٻئي سان سهڪار سان ڪم ڪندي هر هڪ ڪريا ۾ شاگردن کي شخصي ڀهرو وٺڻ گهرجي.

٧. اسڪول ۾ سکيل ڳالهين کي روز مرهہ جي جيون ۾ ڪم آڻڻ

٨. شاگردن کي لازمي طور پروجيڪٽ جي عملي ڪم ۾ ڀهرو وٺڻ گهرجي.

اِن ڪريا مان شاگردن ۾ محنت لاءِ پيار جاڳندو ۽ ڪوبہ ڪم مهان يا گهٽ درجي جو نہ هوندو آهي. اها ڀاونا پئدا ٿيندي

### سيکارڻ جو شاستر

- ساڻن ۾ ڄاڻو: پروجيڪٽ لاءِ لڳندڙ ساڌن، جيڪي ۽ راهه ڏيکارڻ مثال تڪنيڪي ڪم ڪندڙ، ڪسان، ڪاريگر، انجنيئر) انهن جي چونڊ پسگردائيءِ مان ڪئي وڃي. ڪيترن تي وچڙ ۽ پيشي ڪندڙ سان ڳالهه ٻولهه ڪي پروجيڪٽ ۾ شامل ڪرڻ گهرجي.
- ڪريائن ڪي اهميت : پئداوار کان وڌيڪ ”عمل ڪرڻ جي ڪريا ڪي ۽ چاهه سان ڪم ڪرڻ تي زور ڏنو وڃي. گروپن ۾ ڪم، ڪم لاءِ ضد ۽ پنهنجائپ جهڙن ملهن ڪي همٿايو.
- سيني ڪي شامل ڪرڻ : ڪم جي ورهاستن ۾ جنس ڀاوُ يا سماجڪ گروپن تي آڌار رکندڙ ڪوبه ڀيد ڀاوَ نه ڪريو. خاص گهرجون هوندڙ شاگردن لاءِ پروجيڪٽ ۾ ضروري تبديل آڻيو.

### پروجيڪٽ جي چونڊ بابت فيصلا:

اسڪول ڪتاب جي پروجيڪٽ کان سواءِ پنهنجا پروجيڪٽ چوندي سگهو ٿا. پر انهن ۾ هيٺيون ڳالهيون هئڻ گهرجن.

- درجي ڇهين جي شاگردن جي لاءِ مناسب هئڻ گهرجن.
- ٻين وشين سان لاڳاپو هجي.
- شاگردن کي ماهر ماڻهن سان گفتگو ڪرڻ جي ۽ ڪم جو آزمودو وٺڻ جو موقعو ڏنو وڃي.
- جيون ۾ ڪم ايندڙ هنر ۽ محنت جا ڪم انهن جو وڪاس ڪرڻ گهرجي.

( ان جو تفصليوار بيان ضميمه - ١ ۾ ڪيل آهي)

* پروجيڪٽ ۾ سمايل سڀ عملي ڪم ڪرائي وٺڻ لازمي آهن.

### مهتوَ جو:

سلامتي اُپاوَ

- شاريرڪ سلامتي: ساڌن ڪم آڻڻ وقت سلامتيءِ جي نيمن جو عملي ڪم شاگردن کي ڏيو.
- ڪيترن تي وڃڻ درميان شاگردن جي سلامتيءِ جو پورو خيال رکو.

انٽرنيٽ سلامتي : انٽرنيٽ يا هترادو ذهانت (AI) ساڌن ڪم آڻڻ وقت شاگردن کي گهرجي ته شخصي ڄاڻ ڪٿي به نه وجهو\کوليو. ماسترن جي نظر هيٺ ڪم ڪريو. انٽرنيٽ ڪم آڻڻ کان اڳ ان جي باري ۾ سلامتيءِ جا نيم ماسترن جي لاءِ ٻڌائڻ لازمي آهن.

## شاگردن جي لاءِ

**شاگرد دوستو،**

درجي ڇهين جي ڪلاس ۾ توهان جو سواگت. توهان هن ڪلاس ۾ 'پيشه تعليم' اهو نئون وشيہ سکڻ وارا آهيو. ان لاءِ هي درسي ڪتاب تيار ڪيو ويو آهي.

الڳ الڳ قسمن جي ڪمن بابت ڄاڻ پرائڻ ۽ اهي ڪم پاڻ 'ڪيئن ڪجن' اِهو سکڻ ۾ هي وشيہ مدد ڪندو.

جنهن وقت توهان ڪم جي باري ۾ ويچار ڪريو ٿا، ان وقت ٻہ ڳالهيون هميشه ڌيان ۾ رکو.

١. سڀ ڪم اَهميت وارا هوندا آهن.

٢. ماڻهو فقط پئسا ڪمائڻ لاءِ ڪم نہ ڪندا آهن، تہ پنهنجي سڃاڻپ ٺاهڻ، جيون وڌيڪ مزيدار ۽ آنندائي بڻائڻ لاءِ پڻ ڪم ڪندا آهن. روز مره جي جيون ۾ توهان ماڻهن کي قسمين قسمين ڪم ڪندي ڏٺو هوندو. پيشه تعليم سبب وهنوار جون ڳالهيون ۽ ڪم جي دنيا سمجهي وٺڻ ۾ مدد ٿيندي. پروجيڪٽ توهان کي پنهنجن هٿن سان ڪم ڪرڻ، دوستن سان گروهہ ۾ ڪم ڪرڻ ۽ جيون ۾ پنهنجو پاڻ تي ڀاڙڻ جي لاءِ هنر سکڻ ۾ مدد ڪندي.

هن ڪتاب جو اُپيوگ ڪيئن ڪجي؟

اَسان کي ڇاڪرڻو آهي. اهو ويچار اڇڻ لاءِ سڀ کان پهريائين پروجيڪٽ جي پرستاونا پڙهو.

**گهربل سامان :** هر هڪ عملي ڪم جي شروعات ۾ ڏنل سامان جي لسٽ پڙهو ۽ اهي سامان گڏ ڪريو.

- **ڏاڪا عمل ۾ آڻيو:**

١. پروجيڪٽ جي هرهڪ عملي ڪم جا نمبروار سلسلي موجب ڏاڪا ڏنل آهن. هرهڪ عملي ڪم (ريت) پوري ڪرڻ لاءِ انهن جو پالن ڪريو. تڪڙ نہ ڪريو. ۽ اڳلي ڪم ڏانهن وڃڻ کان اڳ ، پهرين عملي ڪم (ريت) سمجهي وٺو.ڪيتر تي وچڻ وقت چاڙو ۽ ماهر ماڻهن سان گفتگو ڪري مهتو جون ڳالهيون نوٽ ڪريو.

٢. ڪتاب جا سڀ سولا ۽ خاڪا پورا ڪرڻ لاءِ هن وشيہ جي لاءِ الڳ ڪاپي واپرايو. توهان کي سکڻ ۽ پاڻ سڪيل ڪمن کي جاچڻ ۾ مدد ملندي.

- **توهان جي ڪم جي چڪاس ڪريو:**ڪم پوري ڪرڻ تي توهان ڇا سکيا ۽ توهان کي

اَجان ڇا سکڻو آهي. ان جو ويچار ڪريو. توهان جيڪو ڪري رهيا آهيو. ان بابت وڌيڪ ڄاڻ لکڻ لاءِ ۽ ويچار ڪرڻ لاءِ ڪجهه سوال ڏنل آهن. ان بابت توهان پنهنجي لفظن ۾ ۽ سؤلي ٻاشا ۾ لکو.

توهان جي جاچ ۽ ويچار ان بابت پنهنجي دوست سان چرچا ڪريو.

- مدد وٺو: جيڪڏهن توهان کي ڪنهن به عملي ڪم بابت شنڪا هجي ته ماستر، پالڪ يا دوستن جي مدد وٺو. جيستائين ڪابه ڳالهه صاف سمجهه ۾ نٿي اَچي تيستائين سوال پڇيو. چرچا ڪرڻ سان تعليم وڌيڪ مزيدار ۽ اثرائتي بڻجي ٿي.
- ٽيڪنڪ جو استعمال: توهان انٽرنيٽ يا هترادو ذهانت ساڌن ڪم آڻي سگهو ٿا. ساڌن ڄاڻ ڳولهڻ يا ڪو ڪم تڪڙو ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا. (مثال : CHAT GPT يا ترجمي جا ساڌن) ڌيان ۾ رکو. توهان جي پروجيڪٽ جي لاءِ اهي ساڌن ڪم آڻڻ لازمي ڪونهن. توهان ضرورت انوسار سلامتيءَ جي نموني جو پالن ڪندي، واپرائي سگهو ٿا.
- ڪجهه نئون کوج ڪندڙ بڻجو: ڪجهه سوالن جا جواب توهان کي پنهنجي سوچ ويچار سان ڏيڻا آهن. توهان جي سوچ جي شڪتي واپرايو.
- هاڪاري بڻجو: نيون ڳالهيون سکڻ للڪاريندڙ هونديون آهن. هاڪاري رهو، ڌيان ۾ رکو ته پرئڪٽس سان ئي ماڻهو هوشيار ٿئي ٿو.
- توهان جو پنهنجو پروجيڪٽ تيار ڪريو:ڪتاب ۾ ڏنل پروجيڪٽ جي الاوا (کان سواءِ) ڪجهه نئون پروجيڪٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. ڪو پروجيڪٽ ڪرڻ وقت پريشاني ٿي اچي ته لائبرريءَ مان ڪتاب پڙهو ۽ ٻين جي صلاح وٺو. ڪجهه نئون ڪرڻ لاءِ ماستر ۽ گروهه وارن سان چرچا ڪريو. توهان اسڪول جي وقت کان پوءِ گهر ۾ پڻ اهي ڪم ڪري سگهو ٿا.

**مهتوَ جو :**

انٽرنيٽ حفاظت : توهان انٽرنيٽ يا هترادو ذهانت ساڌن ڪم آڻيو ٿا. ته هميشه وڏن ماڻهن\ بزرگن جي نظر هيٺ اهو ڪم ڪريو. انٽرنيٽ تي توهان ڇا ڏسي رهيا آهيو. اَپلوڊ يا ڊائونلوڊ ڪري رهيا آهيو ته خبرداريءَ سان ڪريو.

انٽرنيٽ تي ماستر/پالڪ سان چرچا ڪرڻ بنا ڪابه ڄاڻ اَپلوڊ يا ڊائونلوڊ نه ڪريو. پنهنجي خود جي ڄاڻ ٻين کي نه ڏيو. انٽرنيٽ يا هترادو ذهانت ساڌن واپرائڻ وقت يا واپرائڻ کان اڳ حفاظت نيم پالڪ يا ماستر وٽان ڄاڻي وٺو ۽ انهن تي عمل ڪريو.

## پيشيور سکيا اَپياسڪرم مقصد، لياقتون، علمي حاصلات

| اَپياس ڪرم لياقت | علمي حاصلات |
| --- | --- |
| CG1- پرائمري ڪلا جو وڪاس ڪرڻ ۾ ڪم سان لاڳاپيل سامان طريقا اُنهن بابت گيان وڌائڻ | |
| C-1-1- پرئڪٽس جي لاءِ ساڌن/سامان سڃاڻڻ ۾ اُنهن جا اُپيوگ | ١.پيشي جي باري ۾ويچار سمجهائي ٿو.<br>٢.پيشي انوسار ساڌن/ اؤزارسڃاڻي لسٽ تيار ڪري ٿو.<br>٣.ساڌن/ اؤزار ڪم آڻڻ بابت ڄاڻ ڏئي ٿو.<br>۴.روز مره جي جيون ۾ساڌن/ اؤزارڪم آڻي ٿو.<br>۵.ساڌن/ اؤزار حفاظت سان ڪم آڻي ٿو. |
| C-1.2- يوجنا طريقي ۾ رٿا انوسار ڪم ڏانهن ڌيان ڏيڻ | ٦.ڪم پورو ڪرڻ لاءِ نمبر وار ڏاڪا ڪم آڻي ٿو.<br>٧.ڪم پورو ڪرڻ لاءِ وقت جي رٿا ڪري ٿو.<br>٨.ڪم پورو ڪرڻ لاءِ سؤلي ڪريائن ڪي ڍنگ سان عمل ۾آڻي ٿو. |
| C-1-3- گهربل ڪم لاءِ سامان / اؤزار سنڀالڻ ۾ ڪم آڻڻ | ٩.ڪم لاءِ گهربل سامان ۾ اؤزار سڃاڻي ٿو.<br>١٠.ڪم ڪرڻ وقت سامان ۾ اؤزار صحيح ڍنگ سان ڪم آڻي ٿو.<br>١١.ڪم آندل سامان ۾ اؤزار صاف ڪري صحيح جاءِ تي رکي ٿو.<br>١٢.سامان ۾ اؤزارڪم آڻڻ وقت سلامتيءَ سان نيم پالن ڪري ٿو. |
| سکڻ مان نتيجا | |
| CG- 2 پيشي وارا هنر ۾ پيشي جو استان ۾ ڪارائتو سمجهي وني ٿو | |
| C-2-1 -ڪم جي دنيا ۾پيشي جي يوگدان جو ورنن ڪري ٿو. | ١٣.آس پاس جي جدا جدا پيشن جي سڃاڻپ ڪري ٿو.<br>١۴.روز مرهه جي جيون ۾جدا جدا پيشن جي اهميت ٻڌائي ٿو.<br>١۵.جدا جدا پيشن جو سماج لاءِ اُپيوگ ٻڌائي ٿو. |
| C2.2- ان ڪيتر ۾سڪيل هنر ۾ويان ڪم آڻڻ | ١٦.پيشي ۾سڪيل هنر \ گيان جو اُپيوگ ٻين ڏنڍن۾ڪري ٿو.<br>١٧.ان ڪيتر ۾سڪيل هنر جو واپر روز مرهه جي جيون ۾ڪري ٿو.<br>١٨.هنر ڪم آڻڻ وقت سلامتيءَ جا نيم پالي ٿو. |
| C-2.3- لاڳاپي پئداوار\ سامان جو ملهه ۾ انداز لڳائڻ | ١٩.جدا جدا پئداوار ۾ ساڌن سڃاڻي ٿو.<br>٢٠.پئداوار شين ۾ سامگريءَ جو درجو سڃاڻي ٿو<br>٢١.پئداوار ۾ سامگريءَ ڪي ماپي ٿو. |
| اَپياس ڪرم لياقت | سکڻ جا نتيجا |
| C-G-3 الڳه الڳه ڪيترن ۾ڪم ڪرڻ وقت ضروري ڳالهيون \ وهنوار طريقن جو وڪاس ڪرڻ | |
| C-3.1 -ڪم ڪرڻ وقت هينيان / ملهه وهنوار جو وڪاس ڪري ٿو. | ٢٢.ڏنل ڪم ۾تفصليوار ڌيان لڳائي ٿو.<br>٢٣.ڪو ڪم پورو ٿيڻ تائين من لڳائي ڪم ڪري ٿو<br>٢۴.گروهن ۾ڪرڻ وقت ٻين جي پريشانين جو ويچار ڪري مدد ڪري ٿو.<br>٢۵.ٻين جي من جي ڀاونائن جو ، سوچنائن جو ، سهڪار جو ۾ گهرجن جو آدر ڪري ٿو.<br>٢٦.ڏنڍي ۾واڌ ۾ درجو اوچو ڪرڻ لاءِ شرير جي محنت ڪرڻ جي تياري ڏيکاري ٿو.<br>٢٧.ڪم لاءِ گهربل ضروري شاريرڪ محنت ۾ڀرو وني ٿو. |
| C.G-4- گهر ڪم ۾مدد ڪرڻ ۾ ان لاءِ يوگدان ڏيڻ لاءِ بنيادي هنر ۾ لاڳاپو رکندڙ گيان وڌائي ٿو | |
| C-4.1- حاصل پيشيور هنر ۾ گيان گهر ۾اُپيوگ ڪري ٿو | ٢٨.حاصل پيشيور هنر ۾ گيان جو اُپيوگ گهر جا ڪم ڪرڻ لاءِ ڪم آڻي ٿو.<br>٢٩گهر ڪم ڪرڻ وقت حاصل گيان ۾ هنر ڪم آڻي ماڻهو ئي شڪتيءَ جو صحيح اُپيوگ ڪري ٿو.<br>٣٠.گهر جي سامانن جي نظرداري رکڻ لاءِ ۾ ننڍين ننڍين درستين جي لاءِ پيشيور گيان جو اُپيوگ ڪري ٿو |

# فهرست


**ساهوارن تي مدار رکندڙ ڪم**

| پروجيڪٽ | پيج نمبر |
|---|---|
| ١. اسڪولي پرس باغ | ٠٣ |
| ٢. جيون علحدگي درج ڪرڻ جي ڪاپي | ٢٣ |

**مشين ۽ سامان سان ڪم**

| پروجيڪٽ | پيج نمبر |
|---|---|
| ٣. تيارڪرڻ جو هنر | ٤٦ |
| ٤. ائنيميشن ۽ گيمس | ٦٤ |

**اِنساني سيوائن وارا ڪم**

| پروجيڪٽ | پيج نمبر |
|---|---|
| ٥. اسڪولي شين جو ميوزيم | ٨٣ |
| ٦. ٻاهر بنا رڌ پچاءُ جي ريت | ١٠٧ |


**سوچنا :** خاص ضرورت هوندڙ شاگرد بابت سکڻ - سيکارڻ جي ڪريا ڪرڻ وقت اشاري جي نشاني جي ڀاشا (Sign Language) جو ۽ ٻيو پورڪ سکڻ سيکارڻ جي طريقن جو واپر ڪريو. خاص ضرورت هوندڙ شاگردن ڪي جنهن طريقي ممڪن هجي، ان طريقي ظاهر ٿيڻ جو موقعو ڏيو.

# منهنجا پروجيڪٽ

| | |
|---|---|
| ساهوارن تي مدار رکندڙ ڪم | **پروجيڪٽ**<br>1. |
| مشين ۽ سامان سان ڪم | **پروجيڪٽ**<br>1. |
| اِنساني سيوائن وارا ڪم | **پروجيڪٽ**<br>1. |

نالو : ----------------------------------------------- درجو : ---- ڊويزن : -----

اِسڪول جو نالو : ---------------------------------------------------------------

مٿئين نموني هرهڪ ڪيتر مان هڪ اِن نموني مون سال ۾ ٽي پروجيڪٽ چونڊيا آهن.

# پاڱو - ١

# ساهوارن تي مدار رکندڙ کم






اسڪولي جيون مان شاگرد پئداوار ڪرڻ جي سگهہ رکندڙ جزو تيار ٿيڻ لاءِ هن کي جدا جدا پيشن جو آزمودو ڏيڻ ضروري آهي. ونسپتي ۽ پراڻي سان ويجهو لاڳاپي پئداوار ڪري سگهندڙ پيشو ڪرڻ لاءِ لياقت جو وڪاس ڪرڻ لاءِ هن پيشي کي ساهوارن تي مدار رکندڙ ڪم ان روپ ۾ڪيو ويو آهي. هن درسي ڪتاب مان اِنهن پيشن جا آزمودا ڏيڻ لاءِ پرس باغ ۽ جيو علحدگي درج ڪرڻ انهن مشغولين جي ڄاڻ ڏني ويئي آهي.

پرس باغ معنيٰ گهر جي، اسڪول جي آس پاس يا کليل جاءِ تي تيار ڪيل ننڍو باغ. ان باغ ۾ڦلن جا وڻ، ڀاڄيون، دوائن وار ٻوٽا، گلن وار وڻ - ٻوٽا وغيرهہ پوکيا وڃن ٿا. پرس باغ فقط ڪاڌي جو وسيلو نہ پر پرياورڻ سان ٺهڪندڙ جيون جو هنر، هڪ اَهم حصو آهي. اَڄڪلهہ بازار ۾ملندڙ ڀاڄيون ڪيترائي پيرا پاروٽيون، سانڍي رکيل يا ڪيميائي ڪريائن وسيلي تيار ڪيل هونديون آهن. ان ڪري اِنهن جو سواد، پوشڻ جزا ۽ تازگي گهٽيل هوندي آهي.

ونسپتين ۽ پراڻي انهن سان لاڳاپي پيشو ڪرڻ لاءِ انهن ۾ملندڙ نرالاپ جي ڄاڻ هئڻ ضروري آهي. تنهن ڪري علحدگيءَ جي ڄاچ ڪرڻ جو هنر شاگردن ۾وڪاس ڪرڻ لاءِ جيو علحدگي ان مشغوليءَ کي شامل ڪيو ويو آهي. ان ۾وڻ ٻوٽا، جانور، پکي سوکيم ساهوارا، ۽ انهن جي رهائش هنڌن کي شامل ڪيو ويو آهي. ڌرتيءَ تي هر هڪ ساهوارو پرياورڻ جي ميزان لاءِ اهميت ڀريو آهي. جهنگل، نديون، سمنڊ، پهاڙ، گاهہ وارا مئدان وغيرهہ هنڌن تي جدا جدا قسمن جا ساهوارا ملن ٿا. اِها ئي جيو علحدگي آهي.

جيو علحدگي، ڌرتي تي جيون جو مکيہ آڌار آهي. ماڻهوءَ کي صاف هوا، کاڌو، دوائون، جلائو پدارٿ، ڪاٺ ۽ ٻيا ڪيترائي قدرتي ساڌن، جيو علحدگيءَ سبب ملن ٿا. جيو علحدگي مٽيءَ کي پلو ٻڻائي ٿي، پاڻيءَ ۾سڌارو آڻي ٿي ۽ قدرتي آپدائن کي گهٽائڻ ۾مدد ڪري ٿي. الڳہ الڳہ ڪارخانا جيو علحدگيءَ تي مدار رکندڙ آهن. اڄ وڌندڙ هوا غليظ ٿيڻ، جهنگل ڪٽڻ، شهرن جو وڪاس ۽ آبهوا ۾بدل سبب جيو علحدگيءَ لاءِ خطرو ٿي پيو آهي. ان ڪري پرياورڻ جي حفاظت ۽ ماڻهوءَ جي سهڻي مستقبل لاءِ جيو علحدگيءَ کي سنڀال، سڌارڻ تمام ضروري آهي.

# ١ اِسڪولي پرس باغ (ٻاڄين جو باغ)




### پرس باغ:

روز مرهه جي ڪاڌي ۾ تيار ڪيا ويندڙ کاڌي جي پدارٿن جي لاءِ گهربل ٻاڄيون ماءُ - پيءُ، ڏاڏو-ڏاڏي بازار مان خريد ڪندا آهن. تنهنڪري ڪسان جي کيت مان اَسان جي روٽيءَ تائين ايندڙ ٻاڄين جو عرصو وڏيڪ هوندو آهي. پراڻي زماني ۾ آمدرفت جا وسيلا ميسر نہ هئڻ سبب هرهڪ ڪٽنب کي گهربل ٻاڄيون، گهر جي ويجهو ئي پوکيون وينديون هيون. معنيٰ پراڻي زماني کان وٺي پرس باغ آهن.

ايڪويهن صديءَ ۾ جديد طريقن سبب قدرت ۽ پرياورڻ جو ويچار ڪرڻ ضروري آهي. مهاراشٽرا جي الڳ الڳ ڀاڱن ۾ پرس باغ کي مکمل باغ، پرس باغ، ماندوَ ويلي، سائي ڪنڊ، واڙو، کوندين جون ٻاڄيون، ڇت تي باغ، اُيو باغ، وال پئڪيت اَهڙن جدا جدا نالن سان سڃاتو وڃي ٿو.

اَسان سڀ جدا جدا قسمن جا کاڌي جا پدارٿ کائون ٿا. ڪجهه ڄڻن کي تازا ڦل ۽ ٻاڄيون کائڻ پسند آهن. ڪجهه دوائن وارا ٻوٽا ۽ مصالح کم آٽي تيار ڪيل ٻاڄيون پسند اچن ٿيون. تہ ڪنهن کي ڪٽائڻ ۽ ٽماٽو ساس جهڙا ڪريائون ڪيل کاڌا وڻن ٿا.

اَسان جو گهڻو کاڌو کيتن مان پوکيل ٻاڄين مان اَچي ٿو. مثال : واڱڻ، ونگيون، مرچ، داوائن وارا ٻوٽا، فودنو وغيره پرس باغ (رنڌڻي جو باغ) پوکي سگهجن ٿا.

پرس باغ کي ئي رنڌڻي وارو باغ چئجي ٿو. ان باغ ۾ ڦل، ٻاڄيون، گل

۽ دوائن وارا ٻوٽا پوکيا ويندا. پرس باغ مان ملندڙ پيداوار ڪمائي ڪُٽنب جون گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. هن باب ۾ اسان اسڪولي پرس باغ ۽ ان پروجيڪٽ جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪنداسين.
هن پروجيڪٽ سبب هرروز جي کاڌي لاءِ گهربل ڀاڄيون پوکڻ بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي.

## مقصد

- فصل لڻڻ / ڪپڻ
- وڻن جي سنڀال ۽ ديک ريک لاءِ اُپاءَ واريون يوجنائون ڪرڻ ۽ پرس باغ جوبندوبست ڪرڻ
- اسڪولي پرس باغ جي يوجنا ۽ رٿا ڪرڻ
- ڪيچئنون پاڻ تيار ڪرڻ
- کيت، باغ ۽ ٻوٽيون تيار ڪندڙ مرڪزن تي وڃڻ
- ساڌن ۽ تيار سامان جي ڄاڻ وٺڻ



شڪل ۱.۱ اِسڪولي پرس باغ

## مقصد

پروجيڪٽ جي پڄاڻيءَ ۾، هيءُ ڪري سگهو ٿا -

۱. باغ ڪم جا عام سامان، اوزار ۽ سامگري سڃاڻڻ ۽ انهن جي واهپي جو ورنن ڪرڻ
۲. باغ ڪم جا ساڌن ڪم آڻي اسڪول جي پسگردائيءَ ۾ يا ڪونديءَ ۾ مٽي وجهي پرس باغ تيار ڪري سگهجي ٿو.
۳. ٻج پوکي يا ٻوٽيون لڳائي انهن کي پاڻي ڏيڻ ۽ سنڀال ڪرڻ.
۴. پرس باغ جا ننڍا ٻوٽا تارن جي لوڙهي سان، چيتن جيوڙا مار دوائون ڪم آڻي سلامت رکي سگهجن ٿا.
۵. اسڪولي پسگردائي (حد ۾) ۾ يا ڪونڊين ۾ تيار ڪُل پرس باغ جي پيداوار کي ڪپي سگهجي ٿو.

پرس باغ ۾ تيار ڪرڻ لاءِ هيٺين جدا جدا ساڌنن ۽ سامانن جو اُپيوگ ضروري هوندو آهي.

**خاڪو ۱.۱ پرس باغ لاءِ گهربل ساڌن، اؤزار ۽ اُنهن جو اُپيوگ**

| ساڌن / اؤزار | شڪل | اُپيوگ |
| --- | --- | --- |
| تيڪم |  | متي کوٽڻ، زمين کي نرم بڻائڻ لاءِ |
| ڪوڏر |  | متي ڪٽڻ، ياڻ ملائڻ لاءِ |
| تگاري |  | متي، ڇيٽي جو ياڻ ڪٽي وجڻ لاءِ |
| هٿ جي ڪوڏر |  | ٻوٽيون پوکڻ، متي ۽ ياڻ ملائڻ لاءِ |
| کُرپي |  | اَڻ گهربل گاهه ڪيڍڻ لاءِ |
| ڊيبلر |  | ٻج، ٻوٽيون پوکڻ لاءِ ننڍا کڏا ڪرڻ لاءِ |
| پاڻيءَ جو جهارو |  | ٻوٽين کي پاڻي ڏيڻ لاءِ |
| پائيپ/ نل/ هوز پائيپ |  | وڏي ايراضيءَ کي پاڻي ڏيڻ لاءِ |
| ٿُشار سوڪيم سينچن سيٽ |  | جديد طريقي پاڻي ڏيڻ لاءِ |

| | | |
|---|---|---|
| ڪئنچي / ٽاريون ڇاٽيندڙ<br>ڪئنچي / مائڪرو<br>سِڪيٽر (micro) |  | ٽاريون ڪپڻ لاءِ\ڇانٽڻ لاءِ |
| هٿن جا زوراب |  | هٿن جي بچاءُ لاءِ |
| ڦوهارڻ جو پمپ |  | پاڻيٺ روپ ۾ دوائون ڦوارڻ لاءِ |
| دونهين روپ ۾ ڦهلائيندڙ مشين |  | سنهي پائوڊر روپ ۾ دوائون ڦهرائڻ لاءِ |
| جاري \<br>ڪمپائونڊ لوڙهو |  | جانورن کان بچاوَ لاءِ |
| نوڙيون، ڏور<br>۽ تارون |  | ولين وارين ڀاڄين کي آڌار ڏيڻ |
| شيڊ جاري |  | سج جي روشنيءَ کان بچاوُ لاءِ<br>/ڪجهه انداز ۾ ڇانو لاءِ |
| ملچنگ |  | اَڻ گهربل گاهه جو بندوبست ۽<br>زمين جي گهم کي ٻٽائي رکڻ لاءِ |
| ماپ لاءِ ٽيپ |  | يوجنا ڪرڻ وقت ماپ وٺڻ لاءِ |

نوٽ : جيڪڏهن اِنهن مان ڪجهه ساڌن يا سامان ميسر نٿا ٿين ، تہ ماسٽر يا پالڪن کي انهن جي جاءِ تي ڪم ايندڙ ٻين ساڌنن بابت پڇو.

(انٽرنيٽ جو سلامتيءَ سان اُپيوگ ڪري پڻ ڄاڻ وٺي سگهو ٿا)

LO : 2, 3, 4, 9, 10, 11




شڪل ۱.۲ ، ٻيل، ڳانءِ، مينهن جي ڇيڻي مان ڀاڻ تيار ڪرڻ جي پرمپرا اسان وٽ آهي.

ڇيڻي جو ڀاڻ، ڳانءِ، مينهن جي ڇيڻي، موتر ۽ واڙي جي ڪچري کي ساڙي (جيوڙن رستي) تيار ڪيل هڪ شاندار قدرتي ڇيتن ڀاڻ آهي. ان سبب زمين ڀلي ٿئي ٿي ۽ فصل جي واڌ سني ٿئي ٿي.



**سلامتيءَ لاءِ نيم:**

پرس باغ تيار ڪرڻ وقت ڪجهه ضروري ونڻ جون خبرداريون هينئين ريت آهن:



شڪل ۱.۳ پرس باغ ۾ساڌن، خبرداريءَ سان ڪم آڻڻ

۱. ساڌن ڪم آڻڻ وقت خبرداري وٺو
۲. ساڌنن جو اُپيوگ مناسب ڪارڻ لاءِ ئي ڪريو.
۳. ساڌنن کي واپرائڻ ڪان پوءِ انهن تي جنگ (ڪَٽُ) نہ چڙهي اِن لاءِ صاف ڪري رکو.
هٿن جي زورابن جو اِستعمال ڪريو.
۴. جيوڙا مار دوائون ڦوهارڻ وقت ماسڪ ڪم آڻيو
۵. ساڌن صحيح جاءِ تي، انهن جي قسمن انوسار رکو جئن ٻين کي اُهي ڪٽڻ وقت تڪليف نہ ٿئي.

**شروعاتي ڄاڻ -**

پرس باغ تيار ڪرڻ لاءِ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن ڪسان جي کيت ۾وڃي سگهو ٿا. جيڪڏهن اسڪول جي ويجهو پرس باغ لاءِ جڳهہ نہ هجي تہ ٻوٽين جي مرڪز باغ ۾ ڦلن جي باغ ۾وڃي سگهو ٿا.



شڪل ۱.۴ ماهرن وٽان سکڻ

## مشغولي - ۱

**ڪيتر تي وڃڻ ( ان لاءِ ڪيت يا ٻوٽين جي مرڪز ۾ وڃو)**

وڃڻ کان اڳ سوال تيار ڪرڻ ضروري آهن. جيئن ملاقات جو مقصد پورو ٿئي. هيٺ ڏنل سوال ڪيتر جي ملاقات لاءِ مددگار ثابت ٿيندا.

۱.ڪهڙيون ٻوٽيون پوکيل نظر اَچن ٿيون؟

---

۲.سڀ ٻوٽيون هڪ ئي وقت لڳايون ويون هيون ڇا؟

---

۳.پرس باغ ۾ڪهڙيون ڀاڄيون ۽ ڦلن جا وڻ پوکي سگهجن ٿا؟

---

۴.پوک لاءِ مٽيءَ کي ڪيئن تيار ڪيو ويجي ٿو؟

---

۵.ٻوٽين تي جيت، ڪيڙا، بيماريون ۽ ٻين نقصانن کان ڪيئن بچاءُ ڪري سگهجي ٿو؟

---

(اَهڙي نموني سوال تيار ڪري سگهجن ٿا)

* ملاقات جي درميان سکيل نيون ڳالهيون ڪهڙيون هيون؟

---

* ماسترن ۽ دوستن سان ڪيتر ملاقات جي جاچين بابت چرچا ڪري ڦل ۽ ڀاڄيون پوکڻ بابت ڇا سکيا. اُهو لکو.

---



### اِها ڄاڻ آهي ڇا؟

پراچين ڀارت ۾وڻن جي آيرويد شاستر کي ڀڻ ڏاڍي اهميت ڏني ويئي. ونسپتين جي صحت، روڳ وڌڻ ۽ علاج سان لاڳاپي گيان ۽ آزمودا اُنهن کي وڻن جي آيرويدشاستر ۾شامل ڪيل ڏسجي ٿو. ان ۾ونسپتين جي انيڪ ذاتين جي پوک، پاڻيءَ جو بندوبست، مٽيءَ کي سڌارڻ پاڻ، ونسپتين تي اثر ڪندڙبيماريون انهن مان علاج بابت ڄاڻ شامل آهي. ان جي گيان ۾ نئين سري سان شؤنق پئدا ٿيو آهي. اِن گيان جو اُپيوگ مٽيءَ جي صحت بڻائي رکڻ لاءِ ، ڪيتيءَ جي جدا جدا طريقن کي همثائڻ لاءِ ۽ جيو علحدگيءَ جي سنڀال لاءِ ڪري سگهجي ٿو.



مان ڇا ڪري سگهان ٿي؟




شڪل ١.٥ ، ٻرس باغ ۾ وڏا ڪرڻ:

١. اؤزار، ساڌن ۽ ٻين شين جو بندوبست

٢. ڪينچئن جو پاڻ

٣. مٽي تيار ڪرڻ يا پاڻ وجهڻ، ٻج پوکڻ

۴. زمين جي سار سنڀال

۵. لوڙهي جو بندوبست

٦. وڻن جي سنڀال

٧. پاڃيون، ڦل ڪٽڻ

شڪل ١.٥ ۾ ڏيکاريل انوسار ٻرس باغ ۾ ونسپتين جي صحيح طريقي واڌ لاءِ ، ڌيان سان پالڻ پوشڻ ڪرڻ ضروري آهي.

ٻرس باغ تيار ڪرڻ ڪان اڳ ۽ ان ئي وقت فصل جي نروڳي واڌ، زوردار نموني ٿيڻ لاءِ هينئين مشغولي ڪري سگهجي ٿي.

مشغولي - ٢

## اِسڪولي پرس باغ جي يوجنا ٺاهڻ



شڪل ١.٦ پرس باغ تيار ڪرڻ لاءِ يوجنا

اسڪول جي پرس باغ جي يوجنا ڪرڻ لاءِ مؤجود زمين جي ايراضي ماپڻ، اسڪولي پريسر (ايريا) ۾ مؤجود زمين\جڳهه ميسر نہ ٿئي تہ ڪونڊيون رکڻ لاءِ جڳهہ ماپڻ ۽ پرس باغ جا جدا جدا جزا مقرر ڪرڻ اِهو پهريون ڏاڪو آهي.

**پرس باغ جي يوجنا ڪرڻ لاءِ هيٺين ڳالهين جي جاچ وٺڻ ضروري آهي.**

١.١اسڪولي پريسر ۾ موجود زمين تي يا ڪونڊين ۾ يا ٻنهي هنڌ پرس باغ تيار ڪرڻ جو ويچار ڪري رهيا آهيو ڇا؟

-------------------------------------------------------

١.٢اسڪولي پرس باغ جي ايراضي ڪيئن ماپڻ وارا آهيو؟

-------------------------------------------------------

٣.پرس باغ ۾ سڄو سال پئداوار ڪرڻ لاءِ ٽائيم ٽيبل/ڪئلينڊر ڪيئن تيار ڪرڻ وارا آهيو؟ (مندن اَنوسار)

-------------------------------------------------------

٤.پرس باغ ۾ ڪهڙا ڪهڙا فصل پوکڻ وارا آهيو؟

-------------------------------------------------------

٥.پرس باغ جي لاءِ جڳهہ چونڊڻ لاءِ توهان ڪهڙين ڳالهين جو ويچار ڪيو آهي؟

-------------------------------------------------------

اسڪولي پرس باغ جي لاءِ جڳهہ چونڊڻ وقت فصل لاءِ سج جي روشني، زمين يا ڪونڊين مان پاڻيءَ جو وهي وڃڻ، ٻوٽين جي ٻن قطارن ۽ ٻن وٽن ۾ مفاصلو ۽ ٻين ڳالهين جو صحيح ڍنگ سان ويچار ڪريو. فصل جي واڌ لاءِ گهربل ڪاڌي وارن پاڻيٺ ۽ قوت بخش پاڻيٺ جي ضرورت هوندي آهي. ان ۾ خاص ڪري، نائٽروجن، فاسفورس ۽ پوٽئشيم جي ضرورت وڌيڪ هوندي آهي. اِهي ڪاڌي وارا پاڻيٺ زمين مان ۽ ڪونڊيءَ جي مٽيءَ مان ملن ٿا. ضرورت انوسار انهن جي پورائي ڪرڻ لاءِ ڪمپوز پاڻ، ڪينچئن جو پاڻ ۽ ڇيتن پاڻ ۽ يوريا، سپر فاسفيٽ، ميوريٽ آف پوٽاش جهڙا ڪيميائي پاڻ ڪم آڻجن ٿا.

پرس باغ ۾ تکڙو وڌندڙ دوائن وارا ٻوٽا، گُلن جا ٻوٽا، پاڇين پوکڻ جو ويچار توهان ڪري سگهو ٿا. مثال: ساوا ڌاڻا، فودنو، پالڪ يا جيهنڊو يا دوائن وارا ٻوٽا پوکي سگهو ٿا. ان سبب باغ جي پئداوار جو جلد ئي اُپيوگ ڪري سگهندا.

**مشغولي - ٣ :** اسڪولي پرس باغ ۾ ڪينچئن جو باغ تيار ڪرڻ.

ڪينچئن جو پاڻ معنيٰ چيتن ڪچري مان ڪينچئن جي مدد سان تيار ڪيل سنو پاڻ گهر جو آلو ڪچرو چيٽي جو پاڻ سُڪل پن وغيره ڪينچوئان کائين ٿا. ۽ قوت بخش نرم پرڪٽو پاڻ تيار ٿئي ٿو. اِن ڪريا کي ورمي ڪمپوسٽنگ چوندا آهن.



شڪل (الف) ١.٧ پرس باغ ۾ ڪينچئن جو پاڻ تيار ڪرڻ لاءِ گهربل ڪينچئان

ڪينچئن جي پاڻ سبب زمين وڌيڪ پلي ٻڌجي ٿي. ساڳئي وقت پرياورڻ جي حفاظت پڻ ٿئي ٿي. ان سبب کيتيءَ لاءِ ڪينچئن جو پاڻ بلڪل ڪارائتو ۽ اثرائتو مڃيو وڃي ٿو.

ڪينچئن جو پاڻ تيار ڪرڻ جا ڪيترائي طريقا آهن: انهن مان هڪ طريقي جي ڄاڻ هيٺ ڏنل آهي.

١.ڪاٺ ، پلاسٽڪ يا ڪوبہ پاٽيءَ کي روڪيندڙ پدارٿ ان مان ٺهيل دٻي ۾ ڪينچئن جو پاڻ تيار ڪيو وڃي ٿو. اهو دٻو تاڪپتري يا جهوني ٿلهي ڪپڙي سان ڍڪيل هئڻ گهرجي. ان مان گهرج کان وڌيڪ وارو پاڻي ٻاهر نيڪال ڪرڻ لاءِ ان جي تري ۾ نيڪال سوراخ‌ڪرڻ ضروري آهي.

٢.ڪمپوسٽ دٻي ۾ رڌڻي جو آلو ڪچرو، اسڪول جي پوشڻ آهار جا ڇلڪا، سڪل پن ۽ باغ جو ٻيو ڪچرو يا ڪو بہ جيو ڪمپوسٽ ٿيندڙ ڪچرو پريو. ڪچري جي انهن تهن کي ’بيڊنگ متيريل‘ سڏبو آهي.



شڪل (ب) ٢.٧ آلو ڪچرو، ڇلڪا ڪم آڻي تيار ڪيل پاڻ

٣.بيڊنگ متيريل گهميل رکڻ لاءِ پاڻي وجهو پر پاڻي پريل نہ رهي، اها خبرداري وٺو

٤.ان لاءِ ڳاڙها ڪينچئان (آئسينيا فيٽيڊا) ڪم آڻجن ٿا

٥.اِهي ڪينچئا، ڪينچئن جي پاڻ واري پروجيڪٽ مان ميسر ڪري سگهجن ٿا.

٦. ڳاڙها ڪينچئان (آئسينيا فيٽيڊا) بيڊنگ متيريل تي وجهو.

٧.ٿلن ۽ پاڇين جون کلون، ڪافي، انڊن جا ڇلڪا ۽ ڇيڇڙو نہ هوندڙ ڪاڏي جو ڪچرو انهن جهڙا رنڌڻي جا اجايا پدارٿ ان بيڊ تي وجهو.

ماس، کير مان ٺهيل شيون، تيل وارا پدارٿ ۽ ليمي جي ڪلاس جا ڦل وجهڻ ٽاريو. ڇاڪاڻ تہ ان سبب ڪينچئن جي واڌ نٿي ٿئي ۽ نقصانڪار جيت تيار ٿين ٿا. اهي ٻين جيتن کي پاڻ ڏانهن ڪشش ڪري سگهن ٿا. يا ڪينچئن جو نقصان ڪري سگهن ٿا.

٨.ڪجهہ مهنن ۾ دٻي جي تري ۾ گهاٽي، نرم پرڪٽي مٽي تيار ٿي تہ سمجهجي باغ لاءِ ڪينچئن جو پاڻ تيار ٿيو آهي . اِن جو اُپيوگ پرس باغ جي لاءِ ڪري سگهجي ٿو.



### اِها ڄاڻ آهي ڇا؟

ڪينچئن جي ڀاڻ لاءِ ڪينچئا ميسر نہ ٿيندا هجن تہ پوءِ ٿورو الڳ طريقو ڪم آڻي ڪمپوسٽ تيار ڪري سگهجي ٿو. (اِنٽرنيٽ تي ڪمپوسٽ ڀاڻ تيار ڪرڻ جي ريت ڳولهيو) مشغولي ما ڇا سکياسين اهو ڇڪاسڻ لاءِ هيٺيان سوال اُپيوگ ۾ ايندا:

۱.ڪينچئن جو ڀاڻ تيار ڪرڻ لاءِ ڪهڙا سامان ڪم آندا آهن.

---

۲.ٻيڊ تي يا ڪمپوسٽ ڊبي ۾ ڪهڙا پدارٿ وڌا؟

---

۳.وقت انوسار ڊبي ۾ ڪهڙا تبديل نظر آيا؟

---

۴.ڪمپوسٽ ڊبي جي بدران ٻيا ڪهڙا ساڌن ڪم آڻي سگهجن ٿا؟

---

### مشغولي -۴ : پرس باغ ۾ فصل جي پوک لاءِ مٽي تيار ڪرڻ :-

پرس باغ ۾ سنا پئداوار حاصل ڪرڻ لاءِ مٽيءَ جي صحيح تياري ڪرڻ ضروري آهي.

صحيح نموني تيار ڪيل مٽي فصل جي واڌ ڪي مڪمل واتاورڻ تيار ڪري ٿي. سڀ کان پهريائين پٿر، گاهہ، ڪچرو ڪڍي مٽي صاف ڪيو. اها مٽي ۱ کان ۱.۵ فوٽ اونهائيءَ تائين ٽيڪم يا ڪوڏر سان ڍلي بڻايو. اِن سبب مٽي ڀُرڪٽي ٿئي ٿي ۽ پاڙن جي واڌ ٿئي ٿي. ڇيڻي وارو ڀاڻ، ڪيئنچن وارو ڀاڻ، ڪمپوسٽ ڀاڻ مٽيءَ ۾ملايو. ان سبب مٽي ڀلي بڻجي ٿي. چيڪي مٽي هجي تہ اُن ۾واري (ريت) ملايو. واريءَ جي ملاوت واري مٽي هئڻ سبب ڇيڻي جو ڀاڻ يا ڪمپوسٽ ڀاڻ وڌيڪ ملايو. پرس باغ جي ڪونڊين ۾پوک ڪرڻ وقت، مٽيءَ جون، سيمينٽ جون (ٻيو ڪو رستو نہ هجي تہ پلاسٽڪ جون) ڪونڊيون ڪم آڻيو. ڪونڊين جي تري ۾پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ سوراخ هئڻ گهرجن. ڪونڊين جي تري ۾ننڍا پٿر، سِرن جا ٽڪر وجهو. ان سبب پاڻي بيهي نہ رهندو. ڪونڊين ۾ باع جي مٽي ۲ حصا ، ڇيڻي جو ڀاڻ /ڪمپوسٽ ڀاڻ - ۱ حصو ريتي، ۱ حصو ملاوت تيار ڪري وجهو.





شڪل ۱.۸ پرس باغ جي لاءِ ٻارا ڻاهڻ (ساڄي پاسي) ۽ ڪونڊين جي مٽيءَ جي ملاوت (کابي پاسي)

ٻج پوکڻ کان اڳ يا ٻوٽيون پوکڻ کان اڳ ٻارا تيار ڪرڻ يا ڪونڊين جي لاءِ مٽي تيار ڪرڻ ضروري آهي. ماسترن جي سوچنائن جي انوسار مٽيءَ ۾ پاڻ وجهو.

مشغوليءَ مان ڇا سکياسين؟ اهو چڪاسڻ لاءِ هيٺين سوالن جي مدد ٺيندي.

۱.پوک لاءِ مٽي ڪيئن تيار ڪئي؟

---

۲.ڇيٽن پاڻ ڪم آندو ڇا؟ جيڪڏهن ها تہ مٽي ۽ ڇيٽن پاڻ ڪهڙي حصي رسيءَ ۾ هئا؟

---

## مشغولي -۵ پرس باغ ۾ ٻج پوکڻ يا ٻوٽيون لڳائڻ.

پرس باغ مان سٺي پئداوار حاصل ڪرڻ لاءِ ٻجن جي صحيح پوک ۽ ٻوٽين جي مناسب لڳائڻ جي طريقي جي ضرورت آهي.

ٻج پوکڻ وقت نروڄي ۽ پرماڻت ٻج ڪم آڻيو. پوک کان اڳ، پُرڪٽي ۽ نرم مٽي تيار ڪري وٺو.

پرس باغ ۾ قطارن ۾ يا ڇڏي پوک ڪريو. ٻج وڌيڪ اونهائيءَ تي نہ پوکيو. ٻوٽن کي وري لڳائڻ وقت انهن کي ۳-۴ پن هئڻ، نروڄي ٻوٽيون چونڊيو. پوک صبح جو سويل يا شام جي وقت ڪريو. هر هڪ ٻوٽيءَ ۾ مناسب مفاصلو رکو. ان ڪري واڌ سٺي ٿيندي. پوکڻ کان پوءِ جلد ئي پاڻي ڏيو.

ٻج پوکڻ کان اڳ، سجهاو ڏنل پوک جي اونهائي، مفاصلو ۽ پوک جي مند (مؤسم) سمجهي وٺڻ لاءِ ٻجن جي پاڪيٽ تي لکيل سوچنائون پڙهو، ڪسانن ۽ باغائتدارن وٽان پوئين پوک جا سنڀالي رکيل ٻج پڻ ڪم آڻي سگهو ٿا. ان جي پوک لاءِ انهن جي صلاح وٺو.

جنهن وٽان ٻوٽيون ورتيون انهن کان اُن ٻوٽين جي پوکڻ جو صحيح طريقو پُڇو.

### ۱.ٻج پوکڻ



شڪل ۱.۹ پرس باغ ۾ ٻج وجهڻ

(الف)ٻج پوکڻ لاءِ سُجهاو ڏنل مفاصلي انوسار زمين ۾ کڏا يا ننڍا سوراخ تيار ڪريو. جيڪڏهن ڪونڊين ۾ پاڇيون پوکڻ وارا آهيو تہ هر هڪ ڪونڊيءَ ۾ ڪيترا ٻج يا ٻوٽيون رکڻيون آهن. ان جي ڄاڻ هئڻ ضروري آهي. اِهي ونسپتين جا قسم، ڪونڊيءَ جي آڪار/ماپ ۽ ونسپتيءَ جي واڌ جي عادت (جُهمت / ويل ) جهڙين ڳالهين انوسار مقرر ڪئي وڃي ٿي.

(ب) ٻج کڏن ۾ يا سوراخن ۾ وجهو. ٻج تمام ننڍا هجن تہ زمين جي مٿاڇري تي ساڳي انداز ۾ ڦهلايو.

(ب) سُجهايل پوک جي اونهائيءَ انوسار ٻج هلڪي هٿ سان مٽيءَ سان ڍڪيو.

(پ) ٻج، مٽيءَ جي لهہ وچڙ ۾ اَچن ان لاءِ مٽيءَ کي ڏيري دٻايو.

## ٢.ٻوٽين پوکڻ:

ٻوٽين پوکڻ وقت هيٺين ڳالهين ڌيان ۾ رکو.

(الف)تيار کيل مٽيءَ ۾ ڊبلر جي مدد سان کڏا / سوراخ ڪريو. ٻوٽين جي پاڙن جي ڊيگهه کان ٿورو وڏا سوراخ ڪريو.

(ب) پاڙن کي نقصان نہ پهچي ان جو خيال رکو.

(پ) هر هڪ ٻوٽي تيار ڪيل سوراخ ۾ لڳايو ۽ ان جي پاس جي مٽي هٿن سان دٻايو



شڪل ١.١٠ ٻوٽين پوکڻ کان پوءِ جي حالت

مارڪ جي مدد سان نشان ڪرڻ واري پٽيءَ تي ٻوٽي جو نالو ۽ پوکڻ جي تاريخ لکو. اهڙيون نشان پٽيون پاڻ تي يا چارٽ پيپر تي چپڪائي جهوني پلاسٽڪ سان ڍڪڻ سان اُهي ٽڪن ٿيون. اهي نشان پٽيون باغ جي هر هڪ قطار، هرهڪ ڀاڱي ۾ يا ڪونڊيءَ ۾ لڳايو. ان تي لکيل تاريخ تان اسان ونسپتيءَ جي واڌ وقت بہ وقت نوٽ ڪري سگهنداسين.

### ڇا سکياسين ؟

١.هر هڪ قسم جا ٻج ڪيترو گهرائيءَ / اونهائيءَ تي لڳايا؟

خاڪو ١.١ ٻج پوکڻ جي اونهائيءَ جا انگ

| نمبر | ونسپتي/فصل جو نالو | ٻج پوکڻ اونهائي (س.م.) |
|---|---|---|
| ١ | | |
| ٢ | | |
| ٣ | | |
| ٤ | | |

٢.ٻوٽيون لڳائڻ وقت ٻن ٻوٽين جي وچ ۾ ڪيترو مفاصلو ڇڏيو؟

خاڪو ١.٢ هڪ قطار ۾ ٻن ٻوٽين جي وچ ۾ مفاصلو

| نمبر | ونسپتي/فصل جو نالو | ٻن ٻوٽين جي وچ ۾ مفاصلو (س.م.) |
|---|---|---|
| ١ | | |
| ٢ | | |
| ٣ | | |
| ٤ | | |

٣.پرس باغ ۾ لڳايل هر هڪ ٻن ٻوٽين جي وچ ۾ هڪ جيترو مفاصلو رکيو ڇا؟ ها / نہ

## مشغولي ٦

**پرس باغ ۾ ونسپتين / فصل جي سنڀال ڪرڻ :**

پرس باغ ۾ لڳايل فصل جي صحيح ڍنگ سان سنڀال ڪرڻ سان اُنهن جي واڌ نروئي ٿئي ٿي ۽ پئداوار پڻ سٺي ملي ٿي. فصل جي واڌ جي هر هڪ ڏاڪي تي سنڀال ڪرڻ ضروري آهي. فصل واري ايراضيءَ کي لوڙهو ڏيو. فصل کي گهرج انوسار نيم سان پاڻي ڏيو. وڌيڪ يا گهٽ پاڻي نه ڏيو. صبح جو يا شام جو پاڻي ڏيڻ گهرجي. چيتن ياڻ مثال: ڇيڻي جو ياڻ، ڪمپوسٽ ياڻ، ڪينچئن جو ياڻ جو وقت به وقت اُپيوگ ڪريو. اُن سبب متيءَ جي قوت وڌي ٿي. اَڻ گهربل گاهه وقت به وقت ڪڍي ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته اُهي فصل سان ڪاڌي لاءِ ڇتاپيتي ڪن ٿا. فصل تي ايندڙ ڪيڙا / جيت ۽ بيمارين تي نظر رکو. ضرورت پوي ته چيتن جيوڙا مار دوائون ڪم آڻيو. متيءَ کي وقت به وقت پرڪٽو ڪريو. ان سبب هوا متيءَ سان ملندي رهي ٿي ۽ پاڙن جي واڌ سٺي ٿئي ٿي. ولين کي لڪڙين يا نوڙين جو آڌار ڏيو.

**لوڙهو ٺاهڻ :**

فصل جي واڌ ٿيڻ وقت جانورن يا ماڻهن سان ان فصل کي نقصان نه ٿئي ان لاءِ ڌيان رکو. ان لاءِ پرس باغ جي چوڌاري لوڙهو تيار ڪرڻ ضروري آهي.

(الف) مڪاني سطح تي ميسر بانس جا لڪڙا، جهونا پائيپ يا جهونيون لڪڙيون ٿنين جي روپ ۾ ڪم آڻي سگهو ٿا. ٿنين کي بڌڻ لاءِ مضبوط ڏوري يا تار ڪم آڻيو.

(ب) لوڙهو لڳائڻ ضروري هوندڙ ڪيتر جي ماپ وٺو.

(ڀ) ان ڪيتر جي ڪچي شڪل ڪڍو ۽ لوڙهو ڪٿي لڳائڻو آهي. اهو مقرر ڪريو.

(پ) مڪاني سطح تي بانس جي لڪڙي وغيره جو لوڙهو تيار ڪري سگهجي ٿو.

**هيٺيان سوال توهان کي لوڙهو تيار ڪرڻ ۾ ڪم ايندا.**

١.لوڙهي جي لاءِ ڪهڙو سامان ڪم آڻڻ وارا آهيو.

---

٢.لوڙهي جي لاءِ ڪيترا ٿنيا ۽ ڪيتري ديگهه واري ڏوري گهرجي؟

---

**ونسپتين جي سار سنڀال:**

**(الف) ٻوٽين کي پاڻي ڏيڻ :** متي آلي رهي پر پاڻي ڪٺو نه ٿئي ان جي خاطري ڪري ٻوٽين کي نيم سان پاڻي ڏيڻ ضروري آهي. گهٽ يا وڌ پاڻي ٻوٽين لاءِ نقصانڪار آهي. ٻوٽين کي پاڻي ڪيئن ڏيڻو آهي. اهو طئه ڪريو مگو، بالتي، پاڻيءَ جو دٻو، جهارو، پائيپ يا ٻيا ساڌن ڪم آڻي سگهجن ٿا.



شڪل ١.١١ ٻوٽين کي آڌار ڏيڻ

(شڪل ١.١٢) خاص ڪري سُڪل مؤسم ۾ ٻوٽين کي گهربل پاڻي ملي ٿو. ان جي خاطري ڪرڻ لاءِ ٽائيم ٽيبل تيار ڪريو. نون ٻوٽن کي وري وري پاڻ ڏيڻ جي ضرورت هوندي آهي. پاڻيءَ جي ٻاڦ ٿي وڃي ٿي ان لاءِ ٻوٽين کي پاڻي صبح جو يا شام جو ڏيڻ گهرجي.



(شڪل ١.١٢) خاص ڪري سُڪل مؤسم ۾ ٻوٽين کي گهربل پاڻي ملي ٿو.

(ب) ٻوٽين ۽ ولين کي آڌار ڏيڻ : لڪڙين يا نوڙين رستي ٻوٽين يا ولين کي آڌار ڏيڻ جو عام طريقو آهي. جيڪي ٻوٽا سنها ٿين ٿا ۽ ڪمزور ٿين ٿا، انهن جي لاءِ اِهو طريقو ڪم آندو ويجي ٿو. مثال: وليون، ٽماٽا، وتاڪا وغيره کي ضرورت انوسار بانس جي لڪڙي، وڻن جون سڪل، رکيل ٽاريون يا پلاسٽڪ جا پائيپ آڌار ڏيڻ لاءِ ڪم آڻي سگهجن ٿا. ٻوٽن جي اوچائي ۽ وزن انوسار آڌار جي ڪاٺي جي اوچائي ۽ ٿولهه ويچار ۾ رکو تار ڪم آڻي ٻوٽا ڪاٺين سان ٻڌو.

ٻوٽين تي پاڻي ڏيڻ جي لاءِ مؤسم، فصل جو قسم، يا زمين جو قسم ويچار ۾ آڻيو.

(١) ٻوٽين کي پاڻيءَ جي ضرورت ڪڏهن آهي اِهو ڪيئن سمجهندو؟

---

(٢) پرس باغ ۾ ٻوٽين کي ڪيترا ڀيرا پاڻي ڏيڻ ضروري آهي.

---

(٣) ٻوٽين کي پاڻي ڏيڻ لاءِ صحيح وقت ڪهڙو آهي؟

---

(٤) پاڻي ڏيڻ جو اندازو ۽ ڪيترا ڀيرا اهو ڪهڙين ڳالهين تي مدار رکي ٿو؟

---



شڪل ١.١٣ ڪرپي ڪم آڻي ٻوٽن جي تري وٽ هوندڙ گاهه ڪڍڻ چڙڻ گهرجي.

(ب) گهم ٻٽائي رکڻ : گهم ٽڪائي رکڻ لاءِ، گاهه پٽي ڪڍڻ لاءِ ۽ مٽيءَ جو گرمي پد ساڳيو رهي. ان جي خاطري ڪرڻ لاءِ ٻوٽين جي آس پاس سڪل گاهه جون پريون، ڪاٺ جو ٻورو يا سڪل پن رکو.

(پ) گاهه ڪڍي چڙڻ :

گاهه تي وقت به وقت نظر رکي ڪڍڻ چڙڻ گهرجي گاهه ڪڍڻ لاءِ کُرپي ڪم آڻيو. جيڪڏهن ڪرپي نه هجي ته ان جي بدران ڇا ڪم آڻجي. اهو ڳولهيو.

(پ) فصل جي حفاظت : ڪيڙن کان بچاءَ لاءِ باغ ڪي جاچڻ، چيتن جيوڙا مار دوائون (جهڙوڪ نمورين جو ست، ٿوم جو ست، مرچن جو ست، وغيره ڪم آڻي چيتن جيوڙا مار تيار ڪريو) ضرور ڪم آڻيو.

اِها ڄاڻ آهي ڇا؟

نم جو ناهيل جيوڙا مار، تمام سنو چيتن جيوڙا مار آهي. ان جو اُپيوگ فصل تي ڪيڙا، سيوريون، گاهه ڪائيندڙ، اَڇيون مکيون، ماوا وغيره جيتن تي ڪنٽرول لاءِ ڪيو وڃي ٿو.

هيٺ ڏنل ريت جي نمبر وار ڪرڻ سان آسان چيتن جيوڙا مار تيار ڪري سگهون ٿا.

١. ٥٠٠ گرام نِم جا پن کڻو. (ٿي سگهي ته ڪرشي وگيان ڪيندر يا ڪرشي سنشوڌن ڪيندر جي ماهرن وٽان بيا پن پڻ پڇي سگهو ٿا.) اُهي ڌوئي ، ڇيري ننڍا ٽڪر ڪريو.

٢.نم جا پن ٥ لٽر پاڻيءَ ۾ ملايو

٣.اها ملاوت جهاري يا بالٽيءَ ۾ ١۴ ڏينهن رکو.

۴.ڇاڻي ڪم آڻي نهرا پدارث الڳ ڪريو. بچيل پاڻيٺ جيوڙا مار طور ڪم آڻيو.

پرس باغ ڪي سونهن وارو بڻائڻ لاءِ هيٺين ڳالهين جو ويچار ڪريو.

١.گلن جون ڪونڊيون سهڻيون نظر اچڻ لاءِ ڪناري وٽ پٿر ڪم آڻيو. سنن وڻندڙ رنگن سان پٿرن ڪي رنگيو.

٢.باغ ۾ داخل ٿيڻ جي دروازي وٽ سجاوت ڪريو. مثال رنگيل مٽيءَ جا ٿانوَ، پٿرن تي چيپيل چٽر، اسڪول جي آس پاس پيل جهونيون شيون ڪم آڻي مزيدار شيون ٺاهيو.

٣.پکين کان بچاءَ لاءِ باغ ۾ پتلا ٺاهي سگهو ٿا.

## مشغولي - ٧ پرس باغ ۾ ونسپتين جي واڌ جاچڻ.

پرس باغ ۾ پوکيل فصل يا ٻوٽن جي واڌ ٿي رهي آهي. يا نه اِهو سمجهڻ لاءِ نيم سان جاچڻ ضروري آهي. وقت به وقت ڪيل جاچ سبب فصل جي واڌ ۾ تبديل، مسئلا ۽ سڌارن جي ڄاڻ ملي ٿي.

جاچ ڪرڻ لاءِ ٻوٽن جي ڊيگهه پنن جو عدد ۽ آڪار ۾ ٿيندڙ تبديل ڏيان ۾ رکو پيلا يا سڪل پن نظر اچن ته مناسب بندوبست ڪريو. ٻوٽن تي گل اچڻ ڦل جمڻ تي نظر رکو. پنن تي داغ، سوراخ، جيت نظر اَچن ته جلد اُپاوَ ڪريو.هر روز ونسپتين تي واڌ نوٽ ڪريو.ونسپتين جي واڌ ڏانهن ڌيان ڏيڻ سان انهن جو وڪاس ۽ انهن جون گهرجون سمجهي سگهبيون پرس باغ جي ونسپتين جي واڌ نيم سان نوٽ ڪندا رهو.



شڪل ١.١۴ ٻوٽين جي واڌ جاچڻ

پنن جي رنگ ۾ تبديل ، گلن جو روپ، جيتن جو برو اثر نوٽ ڪريو. اهي جاچون نوٽ ڪرڻ لاءِ ڪئليڊر رکو .

LO : 2, 3, 4, 5, 6, 7, 8, 9, 10, 11, 12, 16, 17, 18, 22, 23, 24, 25, 26, 27, 28

خاڪو ۱.۳ پرس باغ ۾ وڌندڙ ونسپتين جي جاچ نوٽ ڪرڻ لاءِ ڪئلينڊر

| جاچ جي تاريخ | جاچ (ٻوٽين ۾ واڌ، اوچائي، ڪيڙا، پنن جي انگ ۾ ڦير بدل، گل وغيره) |
|---|---|
| پهريون هفتو (تاريخ) | |
| ٻيون هفتو (تاريخ) | |
| ٽيون هفتو (تاريخ) | |

پرس باغ جي فصل جا فوٽو ڪڍي واڌ نوٽ ڪري سگهو ٿا

مشغولي - ۸ پرس باغ ۾ ڀاڄين ڪي ڪپڻ ۽ ڪڍڻ

پرس باغ ۾ پوکيل فصل وقت انوسار ڪڍڻ ضروري آهي. صحيح وقت ۽ صحيح طريقو ڪم آڻي ڪڍڻ سان ڀاڄيون تازيون، سوادي ۽ قوت بخش رهن ٿيون.



شڪل ۱.۱۵ پنهنجي محنت جي پئداوار جو آنند وٺو

ڪٽڻ يا ڪپڻ جو عرصو : ڀاڄين جي پوري واڌ ٿيڻ تي ڪڍو. مثال : ڀينديون ڪچڙيون هئڻ وقت، ٽماٽا ڏڪ پڪل هئڻ وقت ، ڪپڻ جو ڪم صبح جو سويل يا شام جي وقت ڪريو. ان سبب ڀاڄيون تازيون رهن ٿيون. هٿ سان يا ڪئنچيءَ سان خبرداريءَ سان ڪڍو. پاڻ کي ۽ ونسپتين کي نقصان يا زخم نه ٿئي ان جو خيال رکو. ڪڍيل ڀاڄيون صاف جاءِ تي رکو. مٽي يا ڪچرو نه لڳڻ ڏيو. سنيون ۽ خراب ڀاڄيون الڳ الڳ ڪريو. ڪڍيل ڀاڄيون ٿڌي يا هوادار جاءِ تي رکو ۽ جلد ڪم آڻيو. پرس باغ ۾ جدا جدا نتيجن انوسار ڳڻ جي سطح طيءِ ڪجي ٿي. ان لاءِ فصل ڪپڻ جي طريقي جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ وٺو.

مثال: ليٽيوس ۽ پالڪ هڪ جهڙين ڀاڄين لاءِ ڪپيو ۽ وڏايو طريقو ڪم آڻيو. اندريان پن وڌڻ ڏيڻ لاءِ ٻاهريان پن ڪپيو. گجر ۽ مُوري جهڙي پاڙن جون ڀاڄيون ، ٻوٽن جي آس پاس جي مٽي ڍيري هٿ سان يا کُرپيءَ سان سرڪايو. ڀاڄيون زمين مان ٻاهر ڪڍو ۽ صاف پاڻيءَ ۾ ڌوئي وٺو. ٽماٽا، واڱڻ مرچ، توڙيو هٿ سان توڙڻ وقت خبرداري وٺو. هٿ جا زوراٻا ڪم آڻيو.



شڪل ١.١٦ (الف) واڱڻ جو فصل (ب) ڪيپيل واڱڻ

## اسان ڇا سکياسين؟

**١.پرس باغ ۾ ڪهڙا فصل پوکيا.**

(الف) ------------------------------------------------

(ب) ------------------------------------------------

(پ) ------------------------------------------------

**٢. پرس باغ ۾ فصل ڪٽائيءَ يا ڪپڻ لاءِ تيار آهي، اهو ڪيئن سمجهبو؟**

(الف) ------------------------------------------------

(ب) ------------------------------------------------

(پ) ------------------------------------------------

**(٣) فصل جي ڪٽائي ڪرڻ يا ڪپڻ لاءِ ڪهڙا ساڌن ڪم آندا؟**

------------------------------------------------

------------------------------------------------

**(۴) ڪٽڻ وقت فصل جو نقصان نہ ٿئي ان لاءِ ڪهڙي خبرداري ورتندا؟**

------------------------------------------------

------------------------------------------------

**(۵) پرس باغ جي پئداوار جي ڪٽائي ڪرڻ يا ڪپڻ کان پوءِ ڪهڙي ڪريا ڪئي؟**

------------------------------------------------

------------------------------------------------



LO : 3, 4, 5, 9, 10, 11, 12, 16, 17, 18, 19, 20, 21

## مشغولي - ۹

### پاڇين جي مارڪيٽ ۾ وڃڻ

مڪاني پاڇين جي مارڪيٽ ۾ وڃي پاڇين ۽ ڦلن ڪي ڏيان سان جاچيو. انهن جا اگهه نوٽ ڪريو.

خاڪو ۱.۴ بازار ۾ پاڇيون يا ڦل پئداوارن جي قيمت ڏيکاريندڙ خاڪو:

| نمبر | پاڇين / ڦلن جو نالو | بازار ۾ اگهه في ڪلو/ جُڙي |
|---|---|---|
| ۱ | | |
| ۲ | | |
| ۳ | | |
| ۴ | | |
| ۵ | | |

## مشغولي ۱۰

### اسڪولي پرس باغ جي فصلن جا اگهه مقرر ڪرڻ.

اسڪولي پرس باغ ۾ تيار ٿيل پاڇين جو واهپو منجهند جي ڪاڏي لاءِ ڪري سگهجي ٿو. پرس باغ ۾ تيار ٿيل پاڇين جو واپر اَجان ڪهڙي نموني ڪري سگهبو. ان جي باري ۾ ماستر ۽ دوستن جي چرچا ڪريو. پرس باغ ۾ تيار ٿيل فصل جي پئداءش جي قيمت مقرر ڪرڻ لاءِ ٻج يا ٻوٽين جي قيمت، مٽيءَ جي سڌاري لاءِ پاڻي تي ڪيل خرچ، ڪم آندل سامان ۽ اوزارن جي قيمت وغيره سيني جو ويچار ڪرڻو پوندو. ان پئداوار جي وڪري لاءِ هر هڪ پئداوار جي اگهه ڪي مقرر ڪرڻو پوندو. پرس باغ جي فصلن جا اگهه ڪيئن مقرر ڪيا وڃن ٿا ان لاءِ دوستن ۽ ماسترن سان چرچا ڪريو. ان لاءِ خاڪو ۱.۵ پئداوار جا اگهه مقرر ڪرڻ لاءِ مددگار ٿيندو.

خاڪو ۱.۵ پرس باغ جي فصلن جا اگهه اٽڪلطور

| نمبر | توهان ڪهڙي فصل جي پئداءش ڪئي؟ (۱) | ٻج / ٻوٽيون ۽ ٻيا سامان انهن تي آيل خرچ ڪيترو ٿيو؟ (۲) | ڪپڙ جو انداز ڪيترو هو؟ (عدد يا وزن) (۳) | ڪيت مال جو جو بازارو اگهه ڪهڙو آهي؟ (۴) | توهان جي پئداوار لاءِڪيترا روپيا ملندا؟ (۵) |
|---|---|---|---|---|---|
| ۱ | | | | | |
| ۲ | | | | | |
| ۳ | | | | | |
| ۴ | | | | | |

LO : 13, 14, 15, 16, 17, 18, 19, 20, 21, 22, 23, 24, 25, 26, 27, 28, 29,30

## اجان ڇا ڪري سگهجي ٿو؟

- ☐ مٽيءَ جي بنا ونسپتي وڌي سگهن ٿا، اهو توهان کي خبر آهي ڇا؟ مثال : مني پلانٽ، شوَهہ جا بامبو وغيره
- ☐ هٿرادو ذهانت (AI) ڪم آڻي پرس باغ لاءِ سهڻي يوجنا تيار ڪريو.
- ☐ ڪوبہ اَڻ سڃاتل وڻ سڃاڻڻ لاءِ شڪل سڃاڻڻ ائپ ڪم آڻيو.
- ☐ اسڪولي پرس باغ جو جيئو ٽئنڱنگ ڪرڻ لاءِ ڊجيٽيل ٽڪنيڪي گيان ڪم آڻيو.
- ☐ پرس باغ ۾ پوڪيل فصل، ونسپتين جا وگيانڪ نالا ڳولهيو.

**بين وثان سڪيل مهتوَ جون ڳالهيون:**

- ☐ بين وثان سڪيل تي تمام مهتو جون ڳالهيون لکو:

**مشغولي ءِ ان لاءِ لڳندڙ وقت**

اسڪولي پرس باغ تيار ڪرڻ لاءِ ڪيترو وقت لڳي ٿو. اهو سمجهي وٺڻ ضروري آهي. هر هڪ ڪريا جي لاءِ اسان ڪيترو وقت ڏنو ان جو اٽڪل طور وقت ڳڻيو، اها ڪريا ءِ وقت هنيئين ريت نشانين ۾ لکو. جيڪڏهن ڪتاب ۾ ڏنل ڪاريائن کان وڌيڪ ڪريائون ڪيون هجن تہ انهن جو عدد ءِ وقت خاڪي ۾ لکو:

- ☐ پرس باغ تيار ڪرڻ لاءِهوندڙ مشغوليون ءِ انهن لاءِ لڳندڙ وقت نوٽ ڪريو:

| مشغولي | ١ | ٢ | ٣ | ٤ | ٥ | ٦ | ٧ | ٨ | ٩ | ١٠ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| وقت/عرصو (ڪلاڪ/ڏينهن) | — | — | — | — | — | — | — | — | — | — |

- **انٽرنيٽ جي سلامتي:**

انٽرنيٽ وپرائڻ وقت پنهنجي ماستر جي مدد وٺو. خبرداري وٺو ءِ سلامتيءَ جي جاچ ڪرڻ کانسواءِ ڪجهہ بہ اپلوڊ يا ڊائونلوڊ نہ ڪريو ءِ شخصي جاڻ ڪٿي بہ نہ ڪوليو.

## ويچار ڪريو ءِ جواب ڏيو:

١. پروجيڪٽ ڪرڻ وقت ڇا ڪرڻ ۾ مزو آيو؟
٢. پروجيڪٽ جي درميان مسئلا آيا ڇا؟
٣. اڳلي وقت بيو الڳہ ڇا ڪندا؟
٤. ڪهڙي حالت سبب بوٽيون وڌڻ ۾ مدد ملي؟ جيڪڏهن بوٽين جي واڌ سني نہ ٿئي تہ اَڳلي وقت ڇا ڪندا؟
٥. پرس باغ جي مٿين مشغولين سان لاڳاپو رکندڙ ڪسان، باغ ۾ ڪم ڪندڙ ڪرشي سائنسدان، ڪٽائي مشين جهڙن ڪرشي مشينن کي واپر ڪندڙ ڄاڻو ماڻهن سان ملاقات ڪريو ءِ ڄاڻ وٺو.
٦. ڪيتيءَ تي آڌار رکندڙ جدا جدا پيشين جي ڄاڻ حاصل ڪريو. توهان جي پسند جو پيشو ءِ وٺڻ جو ڪارڻ ان بابت ورنن ڪريو.

# - اَڀياس -

**سوال ١:هيٺين سوالن جا جواب توهانجي لفظن ۾ هڪ جملي ۾ لکو.**

١.پرس باغ معنيٰ ڇا؟

٢.پرس باغ جا ٻه فائدا لکو.

٣.پرس باغ ۾ پوکجڻ جوڳا چار فصل لکو.

٤.پرس باغ لاءِ گهربل ساڌن ۽ اؤزار - اُنهن جا اُپيوگ لکو.

٥.ڦل جو کوبه ٻج ترت متيءَ ۾ ڇمندو ڇا؟

٦. ٻاڙهن جا قسم لکو.

٧.چيتن ياڻن جا مثال ڏيو.

٨.ٿِبڪ ۽ تشار سنچن طريقا ڪٿي ڪم ايندا آهن؟

٩.ٽماٽي جي فصل تي ڦلن ڪي ڪائيندڙ سيوريون نظر اَچڻ تي انهن تي ضابطو ڪيئن ڪندا؟

**سوال ٢: صحيح جواب چونڊيو:**

١. پرس باغ ۾ مکيه طور ڪهڙا فصل پوکيا وڃن ٿا؟

(الف) ڪمند (ب) ڀاڃيون (ٻ) ڪپهه (پ) جوئر

٢. ٿبڪ سنچن اِهو ڪهڙو طريقو آهي؟

(الف) روئٽي (ب) سڌريل (ٻ) قدرتي (پ) ڪيميائي

٣. چيٽي وارو ياڻ ڪهڙي قسم جو ياڻ آهي؟

(الف) ڪيميائي (ب) جئوڪ (ٻ) چيتن (پ) هٽرادو

**سوال ٣:ٿوري ۾ جواب لکو:**

١.پرس باغ جي وصف، اَهميت ۽ فائدا مختصر لکو.

٢.پرس باغ ۾ متيءَ جي تياري ڪيئن ڪندا؟

٣.پنهنجي گهر جي لاءِ سادي پرس باغ جي يوجنا تيار ڪريو.

٤.خريف، ربي ۽ ونهاري جي مؤسم انوسار فصلن جو ٽائيم ٽيبل تيار ڪريو.

**سوال ٤: ٻڌايو منهنجو اُپيوگ ڇا آهي؟**

| الف گروهه | ب گروهه |
|---|---|
| ١. ڪُرپي | ١. ٻوٽن ڪي پاٽي ڏيڻ |
| ٢. ڪوڏر | ٢. ٽاريون ڪٽڻ لاءِ |
| ٣. سِڪيٽر | ٣. گاهه ڪڍڻ |
| ٤. جهارو | ٤. متي کوٽڻ لاءِ |

**سوال ٥ : توهان تيار ڪيل پرس باغ ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون سايون ڀاڄيون ۽ ڦلن واريون ڀاڄيون پوکيندا، انهن جي لسٽ ٺاهيو.**

# ٢. ساھوارن ۾ علحدگي نوٽ ڪرڻ جي ڪاپي

اَسانجي آس پاس الڳ الڳ وڻ، پکي، جانور، جيت نظر اَچن ٿا. انهن ۾ اَهڙي قسم جي ساھوارن ۾ نرالائپ کي جيو علحدگي چئجي ٿو. نباتات ، جانور، پکي، مڇيون، جيت، ڪيڙا، مٽيءَ ۾ ھوندڙ سوکيم ساھوارا وغيرھ جيوَ علحدگيءَ ۾ شامل آهن.

جيو علحدگي قدرت جو بئلينس رکڻ لاءِ تمام مھتوَ جا آهن، اهي کاڌي جي زنجير، پوشڻ چڪر، جل چڪر، جهڙين قدرتي پرڪريائن جو آڌار آهن. ساڳيءَ طرح ماڻھون کي اَنو، لٽو، اَجھو، دوائون، جلائو پدارٿ وغيرھ جون گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ جيو علحدگيءَ جو وڏو اُپيوگ ٿئي ٿو.

پر ڪارخانن، وڻ ڪٽڻ، پردوشڻ ۽ آبھوا ۾ بدلسدل سبب جيو علحدگيءَ تي گهرو اَثر ٿي رهيو آهي. تنهن ڪري جيو علحدگيءَ جي سنڀال اڄ جو تمام ضروري وشيہ آهي. خاطريءَ واري دائمي وڪاس لاءِ ۽ زمان مستقبل جي پيڙهين جي لاءِ قدرتي دؤلت سنڀالي رکڻ لاءِ جيو علحدگي جو بچاءُ ڪرڻ ضروري آهي.

مقصد:

- جيوَ علحدگيءَ تي هڪ ليک پيش ڪرڻ
- ڄاڻ گڏ ڪرڻ لاءِ جدا جدا وسيلا ڪم آڻڻ
- جدا جا هنڌن تي جيوَ علحدگي نوٽ ڪرڻ
- جيو علحدگيءَ جي نوٽ ڪرڻ لاءِ اِستان سڃاڻڻ
- جيو علحدگيءَ جي نوٽ ڪرڻ بابت سمجھي وٺڻ



(٢.١ شڪل ڏسو)

## جيو علحدگي درج ڪرڻ (نوٽ ڪرڻ)

ساھوارن جي باري ۾ ڄاڻ اَسان وگيان ۾ سکيا آهيون. ساھوارن جي علحدگيءَ جي ڄاڻ وگيانڪ نموني ڪٺي ڪرڻ، ان کي صحيح ڍنگ سان ٿاهي رکڻ معنيٰ جيو علحدگي درج ڪرڻ. انڀ ساھوارا جانور، پکي وغيرھ جي رهائشي هنڌن بابت ڄاڻ هوندي آهي. ان ۾ علائقو، مٽيءَ

جو قسم، ساهوارن جا وگيانڪ ۽ مڪاني نالا، جانورن جو ڪاڏو، فائديمند ۽ نقصانڪار جزا اهڙي قسم جي جدا جدا ڄاڻ شامل هوندي آهي.

شهرن جو وڪاس، ڪارخانن جو وڪاس، ان لاءِ ٿيندڙ جهنگل ڪٽڻ جي ڪريا سبب ساهوارن جي رهائش هنڌن ۾ تبديل اچي ٿي. تنهن ڪري ساهوارن جون ڪيترين ئي جاتيون نالي ماتر وڃي رهڻ جو دوکو پيدا ٿي رهيو آهي. ان لاءِ جيو علحدگيءَ جي درج ڪرڻ جي ضرورت آهي. ماڻهو پڻ اِن جيوَ علعدگيءَ جو هڪ جزو آهي. ڪنهن بہ وڻ ٻوٽي يا جان جو نقصان ماڻهوءَ سان گڏ سڄي ماحول جي جزن تي اثر ڪري ٿو.

جيو علحدگي درج ڪرڻ سبب ماڻهن کي ڪارائتي ڄاڻ ملي ٿي. مثال: مڪاني وڻ ٻوٽا ڪهڙا؟ اُنهن تي آڌار رکندڙ جانور، پکي ڪهڙا؟ دوائن وارن ٻوٽن جا اُپيوگ ڪهڙا؟ وڻن ٻوٽن تي يا فصل لاءِ ڪارائتا ۽ نقصانڪار جيت ڪهڙا؟ فصل ڪڏهن پوکڻ گهرجن؟ وغيره.

توهان آس پاس جي جيو علحدگي جي ڄاڻ صحيح ڍنگ سان درج ڪري پنهنجي نڊي جيو علحدگي نوٽ ڪاپي تيار ڪري سگهو ٿا. اَسان جي اَڙ سڄاتل ڪنهن وڻ ٻوٽي، جيت ، پکي يا جانور نظر اچڻ تي ان جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ هيٺين ٻالهين جو اُپيوگ ڪري سگهجي ٿو.

١. ماستر/بزرگ/ڪتنب جا ڀاتي/ماهر ماڻهن سان ڳالهائڻ
٢. لائبرريءَ ۾ ان وشيہ تي ڪتاب ڳولهي ڄاڻ حاصل ڪرڻ
٣. ڪامپيوٽر تي انٽرنيٽ جي مدد سان ڄاڻ ڳولهڻ
۴. موبائيل فون تي ائپليڪيشن جو اُپيوگ ڪرڻ
۵. آس پاس جي جدا علائقن ۾ وڃي جاچ ڪري نوٽ ڪرڻ.



## هن پروجيڪٽ بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ جيو علحدگيدرج ڪرڻ ۾ ڪم ايندڙ پد ۽ وصفون.

- وگيانڪ نالو: سيني ٻاشائن ۾ ساڳيو هوندڙ ساهوارن ڪي ڏنل خاص نالو آهي. دنيا ڀر ۾ ان ساهواري لاءِ اهو هڪئي نالو ڪم آڻجي ٿو. اِهو نالو انگريزيءِ ۾ اٽالڪ (Etalic) لپيءِ ۾ لکجي ٿو.
مثال: ساوا ڌاڻا. ان ٻوٽي ڪي هر هڪ ٻاشا ۾ الڳه الڳه نالا آهن.
- سڄي دنيا ۾ ان جو اٻياس ڪرڻ لاءِ (Cariandrum , sativum) ڪوريئينڊرم سٽيوم اهو نالو ڪم آندو وڃي ٿو.
- علحدگي : پسگردائيءِ ۾ ملندڙ جدا جدا قسمن جي ساهوارن ۾ قسم معنيٰ علحدگي
- فصل جو هنگام : جنهن عرصي ۾ خاص فصل پوکيو وڃي ٿو اُهو عرصو
- ڦلن جو هنگام : جنهن عرصي ۾ ڪي مقرر ڦل اَچن ٿا اُهو عرصو
مثال: اونهارو - اَنب، هندا ڻا
- وڻ ٻوٽا پوکڻ جا وسيلا : جنهن مان نوان وڻ ٻوٽا پيدا ٿين ٿا. اها ڳالهه : مثال : ٻج، ٻوٽيون، پاڙون، ڏڙن جا ڪٽيل ٽڪر
- اثرائتي فصل : جنهن فصل جو نقصان جيت ۽ ڪيڙن سبب ٿيو آهي. اهڙو فصل .
مثال وڻن ٻوٽن تي اثر ڪندڙ روڳ، پن يا ڦل کائيندڙ جيت يا ٻئي ڪنهن به ڪارڻ سبب اثر ٿيل وڻ ٻوٽا
- ميزوان : (Host) جن تي ٻيا ٻوٽا يا جانور رهن ٿا، کاڌو حاصل ڪن ٿا. انهن ڪي ميزوان چئجي ٿو.
مثال: ڪتا، پيسوڙا جيتن ڪي آسرو ڏين ٿا. اهي پيسوڙا انهن جو رت چوسين ٿا. ڪجهه جيت وڻن ۾ رهن ٿا ۽ انهن مان ئي کاڌو پن ۽ ڦل کائي حاصل ڪن ٿا.
- نقصان ڪندڙ ساهوارا: (ڪيڙا/جيت (Pest) فصل ڪي، وڻن ڪي، سانڍي رکيل اناج ڪي يا گهرجي شين ڪي نقصان پهچائين ٿا اهڙا جيت/ڪيڙا يا جانور. مثال: مکيون، مڇر، ڪوئا وغيره
- جيوڙا مار: جيتن سبب ميزونن ڪي ٿيندڙ نقصان روڪڻ لاءِ يا ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ جزا، اِهي جزا نهرا، پاڻياٺ يا گئسي حالت ۾ ٿين ٿا.
- اَڻ گهربل گاهه : مکيه فصل سان گڏ وڌندڙ اڻگهربل گاهه.
- اَڻ گهربل گاهه ناس ڪندڙ : اڻگهربل گاهه سبب ٿيندڙ نقصان ڪي روڪڻ لاءِ يا ڪنٽرول ۾ رکڻ لاءِ اُنهن جو اُپيوگ ٿئي ٿو.
- جي. آيه. ٽئگ : (Geographical Indication Tag) (GI Tag) معنيٰ ڪنهن خاص هنڌ سان لاڳاپو رکندڙ خاص فصل ڪي سرڪار پاران ڏنل ۽ دنيا ڀر ۾ مڃيو ويندڙ نشاني. ان خاص شيءِ جي خاصيت ، مشهوري ڪي سڃاڻپ ان خاص هنڌ سان ٿئي ٿي. مثال طور: اسان جي ديش ۾ چانورن جا ڪيترائي قسم آهن. ڪيرالا جا نورا چانور، اُتراکنڊ جا باسمتي چانور، اولهه بنگال جا گووند ڀوڳ چانور، مهاراشٽرا جي جلگانءُ جا ڪيلا، ڪونڪڻ جا هاپوس انب، شولاپور جي جوئر وغيره جي. آيه. ٽئگ (GI Tag) جا مثال آهن.
- رهائشي استان : ڪنهن خاص قسم جي ساهوارن جو رهڻ جو هنڌ .

مقصد:

پروجيڪٽ جي پڄاڻيءَ ۾ هيءُ ڪري سگهجي ٿو.

١.آس پاس ملندڙ جيو علحدگيءَ کي ڏينگ سان درج ڪرڻ.

٢.جيو علحدگيءَ سان لاڳاپي چاڻ گڏ ڪرڻ لاءِ جدا جدا طريقا ڪم آڻڻ

٣.آس پاس جي جيو علحدگيءَ جي صحيح طريقي وشليشڻ ڪري ان باري ۾ گيان وڌائڻ.

گهربل سامان/ساڌن

جيو علحدگيءِ درج ڪرڻ لاءِ هينيان ساڌن/سامان گهربل آهن.

- نوٽ ڪرڻ لاءِ ڪاپي، پين، پينسل، ڌاڳو جو ربڙ، ماپ پٽي ۽ شارپنر
- ونسپتي يا جيت ڏيان سان ڏسڻ لاءِ هٿ ۾ پڪڙڻ جو لينس. (بلور)
- فوٽو ڪيڻ لاءِ يا ڏسڻ ٻڌڻ جون ڳالهيون رڪارڊنگ ڪرڻ لاءِ.
- ماسٽر يا پالڪ جي ڪئميرا يا سمارٽ فون ڪم آڻي سگهو ٿا.
- جيو علحدگي ڪاپيءَ ۾ درج ڪرڻ لاءِ ساهوارن جا فوٽو ڪيڻ ضروري آهن.
- ساهوارن کي سڃاڻڻ لاءِ سمارٽ فون ڪم آڻي سگهو ٿا.
(ماسترن يا پالڪن جي فون جو استعمال اُنهن جي اِجازت سان ڪريو)

سلامتيءَ لاءِ قائدا :

- مئدان يا قدرت ۾ وچڻ وقت بوٽ استعمال ڪريو
- مڇرن ۽ جيتن کان بچاوَ لاءِ هٿ پير ڍڪي رکو.
- ونسپتي، جيت، پکي انهن کي جاچي ڏسڻ وقت خبرداري وٺو.
- ڪنهن بہ جانور، پکي يا جيت کي تڪليف نہ ڏيو.
- ڪابہ شيءِ انهن جي رهائشي آستان کان ٻاهر نہ آڻيو
- ڪنهن بہ ٻوٽي کي نقصان نہ پهچايو.
- ڪچرو اُتي ئي ڇڏي نہ اچو. ماڻهوءَ جو ڪيل ڪچرو قدرت لاءِ نقصانڪار هوندو آهي.

- انٽرنيٽ سلامتي:

انٽرنيٽ ڪم آڻڻ وقت پنهنجي ماستر جي مدد وٺو، ساوڌاني رکو، سمامتيءَ جي خاطري ڪرڻ کان ساوءِ ڪجهہ بہ اَپلوڊ يا ڊائونلوڊ نہ ڪريو. شخصي چاڻ ڪٽي بہ نہ رکو.

## مشغولي - ١ : آس پاس جاچڻ

ممڪن هجي ان وقت ڪلاس مان ٻاهر نڪري قدرتي آس پاس ۾ وڃو. آس پاس هوندڙ ساهوارن کي ڌيان سان جاچيو. ننڍي جاءِ ۾ به ڪي ٻوٽا، جيت، ڪوريئڙا، نوريئڙا، پکي ۽ ٻيا جانور ائين هڪ ٻي ننڍي دنيا ملي ٿي. ان ۾ساهوارا هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هوندا آهن. توهان جي کيل جاچ ۽ لاڳاپي جاچ پنهنجي جيو علحدگي ڪاپيءَ ۾درج ڪريو.



شڪل ٢.٢ آس پاس جي ساهوارن جي جاچ درج ڪرڻ

ڪاپيءَ ۾لکڻ کي شروع ڪرڻ کان اڳ هميشه نظر ايندڙ ساهوارن جي لسٽ هيٺين خاڪي ۾ڀريو. اُهي ڪٿي ملن ٿا. پاڻيءَ جي ويجهو/وڻ تي/باغ ۾ /مئدان تي وغيره اَهڙي نموني درج ڪريو. ممڪن ٿئي ته چٽر ڪيو. يا فوٽو ڪيو. اُن جو اُپيوڪ جيو علحدگي ڪاپيءَ ۾ ڪريو.

خاڪو ٢.١ جدا جدا ساهوارن جي جاچ ڪري سگهجي اَهڙا استان ڳولهڻ

| ساهوارا | نالو (الڳ الڳ ڀاشائن ۾ نالا ڳولهڻ جي ڪوشش ڪريو | رهائشي هنڌ (اُهي ڪٿي ملن ٿا \ ڏسجن ٿا) |
|---|---|---|
| جيت | | |
| پکي | | |
| جانور | | |
| ساپا | | |

## مشغولي - ٢: جيو علحدگيءَ کي ڌيان سان جاچڻ - ماهر / ڄاڻو ماڻهن جي مدد سان پسگردائيءَ جي سڃاڻپ.

جيو علحدگيءَ بابت وڌيڪ گهرائيءَ سان ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ جدا جدا ماهر ماڻهو ڪوٺايو. مثال: جهنگل جا اَڌڪاري، پکي مِتر، پراڻي مِتر، ڪسان وغيره. جيو علحدگيءَ جي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ پرياورڻ رڪشڪ ۽ بچاءُ لاءِ ڪم ڪندڙ ماڻهن کي پڻ سڏ ڪرائي سگهو ٿا. اَهڙا ماڻهو خود ان پسگردائيءَ ۾ ڪم ڪندڙ هئڻ سبب انهن جي ڪيتر ۾ گيان جو خاص فائدو ٿيندو. روائتي ٻوٽن مان دوائون تيار ڪرڻ واري ڄاڻو ماڻهوءَ کي پڻ سڏائي سگهو ٿا. انهن ڄاڻو ماڻهن کان وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ سوالن جي لسٽ ٺاهيو.ان لاءِ هيٺيان سوال مددگار ثابت ٿيندا

١.پسگردائيءَ ۾جدا جدا قسمن جا وڻ ٻوٽا ڪٿي ملي سگهن ٿا؟

٢.پسگردائيءَ ۾وڌندڙ وڻ، اُتان جا ئي آهن يا ٻئي هنڌان آيل آهن. اهو ڪيئن سمجهندو؟

٣.پسگردائيءَ ۾ کهڙن پراڻين ۽ پکين جو رهائشي آستان آهي؟

۴.هر سال ڪيترا پکي لڏپلاڻ ڪن ٿا؟
۵.توهان جي پسگردائيءَ ۾ نه ملندڙ وڻ ڪهڙا آهن؟
٦.جيو علحدگيءَ ۾واڌارو ڪرڻ لاءِ ڪهڙي قسم جي وڻن ٻوٽن جي پوک ڪرڻ گهرجي؟
٧.جيو علحدگيءَ کي نقصان پهچائيندڙ وڻ ڪهڙا آهن؟

جيو علحدگي جي ڪاپيءَ ۾درج ڪرڻ لاءِ ڪارائتي سوچنا.

جيو علحدگي ڪاپيءَ کي تيار ڪرڻ لاءِ سئر جو هنڌ سڃاڻڻ اهو پهريون ڏاڪو آهي. (جدا جدا مندن جي باري ۾ڄاڻي وٺڻ لاءِ انهن هنڌن تي هڪ کان وڌيڪ دفعا وڃڻو پوي ٿو.) ان وڃڻ جي پڻ رٿا ڪرڻ ضروري آهي.ان رٿا موجب اسان کي جيو علحدگي درج ڪرڻ ايندي. ان کان پوءِ پنهنجي جاچ جي آڌار تي پيش ڪرڻ ايندو.

مشغولي - ۳: جاچ جوچ لاءِ جاءِ مقرر ڪرڻ :

جيو علحدگي کي درج ڪرڻ لاءِ ڪهڙين جاين تي وڃي سگهجي ٿو. اهو مقرر ڪريو.
مثال: (۱) اسڪول جي آس پاس علائقو، (۲) تلاو جي آس پاس پسگردائي، (۳) گهر جي آس پاس پسگردائي، (۴) کيت باغ، (۵) بازار وٽ شڪل ۲.۳



شڪل ۲.۳ (الف) تلاءُ



شڪل ۲.۳ (ب) جهنگل



شڪل ۲.۳ (ٻ) کيت



شڪل ۲.۳ (پ) باغ

شڪل ۲.۳ جيو علحدگي جي جاچ لاءِ جايون / هنڌ : تلاءُ، جهنگل، کيتي، باغ، نديون نالا

ڪنهن به هنڌ وڃڻ لاءِ گهٽ خرچ ۾ سولائيءَ سان وڃي سگهبو. اهڙائي هنڌ ڳولهيو. چاڪاڻ ته اَهڙن هنڌن تي نوٽ ڪرڻ جي لاءِ سؤلو ڪم ٿيندو. وري پڻ وڃڻو پوي ته سؤلو ڪم ٿيندو.

جاچ سني نموني باقاعدي ڪرڻ لاءِ هيٺئين چاڻ جو اُپيوڳ ٿيندو.

۱.پسگردائي (مثال - جهنگل، تلاءَ، گاهه وارو ميدان، شهري پاڻو) ۾ ڪهڙي قسم جو رهائشي هنڌ آهي؟

---

۲.ٻين ڪيترن جي پيٽ ڀرجتي وڏيڪ وڻ ۽ ٻوٽا هوندا آهن، اَهڙو ڪهڙو ڪيتر آس پاس آهي ڇا؟ ها/ نه

---

۳. آس پاس جي پسگردائيءَ ۾ ڪهڙي قسم جا پکي، جانور، جيت وغيره نظر آيا.

---

۴.خاص پاڻن ۾ وڻن ۽ جانورن جي سلامتيءَ لاءِ ڪجهه خاص ڪوششون ڪيون وڃن ٿيون ڇا؟ (مثال ڪجهه جاتين جو بچاءُ ۽ واڌارو يا ڪنهن پاڻي ۾ ڦرڻ گهمڻ لاءِ منع)

---

۵. ڪهڙن هنڌن تي وڃڻ جو ويچار ڪري رهيا آهيو؟ اُهي هيٺ لکو.

۱.

۲.

۳.

۴.

مشغولي - ۴: جيو علحدگيءَ جي جاچ لاءِ وڃڻ جو ٽائيم ٽيبل

جيو علحدگيءَ جي جاچ ڪرڻ وڃڻ لاءِ ٽائيم ٽيبل تيار ڪرڻ لاءِ هيٺيون ڳالهيون ڌيان ۾ رکو.

- ☐ مڪاني ڄاڻو/ ماهر، علم حيات جا ماهر، پرياورڻ رکشڪ جي صلاح وٺو.
- ☐ وڌ ۾ وڌ ۵ شاگردن جو گروهه تيار ڪريو.
- ☐ چونڊيل پاڻن کي اسڪول جي سال جي جدا جدا وقتن تي وڃڻ جي رٿا ڪريو.

تنهن سبب جدا جدا مُندن ۾ ٿيندڙ بدل سدل فرق ڪري سگهندا. (اِن لاءِ ماستر جي مدد وٺو) ملاقات تي وڃڻ جو ٽائيم ٽيبل تيار ڪريو ۽ هيٺئين خاڪي ۲.۲ ۾ پُريو

| نمبر | جيو علحدگي جاچ لاءِ وڃڻ جو هنڌ | مند |
|---|---|---|
| ۱. | | |
| ۲. | | |
| ۳. | | |

مقرر ڪيل هنڌ تي وڃڻ لاءِ ڪاپي، پين، پينسل، لينس وغيره گڏ رکو. ان علائقي جي ڄاڻ ڏيندڙ ڪتاب هجي ته گڏ کڻو. ان سبب وڻ، ٻوٽا، جيت، پکي، پراڻي ۽ ٻين ساهوارن جي جاچ تز نموني ڪري سگهبي.

## مشغولي - ۵: جيو علحدگيءَ جي جاچ جون ڳالهيون نوٽ ڪرڻ



شڪل ۲.۴ ڪليل اکين سان بلور/ لينس سان جاچڻ

جيو علحدگي نوٽ ڪرڻ لاءِ ۲.۳ کان ۲.۸ تائين خاڪا ڏنا ويا آهن. انهن خاڪن ۾ توهان جيڪيل جاچ ۽ چرچا جي آڌار تي توهان ويچار لکو. انهن خاڪن ۾ڪيٽريون ئي قطارون ۽ ڪالم آهن. وڌ ۾ وڌ ڪالم پرڻ جي ڪوشش ڪريو. ماستر ۽ گڏ ڪم ڪندڙ جي صلاح سان پڻ جاڻ پري سگهو ٿا. توهان پنهنجي آس پاس جي ساهوارن سان لاڳاپو رکندڙ نئون خاڪو پڻ تيار ڪري سگهو ٿا.

مثال: جيڪڏهن توهان وڏي شهر ۾ رهو ٿا ته آس پاس جي باغ ۾ گلن ۽ ڦلن جا وڻ ڳولهي جاڻ لکو.

### جاچون لکڻ وقت هيٺيون ڳالهيون ڌيان ۾ رکو



شڪل ۲.۵ جاچ درج ڪرڻ

۱.ڪيل جاچون هڪ بئي کي ڏيکاريو. ڪنهن هنڌ پهريون دفعو ويا هجو ته پنهنجو جاچون نوٽ ڪرڻ، رهيل هجن ته بئي جون جاچون پڙهي پوءِ ڪِل ملائي جاڻ لکو.

۲.هر هڪ وقت ڪنهن هنڌ وڃڻ سان نئين جاڻ ملندي اها ڪوشش ڪريو.

۳.نوان ڏٺل جيت، ساپا، پکي، وڻ، ٻوٽا ۽ جانور جا چتر ڪيو يا فوٽو ڪيو.

هترادو ذهانت (AI) ساڌن ڪم آڻي ساهوارا سڃاڻڻ ۾ مدد ٿيندي.
(اِن لاءِ مناسب مفاصلي تان، سلامتيءَ جي قائدن تي عمل ڪندي هيءَ ڪريا ڪريو)

خاڪي جي ڪنهن ڀاڱي جي جاڻ نه ملي ته اُهو خالي رکڻ کان اڳ ماستر سان ڳالهه ڪريو.

## ١.فصلن جي يا وڻن ٻوٽن جي جيو علحدگيءَ جي جاچ

١.جاچ جي تاريخ : ----------------------------------------

٢.هنڌ / آستان : ----------------------------------------

٣.رهائش جو نمونو : ----------------------------------------

٤.آبهوا جي حالت : ----------------------------------------

٥.جاچون : ----------------------------------------

خاڪو ٢.٣ پاڇين جي فصل جو ورنن

| نمبر | ورنن | مثال | ١ | ٢ | ٣ | ٤ | ٥ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ١ | فصل جو نالو | بصر | | | | | |
| ٢ | مڪاني نالو | مرهٽيءَ ۾ ڪاندا<br>هنديءَ ۾ پياج | | | | | |
| ٣ | وگيانڪ نالو | *Allium cepa* | | | | | |
| ٤ | واڻ جو نالو | پنچ - گنگا ،<br>نغاڙ - ٥٣ | | | | | |
| ٥ | پوکڻ جو طريقو | سڌي پوک/ پاڙ<br>ٻج \ٻوٽيون | | | | | |
| ٦ | فصل ۾ ڪٽڻ<br>وقت جي موسم<br>جي باري ۾<br>خاص ڄاڻ | بصر جي پوک<br>۾ ڪٽڻ/ ڪپڻ<br>الڳ الڳ موسم/<br>مند ۾ ڪري<br>سگهجن ٿا | | | | | |
| ٧ | اُپيوگ | روز جي ڪاڌي ۾،<br>مصالح جو<br>فصل، دوائون | | | | | |
| ٨ | چتر /فوٽو |  | | | | | |

**٢.ڦلن وارن وڻن ۾ جيو علحدگي جاچ:**

١.جاڻ جي تاريخ : ------------------------------------

٢.هنڌ : ------------------------------------

٣.رهائش جو قسم : ------------------------------------

۴.آبهوا جي حالت : ------------------------------------

۵.جاچون : ------------------------------------

خاڪو ٢.۴ ڦلن جي وڻن جو ورنن

| نمبر | ورنن | مثال | ١ | ٢ | ٣ | ۴ | ۵ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ١ | فصل جو نالو | انب | | | | | |
| ٢ | مڪاني نالو | انب | | | | | |
| ٣ | وگيانڪ نالو | Mangifera indica | | | | | |
| ۴ | واڻ جو نالو | هاپوس ، ڪيسر | | | | | |
| ۵ | پوک جو طريقو | گڏيل قلم | | | | | |
| ٦ | ڦلن جي موسم | اونهارو | | | | | |
| ٧ | خاص جاڻ | ڦلن جو راجا | | | | | |
| ٨ | اُپيوگ | ڪٽائڻ ، آمرس کائڻ لاءِ | | | | | |
| ٩ | چتر / فوٽو |  | | | | | |

**نوٽ:** هاپوس انبن کي جاگرافيڪل نشاني(GI) درجو ڏنو ويو آهي. ان تان ان جي پيداوار رتنگاري ۽ سنڌودرگ انهن خاص هنڌن تي ٿئي ٿي. اهو پرماڻت ٿئي ٿو.

## ١.گاهه وارن ٻوٽن ۾ جيو علحدگي جاچڻ

١.جاچ جي تاريخ : ------------------------------------------

٢.هنڌ : ------------------------------------------

٣.رهائش جو قسم : ------------------------------------------

۴.آبهوا جي حالت : ------------------------------------------

۵.جاچون : ------------------------------------------

گاهه وارو ٻوٽو: گاهه جو هڪ قسم آهي. اهو جانورن کي کاڌي جي روپ ۾ ڏنو ويجي ٿو

خاڪو ٢.۵ گاهه واري فصل جو ورنن

| نمبر | ورنن | مثال | ١ | ٢ | ٣ | ۴ | ۵ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ١ | فصل جو نالو | نيپار گاهه / هاٿي گاهه | | | | | |
| ٢ | مکاني نالو | هاٿي گاهه | | | | | |
| ٣ | وگيانڪ نالو | *Pennisetum purpureum* | | | | | |
| ۴ | واڌ جو نالو | پوُسا جوائنٽ | | | | | |
| ۵ | پوکڻ جو طريقو | ٽڙ يا پاڙ وٽ ڪٽڻ | | | | | |
| ٦ | فصل ۾ ڪيڏڻ جي موسم بابت خاص ڄاڻ | فيبروري ۽ کان مارچ | | | | | |
| ٧ | اُپيوگ | جانورن لاءِ گاهه ڪارائڻ لاءِ جيت ، پکين جي لاءِ رهائش استان | | | | | |
| ٨ | چتر / فوٽو |  | | | | | |

LO : 2, 3, 4, 9, 10,11, 12, 13, 14, 15, 22, 23, 24, 25, 26, 27, 28, 29, 30

## ۵.جيتن ۾ جيو علحدگي جي جاچ

۱.جاچ جي تاريخ : ..............................

۲.هنڌ : ..............................

۳.رهائش جو قسم : ..............................

۴.آبهوا جي حالت : ..............................

۵.جاچون : ..............................

خاڪو ۲.۷ جيتن جو ورنن

| نمبر | ورنن | مثال | ۱ | ۲ | ۳ | ۴ | ۵ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ۱ | جيت جو نالو | ماوا (ملي بگ) | | | | | |
| ۲ | مڪاني نالو | ماوا (لوڪري) | | | | | |
| ۳ | جيت جو وگيانڪ نالو | *Melanaphis sacchari* ڪمند جي فصل تي | | | | | |
| ۴ | رهائشي استان | ماوا عام طور پنن جي هيٺئين سطح تي ، ٻوٽن جي نازڪ سلن تي | | | | | |
| ۵ | خاص ڳالهيون (هجن ته) | ڪنبي هوندڙ ۽ ڪنين جي بنا ٻنهي نمونن ۾ | | | | | |
| ٦ | نقصان جو عرصو / موسم | سياري ڪان پوءِ گرمي پد وڌڻ تي | | | | | |
| ۷ | چتر/فوٽو |  | | | | | |

پوئين صفحي تي خاڪي جي ڄاڻ جي آڌار تي هيٺين جزن بابت پڻ توهان ڄاڻ گڏ ڪري سگهو ٿا

| نمبر | ورنن | پراڻي | پکي | جهنگلي وڻ/ ٻوٽا |
|---|---|---|---|---|
| ١ | | | | |
| ٢ | | | | |
| ٣ | | | | |
| ۴ | | | | |
| ۵ | | | | |
| ٦ | | | | |
| ٧ | | | | |

## مشغولي - ٦ اَڻ ڄاتل ڳالهہ جي جاچ ڪرڻ

جيو علحدگيءَ جي باري ۾ ڄاڻ نہ هوندڙ ڳالهہ يا ان جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ يا ڪابہ ڄاڻ گهربل آهي تہ اسان ڪنهن ماهر يا ان وشيہ جي ڄاڻو ماڻهوءَ کان پڇي سگهون ٿا. ان جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ هٿرادو ذهانت (AI) ساڌنن يا اسڪول جي لئبرريءَ جو اُپيوگ ڪري سگهو ٿا.

وڻ ٻوٽا /فصل /اَڻ گهربل گاهہ/جيت اِنهن جي وشيہ ۾ ڄاڻ گڏ ڪرڻ لاءِ هٿرادو ذهانت ساڌنن جو اُپيوگ



چٽر ٢.٦ گهربل ڄاڻ ڳولهڻ لاءِ ڪيترائي وسيلا ڪم آڻيو

گُگل لينس (Google Lens) اهو هڪ نظارو سڃاڻڻ (Visual Search) تڪنيڪ آهي. موبائيل جي ڪئميرا سان ڪا شيءِ، بيان يا ڪنهن هنڌ جو فوٽو ورتو تہ گُگل لينس ان جي ڄاڻ ڳولهي ڏئي ٿو. اهو تڪنيڪي گيان ساڌن جي ڪئميرا ذريعي چٽيل شيون، بيان، نشانيون وغيره ڳالهين جو وشليشڻ ڪري ڄاڻ ڏئي ٿو. گُگل لينس شيون سڃاڻي سگهي ٿو، بيان پڙهي سگهي ٿو، ڀاشا جو ترجمو ڪري سگهي ٿو، بارڪوڊ ۽ QR ڪوڊ اسڪئن ڪري سگهي ٿو. ان باري ۾ وڌيڪ ماسترن يا پالڪن جي رهبريءَ ۾ حاصل ڪريو.

گُگل لينس ڪنهن بہ فوٽو/ چتر/ شيءِ جو وشليشڻ ڪري ٿو ۽ ان جي باري ۾ ڄاڻ ڏئي ٿو. گُگل لينس ڪم آڻي وڻن ٻوٽن/ فصل/ اَڻ گهربل گاهہ/ جيت ۽ ڪيڙن جي باري ۾ وگيانڪ نالو، روپ، ٻئي ڪارائتي ڄاڻ سؤلائيءَ سان حاصل ڪجي ٿي.شيءِ جو فوٽو مؤجود نہ هجي تہ گُگل لينس جي مدد سان فوٽو پڙ ڪڍي ٿو ۽ ان جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي. ان جي اُپيوگ لاءِ هيٺين ريت ڪريو.

١.سمارٽ فون ۾ گُگل لينس ائپ ڊائونلوڊ ڪريو. اڳ ۾ هُجي تہ انجو اُپيوگ ڪريو.

٢.سرچ بار ۾ گُگل لينس آئڪان کولهيو ۽ ان تي دٻايو. ان سبب گُگل لينس ڪم شروع ڪندو.

٣.جنهن جي ڄاڻ سڃاڻپ گهرجي. ان ٻوٽي/ جيت/ شڪل/ تصوير ڏانهن پنهنجي ڪئميرا جهليو ۽ ڳولهڻ لاءِ شٽر بٽڻ تي ٽئپ ڪريو. گُگل لينس جي مدد سان خاڪي ۾ گهربل ڄاڻ جيو علحدگي جي ڪاپيءَ ۾ درج ڪري سگهجي ٿي.

**مشغولي - ٧:** جُهڻ علحدگيءَ جي لڪيل ڳالهين کي پيش ڪرڻ:

جدا جدا هنڌن تي وڃي ڄاچ ڪري گڏ ڪيل ڄاڻ ڪم آڻي جيو علحدگيءَ جي باري ۾ پيش ڪري سگهجي ٿي.ڄاڻ جي آڌار تي خاڪا تيار ڪرڻ، شڪليون ڪڍڻ، ماڊل ناهڻ، پاور پائنٽ شو تيار ڪرڻ ۽ ٻين جدا جدا قسمن سان پيش ڪش ڪري سگهجي ٿي. اها پيش ڪش فقط ڄاچ ۽ گڏيل ڄاڻ جي آڌار تي هوندي. پيش ڪش ڪرڻ وقت جدا جدا هنڌن تي، الڳ الڳ مندن ۾ نرالائپ ڏيکاريو. اها نرالائپ ئي علحدگيءَ جوسار آهي.

**پيش ڪش ڪرڻ جا ٻہ پاڱا ڪريو:**

**پاڱو-١: گڏ ڪيل ڄاڻ کي توري ڏسڻ:**

هن ڪان اڳ خاڪن ۾ الڳ الڳ رهائش جدا جدا مؤسمن ۾ مليل ڄاڻ پريل آهي. پنهنجي آس پاس جي کيتر ۾ ملاقات ڏيندڙ ڪنهن مهمان کي پنهنجي آس پاس جي جيو علحدگي سمجهائڻ لاءِ اها ڄاڻ ڪم ايندي.

هيءَ ڄاڻ گڏ ڪرڻ لاءِ راهہ ڏيکاريندڙ سوال هيٺ ڏنل آهن:

اَڃان ڪهڙي نموني، اِن ڄاڻ کي توري ڏسڻ جو ويچار ڪريو.

١.اسان جي آس پاس جي پاڱي ۾ ودندڙ جدا جدا وڻ ٻوٽا ڪهڙا؟

٢.ڪهڙا وڻ ٻوٽا سيني مُندن ۾ ودن ٿا ۽ ڪهڙا خاص مُند ۾؟

٣.سڀ فصل ۽ ڦل هڪ ئي مؤسم ۾ ايندي آهي ڇا؟

٤.سڀ وڻ ٻوٽا هڪ ئي مؤسم ۾ ودن ٿا ڇا؟

٥.وڻ ۽ ٻوٽا اَسان جي لاءِ ڪارائتا آهن ڇا؟ جيڪڏهن ها تہ ڪيئن؟

٦.هر قسم جو گاهہ سڄو سال ملي ٿو يا فقط ڪنهن مؤسم ۾؟

٧.سيني ٻوٽن جي،اڻ گهربل گاهہ جو بُرو اَثر ڪتي ٿئي ٿو ڇا؟

٨.ڪجهہ ڪارائتو آهي ڇا؟ ڪجهہ گاهہ جا نالا ٻڌايو ۽ اُنهن جا اُپيوگ ٻڌايو.

٩.سيني ٻوٽن تي ڪجهہ نہ ڪجهہ جيت هوندا آهن ڇا؟

١٠.ڪجهہ ٻوٽن تي ڪجهہ موسمن ۾ جيتن جو عدد وڌيڪ هوندو آهي ڇا؟

١١.مڪاني ماڻهن وٽان ڪهڙي ڄاڻ حاصل ڪئي؟

مثال: ٻوٽن جو دوائن ۽ گاهہ لاءِ اُپيوگ ۽ ان لاءِ ملندڙ ٻوٽا)



شڪل ٢.٧ جيو علحدگيءَ جي پيش ڪش

### ياڱو-٢: ڳڻ ڪيل ڄاڻ وڏيڪ گهرائيءَ سان سمجهڻ:

آس پاس ۾ جيو علحدگي وڏيڪ گهرائيءَ سان سمجهي وٺڻ لاءِ پيش ڪرڻ، اها پيش ڪرڻ وقت، شڪل، مثالن ذريعي سمجهائڻ جا طريقا ڪم آڻڻ. اها پيش ڪش وڏيڪ اثرائتي ۽ ڄاڻ سان ڀرپور ڄاڻ سان ڀريل ٿيڻ لاءِ ڇا ڪري سگهجي ٿو ويچار ڪريو. (شڪل ٢.٧)

پيش ڪش لاءِ هيٺين سوالن ڪي ڪم آڻيو. ان ڪان سواءِ اجان ڪهڙا طريقا واپرائي سگهجن ٿا ان جو بہ ويچار ڪريو.

١.ڪنهن هنڌ ٻين جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ ساهوارا ملن ٿا ڇا؟

٢.ڄاڃ جي هنڌ وڻ ٻوٽا ۽ جيتن جون ڪيترين ذاتيون ڏٺيون؟

٣.ٻن جدا جدا هنڌن تي هڪ ئي قسم جا جيت، ڪيڙا، ساپا نظر آيا ڇا؟

٤.هن مشغوليءَ ۾ ڪنهن وشيہ تي وڏيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوبہ هٽرادو ذهانت ساڌن واپرايو ڇا؟ جيڪڏهن ها تہ ڪهڙو ۽ ڪيئن؟

٥.ڄاڻ ڪٺي ڪرڻ لاءِ ٻين ڪهڙن وسيلن جو اُپيوگ ڪيو ڇا؟

ان مان نڪرندڙ نتيجا / سار ٻين تائين پهچائڻ لاءِ خاڪا، شڪليون، پاور پائنٽ، پريزينٽيشن يا ٻئي ڪنهن ماڌيم مان ٻين جي سامهون رکو.

## ٻين وٽان ڇا سکياسين ؟

### ماهر ماڻھن سان گفتگو:

آس پاس جي جيو علحدگيءَ ۾ سڌارو/ واڌارو ڪرڻ لاءِ ڪھڙن يوجنائن جي ضرورت آهي. ان باري ۾ان وشيہ تي ڪم ڪندڙ سنستا وٽان يا ماهرن وٽان وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪريو. جيو علحدگيءَ جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ان جو اُپيوگ ڪيئن ٿيندو ، ويچار ڪريو.

### آس پاس جي ٻين ماڻھن سان گفتگو:

جنھن ماحول ۾ جيو علحدگيءَ جي ڄاڻ ڪني ڪئي اُتان جا ڪسان ، ٻوٽيون ٺاهيندڙ روپ واٺيڪا ۾ ڪم ڪندڙ، شهر ۾باغ ڪم ڪندڙ يا ڳوٺن ۽ شهرن جي ماڻھن سان چرچا ڪري. گذريل ٢٠-١٠ سالن ۾ان علائقي ۾ جيو علحدگي ڪيئن بدلجي ان بابت ڄاڻ وٺو.

### جيو علحدگي ڪاپي تيار ڪرڻ جي مشغولي ۽ ان لاءِ لڳندڙ وقت

ڪو مشغوليءَ جو ڪم پورو ٿيڻ ۾ڪيترو وقت لڳي ٿو. اهو سمجهي وٺڻ اَهميت وارو آهي. هر هڪ مشغوليءَ لاءِ پاڻ ڪيترو وقت لڳو . انداز طور ڪٽ ڪريو. هيٺ ڏنل جاءِ تي نشان ڪريو. ڪتاب ۾ڏنل مشغولين کان وڌيڪ ڪيا هجن تہ عدد ۽ وقت وڌايو. ڄاڻ گڏ ڪرڻ لاءِ هڪ ئي هنڌ تي هڪ کان وڌيڪ پيرا وڃڻو پوي ٿو. انهن سيني لاءِ لڳندڙ وقت نوٽ ڪرڻ ضروري آهي. رٿي ڏنل مشغولين کان وڌيڪ مشغوليون ڪيون هجن تہ انهن جا وقت هيٺ ڏنل ليڪ تي ڏيکاريو. ان تان سڄي مشغوليءَ جو وقت ڪٽ ڪري سگهبو.

| مشغولي | ١ | ٢ | ٣ | ۴ | ۵ | ٦ | ٧ | ٨ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| عرصو (ڪلاڪ) | _ | _ | _ | _ | _ | _ | _ | _ |



### هيءَ ڄاڻ آهي ڇا؟

مهاراشٽر ۾جيو علحدگيءَ جا ڪيترائي استان آهن. مثال ڪاس متاهون پٽ ، لوڻار، ڍنڍ، تامهيٽي ڳهاٽ وغيرهہ علائقي ۾وڏي پئماني ۾جيو علحدگي ملي ٿي. ساهوارن جون ڪجھ ذاتيون فقط ڪنهن خاص مقرر هنڌ ئي ملن ٿيون. هن پاڻي جي جيو علحدگيءَ جي حفاظت ڪرڻ ۽ قدرتي ماحول سان لاڳاپي روائتي سنسڪرتڪ پرمپرا جو جتن ڪرڻ اسان جو فرض آهي.

### ڀارت جا ڪي مکيه جيو علحدگيءَ جا اِستان:

* ڀارت جي اولهه ڪناري جي ڀوروچوت هونڊز اولهه گهاٽ ڪي جيو علحدگيءَ جي ورثي جي استان ۾ ڪيو ويو آهي. اولهه گهاٽ جو مهاراشٽر جو ڀاڱو سهيادري نالي سڃاتو وڃي ٿو.
* ڪرناٽڪ جي نلؤر گدامڙيءَ جي باغ ۾. گدامڙيءَ جا وڻ آهن جيڪي ۴۰۰ سالن کان وڌيڪ پراڻا آهن.
* بهار جو گوڳابيل اهو پکي پريمين جي لاءِ نندن ون آهي. وچ ايشيا جي ڏورانهين هنڌ تان سفر ڪري ۹۰ کان وڌيڪ ذاتين جا پکي لڏپلاڻ ڪري هتي اَچن ٿا.
* مهاراشٽرا جي ويجهو ڀڳوڻ پکي سئنڪچوريءَ ۾ هر سال سياري ۾ هزارين لڏپلاڻ ڪيل روهت پکي (فليمنگو) اَچن ٿا.
* حيدرآباد شهر جي بلڪل وچ۾ اَمين پور تلاوَ تي ۲۰۰ کان وڌيڪ پکين جون ذاتيون نوٽ ڪيون ويون آهن.
* آسام ۾ (دنيا جي سڀ کان وڏي ندي ماجوُلي جي ٻيٽن مان هڪ ٻيٽ ۾ جيو علحدگي خاص آهي.
* ڪيرالا جي مايريستيڪا دل دل جي ايراضيءَ ۾ جاءِ ڦل جا وڻ آهن. جاءِ ڦل هڪ مصالح جو پدارٿ آهي.
* ڪرناٽڪ جي ڪالي ويا گهر جانورن جي سئنڪچوريءَ ۾ چيتا ۽ هاٿين جهڙي وڏن جانورن لاءِ محفوظ ڪيل ايراضي آهي.
* اولهه بنگال جي چلڪي ڳڙهه ڪنڪ درگا ديورائي اها روائتي دوائن ۾ ڪم ايندڙ خاص ٻوٽن لاءِ مشهور آهي. ان ديورائيءَ ڪي سنيالي رکڻ جو ڪم مڪاني ماڻهو ڪندا آهن.
* اروڻاچل پرديش جي جهيرو ڪاڙيءَ ۾ الڳه ڊنگ سان چانور ۽ مڇي جي کيتي گڏيل روپ ۾ ڪندا آهن.
* مهاراشٽر ۾ مڪاني ماڻهن روائتي نموني سنڀال ڪيل ڪيترائي ديورايا آهن. اُتي خاص قسم جي جيو علحدگي نظر اچي ٿي.
* (ڀڳوان جي نالي سان محفوظ رکيل سئنڪچوري / جهنگل)

### جيو علحدگيءَ جو اَڀياس ڪرڻ لاءِ اَجان ڇا ڪري سگهجي ٿو؟

گهر جي آس پاس ۽ ملاقات ڪيل ٻين جاين تي جيو علحدگيءَ جي جاچ ڪندا رهو. ڪيل جاچ وقت به وقت درج ڪريو. قدرتي ڪئلينڊر يا ڊجيٽل اسڪرپٽ بوڪ تيار ڪريو.

شهر ۾ انساني بستين جي ويجهو ڪجهه جڳهين تي باز نظر اچي ٿي. منگهوس پڻ ڏسڻ لاءِ ملن ٿا. انهن ساهوارن کي ”شهري جهنگلي ساهوارا“ چئجي ٿو.

گهر جي دريءَ تي ، پنهنجي پڌر ۾ ايندڙ پکين کي جاچيو، اهي ڪيئن نظر اچن ٿا، انهن جو وهنوار ڪيئن آهي، درج ڪريو. انهن جو مڪاني نالو ۽ وگيانڪ نالو ڄاڻي وٺو.

ڪتبن جي ڀاتين ۽ آس پاس جي بزرگن کان انهن جي ٻالپڻ ۾ ڏٺل پکي ۽ جانورن جي باري ۾ ڄاڻ وٺو. انهن ڳالهين جو اُپيوگ بدليل ساهوارن جي جيون جو اڀياس ڪرڻ لاءِ ٿيندو.

## مهاراشٽرا جا ڪجهه جيو علحدگيءَ وارا ورثي جا استان:

١. اولهه گهاٽ (سهيادري جبل جون قطارون)
يونيسڪو (UNESCO) وشو ورثي وارو هنڌ دنيا پر جي اهميت وارن جيو علحدگيءَ جي ڪيترن مان هڪ آهي.

٢. ڪاس مٿاهون پٽ (ساتارا) : ’گلن جو مٿاهون پٽ‘ نالي مشهور هنڌ درلڀ ۽ مڪاني وڻن ٻوٽن لاءِ مشهور آهي.

٣. ڀيماشڪنر جهنگلي ساهوارن جي پراڻي سئنڪچوري : (پُڻي)
اِهو مهاراشٽر راڄيه جي پراڻي شيڪرو جو مکيه استان آهي.

۴. آنبولي (سنڌو درگ): هيءُ هنڌ ريڙهيون پائيندڙ جانور، ڏيڏر ۽ ٻوٽن جي درلڀ ذاتين لاءِ مشهور آهي.
هتي ’شستورا هِرٽيڪشي‘ درلڀ مڇي ملي ٿي.

۵. تاڙوبا آنڌاري چيتن جي سئنڪچوري: (چندرپور)
مهاراشٽرا جو سڀ کان جهونو ۽ وڏو راشٽريه اُديان چيتن جي لاءِ دنيا پر ۾ مشهور آهي.

٦. پينچ راشٽريه اُديان :هي اُديان چيتن ۽ پکين جي جدا جدا قسمن لاءِ سڃاتو وڃي ٿو.

٧. لوڻار ڍنڍ (ٻليداڻا) :
اُلڪا جي ڪرڻ سبب تيار ٿيل هي کاري پاڻيءَ جي ڍنڍ ان جي الڳ قسم جي سوڪيم ساهوارن لاءِ سڃاتي وڃي ٿي.

٨. ميلگهاٽ وياگرهه ساتپوڙا جابلو قطارن ۾ وسيل جهنگل جيو علحدگيءَ سان پريل پروجيڪٽ آهي.

٩. مالوڻ ساگري اَيپارٽيه ( سنڌو درگ) :
پروال ۽ جدا جدا سامونڊي ساهوارن جي درشن لاءِ مهاراشٽر جو مکيه سامونڊي استان .

١٠. مايٽي پکي سئنڪچوري : ساتارا ضلعي ۾ پکي سئنڪچوري آهي.

١١. نانڄ سئنڪچوري: ان کي ماڙيوڪ سئنڪچوري پڻ چوندا آهن.

- **انٽرنيٽ سلامتي:**

انٽرنيٽ ڪم آڻڻ وقت پنهنجي ماستر جي مدد وٺو. خبرداري وٺو ۽ سلامتيءَ جي خاطري ڪرڻ کان سواءِ ڪجهه به اَپلوڊ يا ڊائونلوڊ نه ڪريو. شخصي ڄاڻ ڪٿي به نه کوليو.

## ويچار ڪريو ۽ جواب ڏيو:

١. هن پروجيڪٽ جي ڪهڙي مشغولي ڪرڻ وقت مزو آيو؟
٢. اِهي حرڪتون ڪرڻ وقت ڪهڙيون پريشانيون آيون؟
٣. اَجان ڪهڙن جدا طريقن سان حرڪتون ڪري سگهجن ٿيون؟
۴. جيو علحدگي درج ڪرڻ جو مهتو ڇا آهي؟
۵. هن پروجيڪٽ سان لاڳاپو رکندڙ ڪهڙن ڌنڌن جا موقعا آهن؟
٦. هن پروجيڪٽ سان لاڳاپو رکندڙ ڌنڌا/ڪم مثال طور وَن اَڏيڪاري، سائنسدان، پرياورڻ رکشڪ اَهڙيون ٻيون ڪهڙيون نؤڪريون ۽ سيوائون آهن. جاچ ڪريو.
٧. انهن سان لاڳاپو رکندڙ توهان کي پسند ڌنڌي جي ڇاڻ تفصيلوار لکو.

## - اَڀياس -

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ جملي ۾ لکو.**

١. جيو علحدگي معني ڇا؟
٢. جيو علحدگي درج ڪرڻ معني ڇا؟
٣. جيو علحدگي درج ڪرڻ ڇو ضروري آهي؟
۴. درج ڪرڻ لاءِ ڪهڙا ساڌن ڪم آندا وڃن ٿا؟
۵. جيو علحدگي جا ڪهڙا قسم آهن؟
٦. جيو علحدگي نوٽ ڪرڻ وقت ڪهڙي ڇاڻ ورتي وڃي ٿي؟
٧. توهان جي آس پاس جاچ ڪري اُتي ملندڙ جانور، پکي، جيت وغيره بابت جيو علحدگيءَ جي ڇاڻ گڏ ڪريو.
٨. توهان جي پسگردائيءَ ۾ جيو علحدگي جي سنڀال لاءِ توهان ڇا ڪندا؟

**سوال ٢: خال ڀريو:**

١. جيو علحدگي معني........................ ساهواري جي نرالائپ.
٢. درج ڪرڻ وقت ساهواري جو نالو، قسم ۽ ........................ لکيا وڃن ٿا.
٣. جيو علحدگي جا مکيه ٽي قسم آهن ٻوٽا، جانور ۽........................

**سوال ٣: ٿوري ۾ جواب لکو:**

١. جيو علحدگي معني ڇا؟ ان جا قسم بيان ڪريو
٢. جيو علحدگي درج ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ ساڌن ۽ انهن جو اُپيوگ سمجهايو.
٣. جيو علحدگي جي درج ڪرڻ وقت ڪهڙيون خبرداريون وٺڻ گهرجن سمجهايو.

## پاگو - ۲

# مشین ءِ سامان

# سان کم





ماڻھوءَ جي ترقيءَ ۾ مکيہ رول معنيٰ اڄ ڪلھہ
جي جديد نموني مشين ۽ سامانن جي واپر جي
لياقت جو وڪاس . اَٽو، لٽو ۽ اَجھو اِھي اَسانجون
بنيادي گھرجون پوريون ڪرڻ يا وڏيڪ اڳڪي ڳالھہ
۾ چاھہ ۽ ڪوچ ڪندڙ من جي ڳالھين جو سنتوش ڪرڻ
لاءِ ماڻھو ساڌن ۽ مشين جو وڪاس ڪيو آھي.

ھن جديد زماني ۾ پئداوار جو ڏنڊو ڪرڻ لاءِ مشينيون ۽ ساڌن
واپرائڻ جي لياقت شاگردن ۾ تيار ڪرڻ ضروري آھي. ان سان لاڳاپي
سگھہ جو وڪاس ڪندڙ ڏنڏن ڪي مشينن ۽ سامان سان گڏ ڪم، ھن ۾ شامل
ڪيو ويو آھي. ان ۾ مشينن سان ڪم ڪرڻ (تيار ڪرڻ جي ڪلا)،
ائنيميشن ۽ گيم اِنھن پروجيڪٽ ڪي شامل ڪيو ويو آھي. روز مرہ جا
ڪجھہ ڪم سؤلا ڪندڙ ساڌنن ڪي مشين چوندا آھن. مشين ڪم آڻي
محنت ۽ وقت جي اَسان بچت ڪري سگھون ٿا. روز مرہ جي جيون
۾ ڪيتريون ئي ساديون مشنيون واپرايون وڃن ٿيون. مثال: ڇُري،
ڪئنچي، نيل ڪٽر، شارپنر، سُئي، اِسڪرو ڊرائيور. اَھڙيون ڪيتريون ئي
ساديون مشينون ڪم آڻيون ٿا. آس پاس ۾ موؤجود سامانن مان ساديون
مشينون تيار ڪري سگھجن ٿيون ۽ انھن سادين مشينن ۾ ٿيندڙ خرابيون
پڻ درست ڪري سگھجن ٿيون. ان باري ۾ سامھون ڪرڻ جي ريت يا ڪريا
سان سکڻ لاءِ مشين سان ڪم ڪرڻ ان پروجيڪٽ ڪي شامل ڪيو
ويو آھي.اسڪولي جيون ۾ جدا جدا رانديون ڪيون وڃن ٿيون.
اڄ ڪلھہ جي زماني ۾ ڪيتريون ئي رانديون، موبائيل ۽
ڪامپيوٽر جي مدد سان ڪيون وڃن ٿيون. اَھڙي ريت
ڪامپيوٽر جي مدد سان ۽ ائنيميشن جو واپر ڪري
اَسان ائنيميشن ۽ گيم ان پروجيڪٽ سان راند تيار
ڪرڻ وارا آھيون.

# ٣ مشينن سان ڪم ڪرڻ (ٺاهڻ جو هنر)

هن پروجيڪٽ ۾ اَسان سادين مشينن جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪنداسين. سادين مشينن سبب ڪم سؤلا ٿين ٿا. اَهڙي سادي مشين جو اِستعمال ڪري رانديڪا ٺاهڻ جو هنر وڌندو. ٻہ يا وڌيڪساديون مشينون هڪ ٻئي کي جوڙي مرڪب مشين ( اؤکي مشين) تيار ڪري سگهجي ٿي. (مثال: سائيڪل) اسان انهن پروجيڪٽ مان سائيڪل ۾ هوندڙ جدا جدا سادين مشينن سان سڃاڻپ ڪري وٺون. ان سان ئي سائيڪل جي ديک ڀال ۽ درستي ڪيئن ڪجي آهي اُهو سکنداسين؟

**مقصد:**

- سائيڪل ۾ هوندڙ جدا جدا سادين مشينن جي سڃاڻپ ڪرڻ
- سائيڪل جي سار سنڀال ۽ درستي ڪرڻ - سکڻ
- سادي مشين ڪم آڻي مؤجود/ خراب سامان مان رانديڪا تيار ڪرڻ
- سادين مشينن جي باري ۾ ڄاڻ وٺڻ



٣.١ مؤجود ساڌنن جو اُپيوگ ڪري رانديڪا ٺاهڻ

اَنجيس جي مدد سان دروازا، دريون، ڪولڻ ۽ بند ڪرڻ ، رنڌڻي ۾ گرم باسڻ چمٽي/پڪڙ سان ڪڍڻ، اِسڪروڊرائيور سان اِسڪروٽائيٽ/سوگهو ڪرڻ يا ڪڍڻ، اهي ڪم ڪيئن هلن ٿا؟ انهن سڀني ۾ساديون مشينون آهن.

## اِها ڄاڻ آهي ڇا؟

هيٺين تصوير ۾ڪهڙيون ساديون مشينون آهن؟ اُهي سڃاڻي ٻڌايو ته انهن جو استعمال اڄان ٽائين ڪٿي ڪيو ويندو آهي؟


پاسو


ڪُهاڙي


لاهي/گسڪٽي


پُلي


اِسڪرو


ڦيٿو ۽ محور

٣.٢

ساديون مشينون ڪمن کي سؤلو ڪرڻ ۾مدد ڪن ٿيون. اهي سگهه کان وڌيڪ ڪم ڪن ٿيون. سؤلائيءَ سان ممڪن نه هوندڙ يا اؤکا ڪم مشينن سان سؤلائيءَ سان ڪري سگهجن ٿا. مثال: ڦيٿي جي مدد سان ڳؤريون شيون هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ کڻي وڃي سگهجن ٿيون. پُلي : ڳؤريون شيون کڻي سگهجن ٿيون. موٽر سائيڪل پڻ ڪيترين ئي سادين مشينن کي جوڙي تيار ڪيل آهي. سائيڪل ، رانديڪا انهن ۾پڻ ساديون مشينون ڪم آندل آهن.


٣.٣

### پراچين جايون ٺاهڻ جو هنر :

پراچين ڀارت ۾ڪيترين ئي وڏيون شيون ٺاهڻ وقت سادين مشينن جو اُپيوگ ڪيو ويو. ڳؤرا پٿر هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ کڻي وڃڻ - کڻي اَچڻ ڪرڻ لاءِ ان جي هيٺيان ڪاٺ جو گول ٻُنڊ ڪم آندو ويو. پٿر اوچائيءَ تي چاڙهڻ لاءِ لاهه / گسڪٽيءَ جو استعمال ڪيو ويو. انهن کي مٿئين ماڙي تي کڻي وڃڻ لاءِ پُلي ڪم آندي. پٿر کي ٽورڻ لاءِ ڇيڻيءَ جو اُپيوگ ڪيو. پٿر کي جاءِ تان لوڏڻ / پري هٽائڻ لاءِ لوهه جي پهار ڪم آندي. اهي سڀ سادين مشينن جا مثال آهن. اڄ پڻ اَسان ساديون مشينون ڪم آڻيندا آهيون.

هن پروجيڪٽ ۾آسان ساديون مشينون ڪم آڻي رانديڪا ٺاهڻ سکندا سين. ان لاءِ سڀ کان پهريائين سادين مشينن جي استعمالڪرڻ جي ريت سکندا سين. ان سبب اهي مشينون ڪيئن ڪم ڪن ٿيون اهو سمجهڻ ۾ مدد ٿيندي، پوءِ سائيڪل ۾ هوندڙ ساديون مشينون ڳولهيندا سين. پوءِ سائيڪل جي سار سنڀال ڪرڻ جي ريت سکندا سين.

**مقصد:**

**پروجيڪٽ جي پڄاڻيءَ ۾ هي ڪري سگهو ٿا**

١. سادي مشين ڪم آڻي جدا جدا سامگريءَ مان رانديڪا تيار ڪري سگهجن ٿا. ڪيٽاپولٽ، روبوٽڪ هٿ، ربڙ بئنڊ، پراپيلر بوٽ، ڦوڪڻي جي ڪار، ربڙ بئنڊ ڪار وغيره جهڙا رانديڪا تيار ڪري سگهجن ٿا.

٢.سائيڪل جهڙيون اؤکيون مشينون تيار ڪرڻ لاءِ جدا جدا ساديون مشينون سڃاڻڻ.

٣.سائيڪل جا مکيه حصا ۽ انهن جا ڪم سڃاڻڻ

۴.سائيڪل ۾ عام خرابي سڃاڻي سگهجي ٿي - مثال بريڪ يا چين ۾ خرابي سڃاڻي ضروري سنڀال ۽ عارضي درستي ڪري سگهجي ٿي.

**گهربل سامان / ساڌن :**

**ساڌي مشين ڪم آڻي ڪچري مان / خراب شين مان يا مؤجود سامان مان رانديڪا ٺاهڻ لاءِ هينيان سامان ڪم آڻي سگهجن ٿا.**

- گهربل سامان : ڪاغذ، پلاسٽڪ جي بوتلون، پلاسٽڪ جو چمچو، پيئڻ جي اِسترا، پڪڙ (پلاير)، آئيسڪريم لڪڙي، ڌاڳو، ربڙ بئنڊ، ڪونئر، چڪٽپٽي، گلوگن، سيلوٽيپ، ڪپڙي جو پنو-چمٽو، ٽوٿ پڪس، ڦوڪڻو، رنگن جي پيٽي، چاپسٽڪس (لڪڙي، پلاسٽڪ يا ڌاتوءَ جي)
- گهربل سامان : ڪئنچي، ماپ پٽي ۽ ڇُري يا پيپر ڪٽر.

سائيڪل ۾ هوندڙ ساديون مشينون سکڻ لاءِ -

- شاگردن جي عدد انوسار سائيڪلين جو عدد گهرجي.
- گهربل سامان : تيل
- گهربل ساڌن : اسپئنرسيٽ، رينچ، چين برش، ٽاير ليور، هوا ڀرڻ لاءِ پمپ وغيره.

وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ سائيڪل درست ڪندڙ دڪان تي وڃو. يا سائيڪل درست ڪري سگهندڙ ڪنهن شخص/ماهر/هُنر واري ماڻهوءَ کي اسڪول ۾ سڏ ڪرائڻ.

**سلامتيءَ لاءِ قائدا:**

- ڪپڻ لاءِ ساڌن ۽ ٻيون تيز ڌار واريون شيون واپرائڻ وقت ساوڌاني رکو. ضروري هجي اُتي هٿن جا زورابا ڪم آڻيو.
- پروجيڪٽ پوري ٿيڻ تي صاف صفائي ڪريو. ماستر جي سوچنا انوسار سامان ۽ ساڌن صحيح جاءِ تي رکو.
- رانديڪا ڪم آڻڻ وقت پاڻ کي يا ٻين کي نقصان نه ٿيندو ان جو خيال رکو.

رينچ-نٽ بولٽ وهارڻ لاءِ/کڍڻ لاءِ ڪم ايندڙ پٽي پانو.
ٽاير ليور - ٽاير کڍڻ لاءِ يا وهارڻ لاءِ ڪم ايندڙ چپٽي پٽي.

LO : 1, 2, 5

**مشغولي -١ :** آس پاس جون ساديون مشينون.

آسان جي آس پاس ڪم ڪي سؤلو بڻائيندڙ ڪهڙيون ڪهڙيون شيون / ساڌن آهن. اِهو جاچيو. اُهي ساديون مشيون آهن يا سادين مشينن مان ٺهيل اؤکيون مشينون . ان لاءِ دوست، ماستر، ڪتنب جي ڀاتين جي مدد وٺو.

خاڪو ٣.١ آسان جي آس پاس اُپيوگ ۾ ايندڙ ساديون مشينون

| نمبر | شيءِ جو نالو | سادي يا اؤکي | ان جو اُپيوگ |
|---|---|---|---|
| ١ | چمٽو/پڪڙ | سادي | شيون ڪٽڻ |
| ٢ | | | |
| ٣ | | | |
| ٤ | | | |
| ٥ | | | |

**مشغولي -٢:** آئيسڪريم جون تيليون ڪم آڻي گُليل (Catapult) تيار ڪرڻ.

ساماں:

آئيسڪريم جون تيليون

ربڙ بئنڊ، آئيسڪريم جو چمچو



**ڏاڪو -١:**

آئيسڪريم جو ٥-٦ تيليون هڪ ٻئي مٿان رکي انهن جي ٻنهي ڇيڙين وقت ربڙ بئنڊ سوگهو لڳايو

اَچان چار تيليون ڪٽي انهن جي فقط هڪ ڇيڙي وٽ ربڙ بئنڊ سوگهو لڳايو.







ڏاڪو-٢:

شڪل مطابق آئيسڪريم جي تيلين جا ٻه سيٽ رکو.

ڏاڪو-٣:

ربڙ بئنڊ ڪم آڻي، شڪل مطابق آئيسڪريم جو چمچو جوڙيو.



چمچي کي دٻائي پوءِ ڇڏڻ سان چمچي مٿرڪيل شيءِ پري ويندي.

تيار ٿيو گُليل (Catapult)

٣.۴ آئيسڪريم جون تيليون ۽ چمچو ڪم آڻي گُليل ٺاهڻ

ليور :

رنڌڻي مٿرڪم ايندڙ چمٽو، پاپڙ سيڪڻ لاءِ ڪم ايندڙ چمٽو، ڪوڪا ڪڍڻ لاءِ ھاٿوڙي اھي سڀ شيون جدا جدا نظر اَچن ٿيون ته ٻه پاسو اِھو ساڳيو تنتو آھي. وڏو پٿر چورڻ لاءِ پهار ڪم ايندي ڏٺو هوندو. اها ٻه هڪ طرف جو ليور آھي. ان جو زور، وزن ۽ ٽيڪوُ اهي ٽي حصا آهن. ٽيڪوُ جي جاءِ جي بيهڪ تان ان جا ٽي قسم آهن.



شڪل ٣.٥

خاڪو ٣.٢

| قسم | شڪل | مثال |
|---|---|---|
| پهريون قسم<br>هڪ چيزڙي وٽ وزن،<br>ٻئي چيزڙي وٽ زور<br>آڌار وچ ۾ |  |  |
| ٻيون قسم :<br>هڪ چيزڙي وٽ آڌار<br>ٻئي چيزڙي وٽ زور<br>وزن وچ ۾ |  |  |
| ٽيون قسم:<br>هڪ چيزڙي وٽ وزن،<br>ٻئي چيزڙي وٽ آڌار<br>زور وچ ۾ |  |  |

ليور ڪم آڻي ڪيترائي رانديڪا تيار ڪري سگهجن ٿا. گُليل (catapult)، روبوٽڪ ٻانهن (Robotic Arm) وغيره. سادي گُليل ۾ هڪ آڌار ڪم آندو وڃي ٿو ته ربوٽڪ ٻانهن ۾ هڪ کان وڌيڪ آڌار ڪم آندا وڃن ٿا.

هيءُ ڪري ڏسو — روبوٽڪ ٻانهن جو ماڊل



سامان : آئيسڪريم جون تيليون، ڪوئر، پاڻيءَ جي بوتل جو ڍڪ ، ڏند ڪوٽڻي، پيپر ڪٽر وغيره.



ڏاڪو - ١

آئيسڪريم جي تيلين کي وچ ۽
پنهي ڇيڙن وٽ سوراخ ڪيو.
ڏند ڪوٽڻيءَ جا ننڍا ٽڪر ڪري ، سوراخن ۾ گسايو.



ڏاڪو - ٢

شڪل ۾ ڏيکاريل انوسار
اڳان وڌيڪ تيليون جوڙيو



ڏاڪو - ٣

ڪٽر جي مدد سان بوتل جي ٻوڇ / ڍڪڻ
جو وچون حصو ڪپيو. جئن ٻن ڍڪڻ
جا ٻہ گول حصا ملن



ڏاڪو - ۴

شڪل ۾ ڏيکاريل انوسار
آئيسڪريم جي تيلين جي ڇيڙن
وٽ بوتلن جا ڪپيل ڍڪڻ جوڙيو\چٽڪايو



٣.٦ روبوٽڪ ٻانهن

## مشغولي ٣ پراپيلر کم آڻي رانديڪا تيار ڪرڻ.



ڏاڪو-١

تصوير ۾ ڏيکاريل انوسار آئيسڪريم جون تيليون چپڪايو



سامان: آئيسڪريم جون تيليون ، ڪوئن تار
پاڻيءَ جي بوتل جو ڍڪ ۽ ربڙ بئنڊ



ڏاڪو-٣ :

بوتلن جي ڍڪن کي چير
ڏئي شڪل ۾ ڏيکاريل انوسار پراپيلر تيار ڪري وٺو



ڏاڪو:٢ -

اَجان تيليون کم آڻي ٻيڙيءَ جو آڪار ناهيو



ڏاڪو:٥ -

ٻيڙيءَ جو چيڙو ۽ وچ واري
تار انهن کي هڪ ربڙ بئنڊ چڪي لڳايو



ڏاڪو:۴

شڪل ۾ ڏيکاريل انوسار ٻيڙيءَ مان تار چڪيو.
ان جي ٻنهي چيڙن وٽ پراپيلر لڳايو



پاڻيءَ ۾ ڇڏڻ سان ربڙ کُلندي پراپيلر ڦري ٿو ۽
ٻيڙي پاڻيءَ ۾ اڳتي وڌي ٿي



ڏاڪو:٦ -

پراپيلر کي اُبتي طرف ۾ ڦيرائي
ربڙ وچين تار تي ويڙهجي ويندو. اِهو ڏسو



٣.٧ پراپيلر ٻيڙي

ڦيٿي کي اندرين پاسي بليڊ جوڙڻ سان پراپيلر تيار ٿئي ٿو. ڦيٿو ڦرڻ سان ، ان کي جوڙيل بليڊ پاڻيءَ کي پوئتي ڌڪين ٿا. اِن جو اُپيوگ جهازن ۾ۡ هوائي جهازن ۾ ڪيو وڃي ٿو.
مٿين رانديڪن ۾ ’ ڦيٿو ۽ محور‘ ، اهي سادي مشين ڪم آندا آهن.

**مثال: ڦيٿو ۽ محور**

ڦيٿو ۽ محور سادي مشين آهي. انهڪ ڦيٿو اُنجي وچ۾محور (ڌنڊو) هوندو آهي. ڦيٿو ڦيرائڻ سان محور پڻ ڦري ٿو. ڦيٿي جو نيم قطر، محور کان وڏو هئڻ سبب گهٽ زور لڳائي وڌيڪ ڪم ڪري سگهجي ٿو. ان ڪري ڳوريون شيون لوڏڻ، مٿي کڻڻ سؤلو ٿئي ٿو.





٣.٨ ڦيٿو ۽ محور

## مشغولي -۴: ربڙ بئنڊ جي ڪار تيار ڪرڻ



ڊاڪو - ۱

شڪل ۾ ڏيکاريل انوسار ساڳئي ڊيگهه واريون اِسٽراو نليون ڪٽي، چمٽين کي چپڪايو



**سامان:** ڪپڙا سڪائڻ وقت لڳايا ويندڙ ڪاٺ جا چمٽا، سيلو ٽيپ، چاپ اِسٽڪس، اِسٽراو ڪوئر، ربڙ بئنڊ، بوتلن جا ڍڪ ڪئنچي وغيره.



ڊاڪو:۳ -

هڪ محور کي هڪ ننڍي اُڀي تيلي چپڪايو. اِهو گاڏيءَ جو اَڳيون حصو آهي. ٻئي محور کي ربڙ بئنڊ ٻڌي ونو اِهو گاڏي جو پويون حصو آهي.



ڊاڪو ۲:

اِسٽرا /نليون ۾ چاپ اِسٽڪس وجهي انهن جو ٻنهي پاسي ڪوئر جي مدد سان ڍڪ چپڪايو.



ڊاڪو:۵ -

پويان ڦيٿا اُلٽا ڦيرائي ربڙ ڇڪي ونوءِ گاڏيءَ کي زمين تي رکو



ڊاڪو۴:

ربڙ بئنڊ کي ڇڪي اڳئين محور واري اُڀي تيليءَ ۾ اَٽڪايو.



۳.۹ ربڙ بئنڊ جي ڪار

## قوڪٽي جي گاڏي تيار ڪرڻ



سامان : اِسٽراوَ (نليون)، چاپ اِسٽڪس، جهوني بوتل، ڪؤنر، پاڻيءَ جي بوتل جو ڍڪ، قوڪٽو، سيلو ٽيپ، ڪئنچي وغيره



ڏاڪو- ۱:
شڪل ۾ ڏيکاريل انوسار چاپ اِسٽڪس
کي سيلو ٽيپ سان بوتل تي چپڪايو



ڏاڪو - ۲
شڪل ۾ ڏيکاريل انوسار انهن چاپ اسٽڪس کي
بوتلن جا ڍڪ لڳائي چار ڦيٿا تيار ڪريو



ڏاڪو ۳:
نلي /اِسٽراو کي ربڙ بئنڊ جي مدد
سان قوڪٽو سوگهو ٻڌو



ڏاڪو:۴ -
شڪل ۾ ڏيکاريل انوسار
قوڪٽو لڳايل نلي اِسٽراو/ بوتل ۾ لڳايو



ڏاڪو ۵:
نلي \اِسٽراو جي ڪليل
چيزي وٽان قوڪٽي کي قوڪي وتو ۽ آڱر سان دٻائي رکو.



ڏاڪو:۶ -
نلي /اِسٽراو تان آڱر ڇڏڻ سان قوڪٽي واري ڪار
گاڏي هلڻ لڳي ٿي.

۳.۱۰ قوڪٽي واري گاڏي

LO : 4, 5, 6, 7, 8, 9, 10, 11, 12, 18, 19, 20, 21, 22, 23

# مشغولي ۵ ڊمپر / ٽپر تيار ڪرڻ





ساما ن : خالي ماچيس -۲، اِسٽراو / نليون، چاپ اِسٽڪس، ٽوٿ پڪ،
پاڻيءَ جي بوتل جو ڍڪ، سيلو ٽيپ، ڪئنچي وغيره



ڏاڪو-۱:
شڪل ۾ ڏيکاريل انوسار هڪ ماچيس جو اندريون حصو، ڪوَر کي هڪ پاسي کان چيڪايو



ڏاڪو - ۲
شڪل ۾ ڏيکاريل انوسار ٻئي ماچيس جو ٻاهريون ڪور ڪٽي، موٽر \ ٽرڪ جو اڳيون حصو تيار ڪريو



ڏاڪو ۳:
شڪل ۾ ڏيکاريل انوسار ٽرڪ جي سامهون واري حصي ۾ ٻه ٽوٿ پڪ اَٽڪايو



ڏاڪو:۴ -
شڪل ۾ ڏيکاريل انوسار اڳئين حصي ۾ ۲ ٽوٿ پڪن تي هڪ آڏي ٽوٿ پڪ ڪوئنر سان چيڪايو



ڏاڪو:۵
گاڏيءَ جي هيٺين حصي ۾ نلي \ اِسٽراو، چاپ اِسٽڪس ۽ بوتلن جا ڍڪ ڪم آڻي ڦيٿا تيار ڪري سيلو ٽيپ سان سوگهو چيڪايو



ڏاڪو:۶ -
اڳئين حصي ۾ ٽوٿ پڪ کي دٻائڻ سان، پويون حصو مٿي کنيو وڃي ٿو.

۳.۱۱ • مٿين راندين ۾ ڦيٿو ۽ محور ۽ ليور اَهڙيون هڪ ڪان وڌيڪساديون مشينون هڪ ٻئي کي جوڙي گڏيل مشين ناهي وڃي ٿي

## مشغولي -٦: سائيڪل ۾ هوندڙ سادين مشينن جي لسٽ تيار ڪريو

سائيڪل اها سفر جي لاءِ تمام سني ۽ پرياورڻ جي دوست ساڌن آهي. سائيڪل ڪيترين ئي سادين مشينن کي گڏيل سڏيل روپ ۾ جوڙي مرڪب مشين آهي. ڦيٿا، ڦيٿو ۽ محور ۽ ليور جهڙين سادين مشينن مان تيار ڪيل سائيڪل آهي. سائيڪل ۾ ڪيترائي ڦرندڙ پاڱا هوندا آهن. جيڪي سائيڪل جي ڦيٿن کي گڏجي ڦيرائڻ ۾ مدد ڪن ٿا.سائيڪل جا سڀ پاڱا (ڦيٿا، ڏندن وارا چڪر، پئڊل وغيرهہ) هلائيندڙ جي ڪوشش سان رفتار/تحرڪ ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ گڏ ڪم ڪن ٿا.

خاڪو ٣.٢ سائيڪل جا پاڱا / پُرزا ۽ انهن جا ڪم

| نمبر | پاڱوا پُرزو | ڪم | شڪل |
|---|---|---|---|
| ١. | پڃرو | اهو سائيڪل جو مکيہ آڌار آهي سائيڪل جا جدا جدا پاڱن ان کي جوڙيل هوندا آهن. |  |
| ٢. | هئنڊل | سائيڪل هلائڻ وقت سائيڪل کي پڪڙڻ لاءِ ۽ سائيڪل کي طرف ڏيڻ لاءِ ڪم اچي ٿو. |  |
| ٣. | رِنگ پٽي (ريمس) | اِهي ٽاير کي آڌار ڏين ٿا. بريڪ گسڻ سبب سائيڪل جي رفتار گهٽ ٿي يا سائيڪل بيهاري سگهجي ٿي |  |
| ٤. | ٽاير ۽ ٽيوب | ٽاير ۽ ٽيوب رِنگ پٽيءَ تي لڳل هوندا آهن. ٽيوب ۾ هوا ڀري ويندي آهي. |  |
| ٥. | تارون (اِسپوڪس) | رِنگ پٽيءَ کي مضبوطي ڏيڻ جو ڪم ڪن ٿيون |  |
| ٦. | پئڊل | سائيڪل کي زور لڳائڻ لاءِ پير رکڻ جي جاءِ |  |

| نمبر | پاڱوا پُرزو | ڪم | شڪل |
|---|---|---|---|
| .٧ | اَئڪسل | اِهو ڦيٿي جو وچون حصو آهي. ان سبب ڦيٿو محور جي چوڌاري سؤلائيءَ سان ڦري ٿو |  |
| .٨ | سيٽ | سائيڪل هلائيندڙ ڪي وهڻ لاءِ ڪم اَچي ٿي |  |
| .٩ | چين | پيڊل هيٺ سبب اڳئين ڏندن واري چڪري ۾ پيدا ٿيل شڪتي پوئين ڏندن واري چڪري تائين ڪٽي وڃڻ. |  |
| .١٠ | بريڪ | سائيڪل جي رفتار گهٽ ڪرڻ لاءِ يا سائيڪل کي بيهارڻ لاءِ انجو اُپيوگ ڪيو وڃي ٿو.ان ۾ ريم، بريڪ، ڊسڪ بريڪ ۽ ڊرم بريڪ اهي جدا جدا قسم هوندا آهن |  |
| | بريڪ پيڊ | ٽاير جنهن لوهه جي رِنگ تي لڳل هوندو آهي. ان رِنگ جي پاسي ربڙ جون پٽيون لڳل هونديون آهن |  |
| .١١ | وڏن ڏندن وارو چڪرو | پيڊل کان وني چئن تائين شڪتيءَ کي موڪلي ٿو |  |
| .١٢ | اسپراڪيٽ | پوئين ڦيٿي کي لڳايل ننڍو ڏندن وارو ڏند چڪرو |  |
| .١٣ | اسٽئنڊ | سائيڪل کي بيهاري رکڻ لاءِ ڪم اَچي ٿو. |  |
| .١٤ | رِفليڪٽر (موٽ ڪارائيندڙ) | رِفليڪٽر تي روشني پوڻ سان اُهو چمڪي ٿو ۽ اونده ۾ سائيڪل آهي اهو سمجهي سگهجي ٿو. |  |

## سائيڪل جي جاچ ۽ درستي :

**مشغولي -٧ :** سائيڪل جي درستي ڪندڙ دڪاندار سان ملاقات ڪريو.

سائيڪل درست ڪرڻ لاءِ، ان ۾ خرابي ٿيڻ سبب سائيڪل درست ڪندڙ دڪاندار ڏانهن ڪٺي وڃڻي پوي ٿي. اُتي سائيڪل درست ڪندڙ هنري ڪارائگير هوندا آهن.

سائيڪل درستيءَ بابت جاڻ ڏيڻ لاءِ انهن کي اسڪول ۾ گهرائي سگهجي ٿو. انهن وٽان سائيڪل جي سار سنڀال لهڻ ۽ درستي ڪرڻ بابت جاڻ وٺي سگهجي ٿي.

**اِنهن وٽان هيٺين ڳالهين جي جاڻ وٺي سگهجي ٿي**

١.سائيڪل هلائڻ کان اڳ هر وقت پهريائين ڪهڙيون ڳالهيون جاچڻ گهرجن؟

٢.سيٽ جي اوچائي ڪيتري هئڻ گهرجي ۽ اها گهٽ وڌ ڪيئن ڪري سگهجي ٿي؟

٣.سائيڪل جي صاف صفائي ڪيئن ڪجي؟

٤.ٽائرن ۾ هوا مناسب انداز ۾ ڪيئن جاچجي؟

٥.سائيڪل جو پنڪچر ڪيئن ڪڍجي؟

٦.چئن کي ۽ هلندڙ پاڱن کي تيل ڪڏهن ڏجي؟

٧.بريڪ ڪيئن درست ڪجي؟

٨.ڦيٽي جو آئوٽ ڪيئن ڪڍجي؟



٣.١٢

خاڪو ٣.٤ چاڻي وٺو ۽ ڪريو

| سائيڪل جو پاڱو/حصو | ڪم | صحيح ڍنگ سان ڪم ڪري رهيا آهن ڇا ؟ ها/نه | صحيح ڍنگ سان ڪم نه ڪرڻ جي حالت ۾ ڇا درستي ڪئي؟ |
|---|---|---|---|
| بريڪ | | | |
| چئن | | | |
| اِسپوڪس | | | |
| اِسٽئنڊ | | | |
| هئنڊل | | | |
| ٽاير | | | |

مشغولي -٨:

## رانديڪن جي نمائش جو انتظام

وگيان جي جدا جدا وصفن ۾ ٻالهين جو اُپيوگ ڪري رانديڪا تيار ڪري سگهجن ٿا. انهن تيار ڪيل رانديڪن جي نمائش اسڪول ۾ ڪري سگهجي ٿي. ان سبب رانديڪا ۾ انهن پنيان ڇاڻ جو آنند بين کي پڻ ملندو.نمائش جو انتظام ۾ رٿا ڪرڻ لاءِ ماسترن جي مدد وٺو. نمائش جو انتظام ڪرڻ لاءِ هيٺين سوچنائن جو اُپيوگ ڪريو.

١. نمائش جو مقصد صاف ظاهر ڪريو. رانديڪن بابت سجاڳي ڪرڻ، ڪجهه نئون ڳولهڻ جي چاهنا ڏيکارڻ يا خراب ٿيل شين جو اُپيوگ ڪري رانديڪا ناهڻ
   مثال: نمائش درميان، رانديڪا ناهڻ جو هنر ڏيکاري سگهجي ٿو.
٢. نمائش لاءِ هڪ مقصد جو ويچار مقرر ڪريو. (مثال : پرياورڻ پورڪ رانديڪا ، اتهاسڪ رانديڪا ۾ وگيان جي وشين تي آڌار رکندڙ رانديڪا وغيره)
٣. ناهيل رانديڪا چونڊ ڪيل مقصد ۾ ويچار سان نهڪندڙ آهن. خاطري ڪريو.
٤. اسڪول ۾ نمائش لاءِ جاءِ چونڊيو.
٥. نمائش جي رچنا بابت رٿا ڪريو. تيار ڪيل هر هڪ رانديڪي کي رکڻ لاءِ ۾ ڏسڻ وارن جي گهمڻ/ ڦرڻ لاءِ گهربل جڳهه آهي. اها خاطري ڪريو. وٺندڙ ماحول ناهڻ لاءِ مقصد ۾ ويچار موجب اُها جڳهه سجايو
٦. پالڪ مڪاني ڪلاڪار ۾ آس پاس جا ميمبر سڏايو.
٧. رانديڪن کي سٺي نموني سجائي رکو. هرهڪ رانديڪن تي ان تي تيار ڪندڙ جو نالو ۾ رانديڪي بابت ٿوري ڄاڻ جو ليبل لڳل آهي يا نه خاطري ڪريو. سڀ رانديڪا هٿ ۾ کڻڻ لاءِ محفوظ آهن ۾ ڪاريه ڪرم جو هنڌ ٻارن لاءِ ٺاهيو آهي. خاطري ڪريو.
٨. ڏسڻ وارن کي مدد ڪرڻ لاءِ ۾ ڪنهن به قسم جي پريشاني يا مسئلي جو بندوبست ڪرڻ لاءِ خود مدد ڳارن کي بيهاريو.
٩. ڇا سنو ٿيو، ڇا سڌاري سگهجي ٿو اهو سمجهي وٺڻ لاءِ ڏسندڙ، شاگرد ۾ ماسترن کان لکت روپ ۾ رايا وٺو.
١٠. اهو ڪاريه ڪرم نوٽ ڪري رکڻ لاءِ فوٽو ۾ ويڊيو ڪڍو. اخبارن ذريعي، سماج جي ٻين ماڌيمن ذريعي يا انٽرنيٽ ذريعي اهميت وارين ٻالهيون شايع ڪن.

## سادين مشينون تيار ڪرڻ سڀ لاءِ مشغولي ۾ ان لاءِ لڳندڙ وقت.....

سادين مشينون تيار ڪندي ڪا نئين سوچ عمل ۾ آڻڻ ملاءِ ڪيترو وقت لڳي ٿو اهو سمجهي وٺڻ ضروري آهي. هرهڪ عمل لاءِ ڪيترو وقت ڏيٺو آهي. ان لاءِ اٽڪل طور وقت جي ڪٽ ڪريو. اهو عمل ۾ وقت هيٺ ڏنل نموني نشاني روپ ۾ ڏيکاريو.

جيڪڏهن ڪتاب ۾ڏايل عملن کان وڌيڪ عمل ڪيا هجن ته انهن جو عدد ۾ وقت خاڪي ۾ لکو.

| مشغولي | ١ | ٢ | ٣ | ٤ | ٥ | ٦ | ٧ | ٨ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| وقت / عرصو (ڪلاڪن ۾) | _ | _ | _ | _ | _ | _ | _ | _ |

## اِن مان اَجان ڇا ڪري سگهجي ٿو؟

ان ڪان سواءِ گهر ۾ موجود سامان سان اَسان جدا جدا قسمن جون ساديون مشينون تيار ڪري سگهون ٿا. انٽرنيٽ جي مدد سان هيٺيان لفظ وجهي جدا جدا مشغوليون سکي سگهو ٿا.

مثال: Simple Machine + chain reaction toy

## ويچار ڪريو ۽ جواب ڏيو:

١.ڪهڙي ڪريا ڪندي مزو آيو؟
٢.اِهي ڪريائون ڪرڻ وقت ڪهڙيون پريشانيون آيون؟
٣.اَجان بين ڪهڙن جُدا طريقن سان اِهي ڪريائون ڪري سگهجن ٿيون؟
۴.پروجيڪٽ / مشغولي ڪرڻ وقت ڪلاس جي دوستن وٽان ڇا سکيا؟ اهو نوٽ ڪريو.
۵.بين اسڪولي وشين ڪي سؤلي نموني سمجهي وٺڻ لاءِ ڪهڙا رانديڪا يا پروجيڪٽ تيار ڪري سگهجن ٿا؟
١٠.٦ ميٽر مفاصلو طئہ ڪرڻ لاءِ هڪ ڦيٿو ڪيترا ڦيرا ڦرندو؟ ان جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ڇا؟
نوٽ : سائيڪل جي ڦيٿي تي نوڙي ويڙهيو ۽ نوڙيءَ جي ڊيگهہ ماپيو.
٧.سائيڪل واپرائڻ سان اَسان جي صحت ۽ پرياورڻ تي ڪهڙو اثر ٿئي ٿو؟ ڪيئن؟ مدا تيار ڪريو.
٨.تيار ڪيل رانديڪا عملي ڪم ڪتي ڪم آندا وڃن ٿا. ڄاڻي وٺو.
اهي ظاهري روپ ۾ واپر ۾ هوندڙ پروجيڪٽ تي ڪم ڪندڙ ماڻهن سان ڳالهائي انهن جا فائدا سمجهي وٺو.

- اَڀياس -

## ٿورو دماغ هلايو:

١.گهر جو هوندڙ ڳوڙو ڪبٽ ڪٽٽو آهي. ڪهڙيون ساديون مشينون ڪم آڻي سگهندا؟
٢.گهر ۾ دروازو/دري کولڻ يا بند ڪرڻ وقت اَنجيس جي وچين حصي ۽ هيٺئين وٽ زور لڳائڻ سان ڪتي زور گهٽ لڳندو يا وڌيڪ لڳندو جاچي ڏسو ۽ نوٽ ڪريو.
٣.سائيڪل جي بريڪ جا پيڊل ريڙ جا ڏاهڻ جو ڪارڻ ڇا هوندو؟
۴.ڳوڙيون شيون هٽائڻ ۽ ڪٽڻ لاءِ ڪهڙيون ساديون مشينون ڪم آڻي سگهندا؟
۵.اِن پروجيڪٽ سان لاڳاپو رکندڙ ڏنڏن جي لسٽ تيار ڪريو.

- انٽرنيٽ سلامتي:

انٽرنيٽ ڪم آڻڻ وقت پنهنجي ماستر جي مدد وٺو. خبرداري وٺو. سلامتيءَ جي خاطري ڪرڻ ڪان سواءِ ڪجهہ بہ اَپلوڊ يا ڊائونلوڊ نہ ڪريو. شخصي ڄاڻ ڪتي بہ نہ ڪوليو.

## سجاڻو مان ڪير؟








## منهنجي ڄاڻ حاصل ڪري وٺو

هيٺين شين ۾ لڪيل ساديون مشينون سڃاڻو.



## تيار ڪرڻ :

١. سائيڪل جي جدا جدا پاڙن جي نالن جي لسٽ تيار ڪريو
٢. گهر ۾ ڪم ايندڙ ڪن ٻه ٻن سادين مشينن جا چتر ڪيو.
٣. ليور جي ٽئين قسمن جو هڪ مثال ڏيو
٤. سادي مشين ڪم آڻي ڪوبه هڪ رانديڪو تيار ڪريو.

# ۴. اڻيميشن ۽ گيمس

اسڪولي حياتيءَ ۾ جدا جدا رانديون کيڏجن ٿيون. اڄ ڪلهه جي زماني ۾ ڪيٽريون ئي رانديون، موبائيل ۽ ڪمپيوٽر جي مدد سان پڻ کيڏيون وڃن ٿيون. اهڙيءَ ريت ڪمپيوٽر جي مدد سان اڻيميشن ڪم آڻي رانديون تيار ڪري سگهجن ٿيون.

رانديون (گيمس) تيار ڪرڻ لاءِ ويجهوئل پروگرامنگ لئنگويز (VLP) ڀاشا ڪم آندي وڃي ٿي. ان ڀاشا جو اُپيوگ ڪري اڻيميشن ۽ گيمس ڪيئن تيار ڪجن. اهو سکڻ ۾ هي پروجيڪٽ مدد ڪندو.

**مقصد**

- اِسڪرئچ واپرائڻ سکڻ
- آف لائين راند جو روپ تيار ڪرڻ
- ساٿين سان وارتالاپ ڪرڻ
- پاڻ خود اڻيميشن ۽ گيم تيار ڪرڻ
- آن لائين گيمس جي رچنا ڪرڻ، اُن جو اُپيوگ ڪري ڏسڻ ۽ ان ۾ سڌارا آڻڻ

۴.۱ مقصد

سمارٽ فون ۽ ڪمپيوٽر تي انيڪ رانديون مؤجود آهن.اسان ڪيل حرڪت انوسار اِن ۾ رس پُٽ ڏيئي اُن ۾ هوندڙ شڪليون چرپر ڪن ٿيون. يا اسان جي حرڪت ڪي رد عمل ڏين ٿيون. اڻيميشن ڪيل ۽ اڻيموجي (اڻيميٽيڊ اِموجي) پڻ ڪمپيوٽر ۽ سمارٽ فون تي ڏسڻ لاءِ ملن ٿا. اِهي چرپر ڪندڙ آڪار (اِنساني، پراڻين يا جاميٽري جي شڪلين) تيار ڪرڻ لاءِ پروگرام ڪندڙ ”ڪوڊنگ“ جو واپر ڪن ٿا. ڪوڊنگ معنيٰ هڪ ٻئي پٺيان ڏنل سمي نيم سان آگياڻن جو سيٽ. هن پروجيڪٽ سبب آن لائين راند ۽ اڻيميشنس تيار ڪرڻ ۾ مدد ٿيندي. راند ۽ اڻيميشن جي رچنا تيار ڪرڻ لاءِ تخليق ۽ تڪنيڪ ٻئي ضروري آهن. ڊزائينر پنهنجي ڪم جي شروعات ڪرڻ کان اڳ انهن جا خيالي روپ تيار ڪن ٿا ۽ پوءِ وقت بہ وقت انهن ۾ سڌارو آڻين ٿا. ويجهوئل اڻيميشنس (نظر ايندڙ جزا) تيار ڪندڙ ڪلاڪار ۽ ڪوڊنگ ڪندڙ پروگرامر جي مدد سان اهو تيار ٿئي ٿو.




## ۴.۲ اِسڪرئچ

اِسڪرئچ جو (شڪل ۴.۲) واپر ڪري اِئنيميشن ۽ رانديون تيار ڪري سگهجن ٿيون. جنهن ريت اسان وارتالاپ ڪرڻ لاءِ جدا جدا ڀاشائون ڪم آڻيون ٿا. تنهن ريت پروگرامر سمارٽ فون، ڪامپيوٽر، ٽئبليٽ، سمارٽ واچ، اُپ گرهه (سئٽيلائيٽ) ۽ ڊرائيور بنا هلندڙ واهڻ ، (ڊرائيور ليس ڪار) جهڙن ساڌنن سان وارتالاپ ڪرڻ لاءِ پروگرامنگ ڀاشا ( لئنگويز) واپرائين ٿا.

**سرپٽ**



هڪ پُراڻي بورڊ گيم جيڪا ڊائيس ۽ ڪوڏين سان ويهي ڪري کيڏي ويندي هئي. هيءَ راند قديم ڀارت ۾ تمام گهڻي مشهور هئي. هن راند لاءِ ڪل سورهن ٽڪرا گهربل آهن. پيلو، ڳاڙهو، سائو ۽ ڪارو انهن چئن رنگن مان هر هڪ جا چار چار ٽڪر گهربل آهن. ان کان ساوءِ چار پٽ هوندڙ بورڊ، ۲ ڊائيس يا ۶ ڪوڏيون لڳن ٿيون.

ان جو ئي جديد روپ لُڊو اِن راند ۾ ڏسڻ لاءِ ملي ٿو.




۴.۳ اِسڪرئچ جو پاڻو

اِسڪرئچ ڪم آڻڻ لاءِ سؤلي آهي. ڪامپيوٽر جي لاءِ، پروگرام لکڻ لاءِ اؤکيون پاشائون سکڻيون پون ٿيون. ان ۾ گهڻو وقت لڳي ٿو. پر ويجهوئل پروگرامنگ لئنگويز. اِن نموني ۾ اهو بلاڪ جي طريقي اڳوات تيار ڪيل هوندو آهي. اهي بلاڪ اسان کي (ائنيميٽيڊ شڪليون تيار ڪرڻ لاءِ، راندين جي رچنا تيار ڪرڻ لاءِ (گيم ڊزائين) ۽ پنهنجو پنهنجو وال پيپر تيار ڪرڻ جو پروگرام لکڻ لاءِ سؤلو طريقو ميسر ڪري ڏين ٿا. (شڪل ۴.۳)

ڪو خاص ڪم ڪرڻ لاءِ ڪامپيوٽر کي ڊائينڊز سلسليوار ڏاڪا، انهن کي ڪوڊنگ چئبو آهي. ڪوڊنگ سبب اسان ڪامپيوٽر ۽ سمارٽ فون سان وارتالاپ ڪري سگهون ٿا. جنهن مهل اسان ڪنهن بٽڻ کي دبائي ڪِلڪ ڪريون ٿا ۽ ڪامپيوٽر يا سمارٽ فون رد عمل ڏئي ٿو. اُن وقت اسان جي ڪِلڪ جو اُن مشين کي سمجهندڙ ان پاشا ۾ سوچنائن جي رو ۾ ترجمو ڪيو وڃي ٿو. ڪامپيوٽر ۽ سمارٽ فون صحيح نمبر وار ڏنل سوچنائن جي سلسلي کي پروگرام چوندا آهن. جاوا اِسڪرپٽ، پائٿن ۽ سي انهن پاشائن ۾ ويجهوئل پروگرامنگ پاشا (VLP) آهن. اَهڙيون انيڪ پاشائون آهن جن جي مدد سان اَسان ڪامپيوٽر سان وارتالاپ ڪري سگهون ٿا. ان ۾ پروگرامنگ سوچنائن جو سلسلو بلاڪس ۾ ڪيو وڃي ٿو. ان سبب جدا جدا بلاڪ گڏ ڪري انهن جون سوچنائن جو سيٽ تيار ڪري سگهجي ٿو.

**مقصد**

پروجيڪٽ جي پڄاڻيءَ ۾ هي ڪري سگهو ٿا

۱. بلاڪ پروگرامنگ سان گڏ هڪ سؤلو اسڪرئچ پروجيڪٽ ٺاهڻ.

۲. اسڪرئچ ڪم آڻي راند (گيم) ۽ ائنيميشن جي رچنا ڪرڻ

**گهربل سامان/ساڌن**

هن پروجيڪٽ کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ هينيون ڳالهيون ضروري آهن: اِنٽرنيٽ ڪنيڪشن هوندڙ ڪامپيوٽر ڪامپيوٽر يا لئپٽاپ تي ڊائون لوڊ ڪيل اسڪرئچ، ڪاپي، پين يا پينسل، پنا، مارڪر پين، پانا وغيره

**سلامتيءَ جي لاءِ قائدا: (قاعدا):**

- انٽرنيٽ کي آڇڻ وقت ماستر ۽ ماهر شخص جي صلاح وٺو.
- انٽرنيٽ کي آڇڻ وقت 'ڇا ڪجي' ۽ 'ڇا نہ ڪجي' جي لسٽ تيار ڪريو. اُن انوسار ڪم ڪريو
- ويڊيو گيم کيڏڻ لاءِ يا انٽرنيٽ تي ڪا ڄاڻ ڳولهڻ لاءِ ڪمپيوٽر کي آڇڻ ضروري آهي پر اسڪرين تي وڌيڪ وقت ويهڻ توهان جي صحت ۽ دماغ جي لاءِ سٺو نہ آهي.
- ٻاهر کيڏڻ ۽ شاريرڪ راندين کي شامل ڪرڻ اهو توهان جي شرير لاءِ ۽ من جي لاءِ سٺو آهي.
- ماسترن جي ۽ گهر جي ڀاتين جي نظر هيٺ سمارٽ فون ۽ ڪمپيوٽر جو اُپيوگ فقط گهربل وقت لاءِ ئي ٿورو وقت ڪريو.
- ڪي بہ سامان يا ساڌن ماستر، پالڪ، جي اجازت ڪان سواءِ اَپ لوڊ يا ڊائون لوڊ نہ ڪريو. پنهنجي شخصي ڄاڻ ٻين کي نہ ڏيو.

اهو پروجيڪٽ ڪرڻ لاءِ ڪمپيوٽر جو مائوس ۽ کي بورڊ واپرائڻ، انٽرنيٽ جوڙڻ کي چڪاسڻ، برائوزر، برائوزنگ يا ڳولهڻ جو ڪم ۽ سافٽ ويئر ڊائون لوڊ جو ڪم ۽ اُهو برپا ڪرڻ (Install) جهڙيون بنيادي ڳالهيون ڄاڻ هئڻ ضروري آهن.

**مشغولي - ١ :** **راند جي رچنا (گيم ڊزائين)**

راند جا ٻہ مکيہ قسم آهن، مئدان ۾ وِهڪ واريون. مئداني راندين ۾ کو-کو، ڪبڏي، ڪرڪيٽ، اکين کي پٽيءَ واري راند وغيره شامل آهن تہ وِهڪ وارين راندين ۾ چيس، لُوڊو ، پتن جي راند، ڪئرم، سرپٽ وغيره شامل آهن.

راندين بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ هيٺين سوالن جي ڄاڻ ڏيو.

١. اسان راند ڇو کيڏون ٿا؟ ------------------

٢. پسند جي راند ڪهڙي؟ ------------------

٣. اِها راند پسند هئڻ جا ڪارڻ ؟ ------------------

٤. اها راند کيڏڻ لاءِ ڪيترا ڄڻا گهرجن؟ ------------------

٥. راند جا مکيہ قائدا ڪهڙا؟ ------------------

٦. پسند جي راند لاءِ مزيدار ڄاڻ؟ ------------------

## مشغولي - ٢ : پسند هوندڙ راند جو ماڊل تيار ڪرڻ



۴.۴ نقل

هست ڪلا جا سامان کم آڻي پسند هوندڙ راند جو ماڊل تيار ڪريو.
مثال طور: جيڪڏهن توهان کي لوڊو يا نانگڻ پسند آهي ته بورڊ ناهڻ لاءِ ڪارڊ بورڊ ۽ بٽڻ کم آڻيو. جيڪڏهن توهان کي ڪرڪيٽ پسند هجي ته ڪرڪيٽ جي مئدان جوماڊل تيار ڪريو.

## مشغولي - ٣ آن لائين گيم کيڏڻ ۽ ان تي سوال

هاڻي ڪجھ آن لائين رانديون کيڏو. سمارٽ فون ۽ ڪامپيوٽر ، لئپٽاپ تي جدا جدا قسمن جون رانديون کيڏو ۽ هينئين سوالن جا جواب ٽوري ڏيو.

نسبتي حرکت پالکن يا ماسترن جي رهبريءَ هيٺ ڪريو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ١. سيني راندين جا قائدا هئا ڇا؟ | ☐ | ها | ☐ | نہ |
| ٢. سيني راندين ۾ ڪارٽون، مِڪي مائوس، وغيره ڪردار هئا ڇا؟ | ☐ | ها | ☐ | نہ |
| ٣. سيني راندين ۾ ڪردار هڪ ٻئي سان لهه وچڙ ۾ هئا ڇا؟ | ☐ | ها | ☐ | نہ |
| ۴. سيني راندين ۾ ٻئڪگرائونڊ رنگين هئو ڇا؟ | ☐ | ها | ☐ | نہ |
| ۵. راندين ۾ سنگيت يا ٻيا آواز هئا ڇا؟ | ☐ | ها | ☐ | نہ |

٦. توهان کي ڪا راند مزيدار ۽ للڪاريندڙ لڳي ڇا؟ هجي ته ڇو؟ نہ هجي ته ان کي وڌيڪ مزيدار ۽ للڪاريندڙ ڪيئن ٺاهيندا؟ ________________

________________________________

________________________________

________________________________

## مشغولي -۴ وڏنڊڙ آن لائين گيم جي لاءِ شروعاتي تياري

وڏنڊڙ راند جي لاءِ (آف لائين ۽ آن لائين) اسان ڇاڻ حاصل ڪئي آهي. راند ۾ قائدا، رانديگر رانديگرن جي وچ۾ پاڻ ۾ لهه وچڙ ۽ ڪيڏيل آن لائين ۽ آف لائين راندين ۾ للڪار انهن سڀني جو ڳڏيل ويچار ڪيو آهي.

آن لائين راندين ۾ ڪجهه آف لائين راندين ۾ سنگيت ۽ بئڪگرائونڊ هوندو آهي. جنهن سبب اُهي ڇڪيندڙ ۽ مزيدار بڻجن ٿيون. هاڻي اسڪرئچ کم آڻي تيار ڪيل ڪجهه مزيدار آن لائين رانديون ۽ انيميشن ڳولهيو.




۴.۵ مئچ د پيئر (جوڙا ملايو)

توهان راند ۾ انيميشن ڳولهڻ جي لاءِ هيٺ ڏنل سوچنائون جا (کي وردس) کم آڻي سگهو ٿا:

توهان راند ۾ انيميشن ڳولهڻ جي لاءِ هيٺ ڏنل سوچنائون کم آڻي (کي وردس) سگهو ٿا:

۱. اسڪرئچ کم آڻي تيار ڪيل انيميشن راند

۲. اسڪولي شاگردن جي لاءِ تعميلي اسڪرئچ راند

۳. حسابن جي ڪلاڻن جي پرئڪٽس ڪرڻ لاءِ اسڪرئچ راند

۴. سنگيت ۽ آواز سمايل نوان نوان اسڪرئچ راند

۵. اتهاس يا جاگرافي سيکارڻ لاءِ اسڪرئچ راند

۶. اسڪرئچ ۾ تيار ڪيل همت وڌائيندڙ رانديون

LO : 2, 3, 4, 5, 6, 7, 8, 9, 10, 12, 18, 19, 20, 22, 23

### اسڪرئچ تي کاتا تيار ڪرڻ

کاتا تيار ڪرڻ لاءِ توهان کي اسڪرئچ ويب سائيٽ تي لاگن ڪرڻو پوندو.
اي-ميل ائڊريس جي مدد سان توهان جو اسڪرئچ کاتو کوليو.
توهان پنهنجي ماسٽر يا ڪتنب جي ميمبرن جي اي-ميل ائڊريس ڪم آڻي سگهو ٿا
کاتا تيار ڪرڻ لاءِ 'create' بٽڻ تي ڪِلڪ ڪريو.
توهان کي اسڪرئچ ڪم آڻي ائنيميشن ۽ راند تيار ڪرڻ لاءِ راهه ڏيکاريندڙ مددگار پڻ نظر ايندا.
هيٺين کي وڊيو ٽائيپ ڪريو:

- نون سڪندڙن لاءِ اسڪرئچ گيم ٽيوٽوريئلس
- اسڪرئچ ۾ پول ڀُلئيا (Maze) راند ڪيئن تيار ڪجي
- اسڪرئچ ۾ پاڻ مرادو وارتالاپ جون ڳالهيون ٻڌائڻ (Interactive Storytelling)
- اسڪرئچ ۾ ملٽي پليئر راند تيار ڪرڻ

هاڻي اسڪرئچ واپرائڻ کي شروع ڪري سگهو ٿا

**ٻڌايو:**

(١) اسڪرئچ تي کاتا تيار ڪرڻ وقت توهان کي ڪجهه پريشانيون آيون ها؟ ها ☐ نه ☐

(٢) جيڪڏهن ها، ته اُهي ڪيئن حل ڪيون؟

## مشغولي ۵ — راند جا ڪردار، شيون ۽ بئڪگرائونڊ تيار ڪرڻ

اسڪرئچ ۾ ڪجهه ڳالهيون ڪري ڏسو. شڪل ۴.٦ کان ۴.١٠ تائين ۾اسڪرين تي نظر ايندڙ ڪجهه ڳالهيون ڏيکاريل آهن.
اسڪرئچ واپرائڻ شروع ڪرڻ وقت هيٺين سوالن جا جواب ڏيو.
اڳلي وقت اسڪرئچ ۾ڪوبه ڪم ڪرڻ لاءِ انهن جوابن جو اُپيوگ ٿيندو.







۴.٦ اسڪرئچ جا بئڪ گرائونڊ (Back Grounds) ۽ ڪردار (Sprite)




۴.۷ اسانجي راند جا ڪردار اَپلوڊ ڪرڻ

۱.توهان ڪردار ڳولهي اِمپورٽ ڪري سگهيا ڇا؟ ☐ ها ☐ نه

۲. اڳ ۾ئي تيار ۰ اِن بلٽ) ڪردار ڪم آندا يا انٽرنيٽ تان ڪا تصوير يا خود ڪڍيل فوٽو واپرايو؟ يا ٻئي واپرايا؟ ____________________

۳.توهان پنهنجا خود ڪردار تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ڇا؟

☐ ها ☐ نه

۴.چوڻديل ڪردار جي پوشاڪ (ڪاسٽيوم) بدلائي سگهيا ڇا؟

☐ ها ☐ نه

۵.توهان جزا سڄاڻي (Objects) امپورٽ ڪري سگهيا ڇا؟

☐ ها ☐ نه

٦.چوڻديل ڪردار لاءِ مناسب بئڪ گرائونڊ ڪم آڻي سگهيا ڇا؟

☐ ها ☐ نه




۴.۸ ڪامپيوٽر تي ڪردار اَپ لوڊ ڪرڻ

**هٿرادو ذهانت (AI) واپرائڻ پنهنجون تصويرون تيار ڪريو !**

AI اِميز جنريٽر جي مدد سان پنهنجون تصويرون تيار ڪري سگهو ٿا.

AI اِميز جنريٽر اهو ساڌن ڏنل ڪي ورڊ تي (جنهن کي ٽيڪسٽ پرامپٽ چوندا آهن) سمجهي وٺي ٿو ، ان تي رد عمل ڪري ٿو ۽ اُن بيان سان نهڪندڙ تصوير تيار ڪري ٿو.

**هن پروجيڪٽ جي لاءِ هٿرادو ذهانت (AI) تصويرون تيار ڪرڻ لاءِ توهان هيٺيون ڳالهيون ڪري سگهو ٿا.**

١. AI اِميز جنريٽر چونڊيو: ان لاءِ توهان پنهنجي ماسترن جي يا ٻين جي مدد وٺي سگهو ٿا.

٢. توهان جي سوچ لکو: توهان کي ڇا گهرجي سؤلن لفظن ۾ بيان ڪريو.
مثال طور : جيڪڏهن اُڏامندڙ ٻلي ۽ جو ويچار ڪري رهيا آهيو ته لکو ''آسمان ۾ اُڏامندڙ ٻلي''

٣. ممڪن جواب ڏسو: جدا جدا طريقا ڪم آڻي ڏسو ۽ اهو ساڌن تصوير ۾ ڪيئن تبديل آڻي ٿو، ڏسو.

۴. سڌارو ۽ تجربو ڪريو: جيڪڏهن تبديل گهرجي ته اوڙهو بيان لکو.
مثال: ٻلي ٿوري ننڍي ڪريو. يا ٻئڪ گرائونڊ جهنگل جو ڪريو.

۵. ڊائون لوڊ ڪريو يا سانڍي رکو: تيار ٿيل تصوير توهانجي ڪامپيوٽر تي / موبائيل تي ڊائون لوڊ يا سيوَ ڪريو

٦. هاڻي توهان اُها تصوير گهربل مقصد لاءِ ڪم آڻي سگهو ٿا.

مشغولي - ٦: **ڪردارن ۾ جزن جي پروگرامنگ**

### ڪردار اَئنيميٽ ڪرڻ



۴.٩ ڪردار چونڊيو ۽ ڪوڊ بلاڪس ونڊو ۾ ڊرئگ ڪريو. جئن اُهو ڏنل سوچنائن موجب ڪم ڪري.

هيٺ ڏنل سوال اجان بيو ڇا ڪري سگهجي ٿو. ان جو ويچار ڪرڻ لاءِ مدد ڪندا ۽ مستقبل ۾ اُن جو اُپيوڳ ٿيندو.

سوال:

١. Motion ۽ Looks بلاڪس گڏ ڪم آڻي ڪردار ائنيميٽ ڪري سگهيا ڇا؟ ها ☐ نہ ☐

٢. Control ۽ Events بلاڪس گڏ ڪم آڻي ڪردار ائنيميٽ ڪري سگهيا ڇا؟ ها ☐ نہ ☐

٣. ان ائنيميشن ۾ سنگيت شامل ڪري سگهيا ڇا؟ ها ☐ نہ ☐

٤. هڪ کان وڌيڪ ڪردار چوندي سگهيا ڇا؟ ها ☐ نہ ☐

٥. توهان انهن جي پوشاڪن ۾ (costume) بدل سدم ڪري سگهيا ڇا؟ ها ☐ نہ ☐

## مشغولي - ٧: دوست لاءِ ائنيميٽيڊ جنم ڏينهن جو ڪارڊ تيار ڪرڻ

دوست يا ساهيڙيءَ جي لاءِ نالو ۽ تصوير ڪم آڻي هڪ ائنيميٽيڊ جنم ڏينهن جو ڪارڊ تيار ڪرڻ.




٤.١٠ اسڪرئيچ ۾ ائنيميشن ڪري سگهو ٿا: هن ونڊو ۾ اکر ائنيميٽ ڪيل آهن:

سوالن جا جواب ڏيو: ( سوال راهه ڏيکاريندڙ ثابت ٿيندا، مستقبل ۾ اُنهن جو اُپيوڳ ٿيندو.)

١. دوست جو / ساهيڙيءَ جو فوٽو ڪردار لاءِ اِمپورٽ ڪري واپرائي سگهندا ڇا؟ ها ☐ نہ ☐

٢. Motion Looks Control ۽ Events بلاڪس گڏ ڪم آڻي دوست جي ڪردار سان گڏ ائنيميٽيڊ جنم ڏينهن جو نياپو / سنديش تيار ڪري سگهيا ڇا؟ ها ☐ نہ ☐

٣. ائنيميٽيڊ ڪارڊ جي لاءِ دوست / ساهيڙيءَ جي پسند جو ڳانو بئڪ گرائونڊ ۾ ڪم آڻي سگهيا ڇا؟ ها ☐ نہ ☐

٤. ڪارڊ سيوَ ڪري (سانڍي رکي ڪري) دوست کي موڪلي سگهيا ڇا؟ ها ☐ نہ ☐

LO : 2, 3, 4, 5, 6, 7, 8, 9, 10, 12, 16, 17, 18, 19, 20, 21, 22, 23, 26, 27, 28, 29, 30

۵.هي ائنيميٽيڊ جنم ڏينهن جو ڪارڊ تيار ڪرڻ وقت ڪجهه پريشانيون آيون ڇا؟ ها ☐ نه ☐

---

۶.اسڪرئچ ڪم آڏي اَچان ڪجهه ناهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ڇا؟

---

متئين پراجيڪٽ جا ڏاڪا پورا ڪرڻ تي گيم تيار ڪرڻ ايندي.

**مشغولي - ۸:** گيم ڊزائين ڪرڻ

ان لاءِ سڀ کان پهريائين راند جي تفصيلوار يوجنا تيار ڪريو. اِن کي اِستوري بورڊ (Storyboard) تيار ڪرڻ چوندا آهن. (شڪل ۴.۱۱)

اِستوري بورڊ (Story board)

اِستوري بورڊ معنيٰ راند يا ائنيميشن جي درميان اسڪرين تي ڇا نظر ايندي ان جي پهريائين رٿيل يوجنا. اِهو هڪ نقشي وانگر (road map) هوندو آهي. توهان اُهو پني تي تيار ڪري سگهو ٿا. يا ڪامپيوٽر تي توهان جي يوجنا لکي ڪجهه منصوبو تيار ڪريو.




توهان هيٺ ڏنل ڳالهيون استوري بورڊ ۾ شامل ڪري سگهو ٿا.

- ☐ توهان جي ڪردارن جا اسڪيچ (sketch)
- ☐ اهي حڪمن کي ڪيئن رد عمل ڏيندا ان جو بيان
- ☐ ڪريائن جو سلسلو (sequence of actions)
- ☐ توهان جي من ۾ هوندڙ سڀ سوچ ويچار

استوري بورڊ تيار ڪرڻ مَهتوَ جو آهي. ڇاڪاڻ تہ اُن سبب توهان جي راند جي يا ائنيميشن جي پوري يوجنا تيار ٿئي ٿي. ان ڪارڻ راند تيار ڪرڻ وقت توهان کي هر گهڙيءَ ويچار ڪرڻ جي ضرورت نٿي پوي.

**متئين اِستوري بورڊ ۾ هيئنئين ڳالهہ ٻڌايل آهي.**

راڪيش اِيپاس جي ٽيبل وٽ ويٺو آهي ۽ هن جي ٽيبل تي ڪير جو هڪ گلاس رکيل آهي. هن سونوءَ (ڪتي جي ٻچي) کي سڏ ڪيو. سونو راڪيش ڏانهن ٽپو ڏئي ٿو. تنهن سبب ٽيبل وارو گلاس هيٺ ڪري ٿو ۽ ڪير ٽيبل تي هارجي، هوم ورڪ جي ڪاپيءَ تي ڦهلجي وڃي ٿو.

**توهان جي راند جي سوچ، گڏ پڙهندڙن جي سامهون پيش ڪريو.**

اڻيميشن جي لاءِ اسٽوري بورڊ جو مثال

- ☐ پنهنجي راند جي سوچ، گڏ پڙهندڙن جي سامهون پيش ڪئي ڇا؟ — ها ☐ نه ☐
- ☐ اُنهن وٽان ڪجهه سوچنائون آيون ڇا؟ — ها ☐ نه ☐
- ☐ جيڪڏهن ها ته انهن سوچنائن جو اُپيوڳ ڪيئن ڪيو؟ ______

## مشغولي - ۹: راند جي ڪوڊنگ ڪرڻ

ماسٽر يا ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ جي مدد سان، تيار ڪيل راند جي لاءِ (شڪل ۴.۱۱) ڪوڊ لکو.

- ☐ ڪردار (Characters) ۽ نظارا (Scenes) تيار ڪريو
- ☐ ڪردار کي اڻيميٽيڊ ڪريو
- ☐ گفتگو (Dialogue) ۽ ٽيڪسٽ (Text) کي آڻيو
- ☐ Events بلاڪس کي آڻي الڳ الڳ گهٽنائون گهڙيو
- ☐ Sound بلاڪس کي آڻي بئڪ گرائونڊ جوڙيو




شڪل ۴.۱۱ : هن ڪوڊ ۾ 'Start' بٽڻ دٻائڻ تي بلي ۱۰ قدم اڳتي وڌي ٿي ۽ 'Hello' ائين چوي ٿي.

۱. مشغولي - ۵: تيار ڪيل راند لاءِ اسڪرپٽ لکو.

Motion | Looks | Sound | Events | Control | Sensing | Operators | Variables وغيره ان بلٽ بلاڪس ۽ لوپس (Loops) ۽ شرط (Conditional Statements) کي آڻيو.

۲. راند جي نالي جو لوگو تيار ڪريو ۽ ان جو فوٽو ڪاپيءَ ۾ چيپڪايو.

LO : 2, 3, 4, 5, 6, 7, 8, 9, 10, 12, 16, 17, 18, 19, 20, 21, 22, 23, 24, 25, 26, 27

هينيون ڳالهيون ڪري سگهيا ڇا؟ جاچي ڏسو

(الف) اسٽيج سيٽ ڪرڻ

- راند جي لاءِ بئڪ گرائونڊ (Backdrop) چونڊيو يا تيار ڪيو ڇا؟
(تصوير اِمپورٽ ڪري) ها / نہ
- ڪردارڊزائين ڪيا يا اِمپورٽ ڪيا ڇا؟ ها / نہ
- شيون ڊزائين (Object) ڪيون يا اِمپورٽ ڪيون ڇا؟ ها / نہ

(ب)ڪردار جي ڪوڊنگ

- Motion ۽ Looks بلاڪس ڪم آڻي ڪردارن جون حرڪتون\هلچل
پروگرام ڪئي ڇا؟ ها / نہ
- جدا جدا ڪوڊ بلاڪ ڪم آڻي هلچل، گفتگو، ائنيميشن ۽ گيم لاجڪ ڪنٽرول ڪيا ڇا؟
ها / نہ

(پ)گيم مشينون (Game Mechanics) لاڳو ڪرڻ.

- Control بلاڪس ڳڏ ڪم آڻي راند جا قاعدا مقرر ڪيا ڇا؟
ها / نہ
- If-else شرط، لوُپس، وئريئبلس ۽ Sensing بلاڪس ڪم آڻي گفتگو
جا جزا تيار ڪيا ڇا؟ ها / نہ
- Events بلاڪس ڪم آڻي خاص گهٽنائن تي ڪرڻ جي ريت تيار ڪئي ڇا؟ ها / نہ
- Sound بلاڪس ڪم آڻي بئڪ گرائونڊ شامل ڪيو ڇا؟ ها / نہ

ها / نہ

(پ) راند تيار ڪرڻ وقت ڪجھ پريشانيون آيون ڇا؟
جيڪڏهن ها تہ اُهي ڪيئن حاصل ڪيون؟

**مشغولي - ١٠** چڪاس ڪرڻ

راند صحيح نموني هلي ٿي، ڇا اهو چڪاس ڪرڻ

١. اسڪرئيچ ۾ Share بٽڻ دٻائي اُهو بين لاءِ ميسر ڪريو.
٢. بين گروپن جي ميمبرن کي راند کيڏڻ لاءِ چئو.
٣. راند صحيح ڊنگ سان هلڻ لاءِ ڪجھ عيب (Bugs) ڪڍي ڇڏڻ جي ضرورت آهي ڇا؟
ها / نہ

**مشغولي - ١١:** راند بين کي ڏيڻ

تيار ٿيل راند بين جي لاءِ ميسر ڪري ڏيڻ کان اڳ ان راند جي سهاٽپ ڪري ڏيڻي پوندي. هنن کي ڪجھ بنيادي سوچنائون ڏيڻيون پونديون. ڪجھ قائدا هوندا تہ انهن جي جاڻ ڏيڻي پوندي. ان لاءِ آڊيئو\وڊيئو ٽڪر تيار ڪري يا جاڻ جو ڪتاب تيار ڪري سگهو ٿا.

سوال ١:
١.راند جو نالو ڇا آهي؟
٢.راند جا جزا ڪهڙا آهن؟
٣.راند جا قائدا يا راند کيڏڻ لاءِ سوچنائون ڇا آهن؟

## ٻڌايو

ٻين وٽان ڇا سکياسين؟ اُهي ڪيئن ڪم آندا؟

١.ڪجھ ٽيوٽوريئلس ڏٺا ڇا يا ٻين ڪوڊ ڪيئن لکيو اِهو جاچي ڏٺو ڇا؟

..........................................................................

٢.ڳڏ پڙهندڙن سان گڏ ڪنهن ٻه پروجيڪٽ تي ڪم ڪيو آهي ڇا؟ انهن وٽان ڇا سکيا؟

..........................................................................

٣.ماسٽر يا دوست وٽان مدد يا صلاح جي گهُر ڪئي ڇا؟ سڀ کان وڌيڪ ڪارائتي صلاح ڪهڙي ملي؟

..........................................................................

٤.ڳڏ پڙهندڙن جي مدد سان ڪهڙو نئون ٽڪنيڪ يا بلاڪس ڳولهي ڪڍيا؟

..........................................................................

٥.ٻين وٽان سکڻ سبب پروجيڪٽ ۾ ڪجھ نوان ويچار يا خاصيتون (Features) شامل ٿيون ڇا؟

..........................................................................

٦. ٻين کي اسڪرئچ سيکارڻ جي يا مدد ڪرڻ جو موقعو مليو ڇا؟ اُنهن کي ڇا سيکاريو ۽ ان سبب توهان وڌيڪ سٺو ڪيئن سمجهيو؟ سمجھ وڌيڪ پڪي ڪيئن ٿي؟

..........................................................................

## ائنيميشن ۽ گيم سکڻ لاءِ مشغوليون ۽ انهن لاءِ لڳندڙ وقت

ڪا مشغولي پوري ڪرڻ لاءِ ڪيترو وقت لڳي ٿو اِهو سمجهڻ اَهميت وارو آهي. هرهڪ مشغوليءَ لاءِ توهان اَنداز سان ڪيترا پيرڊ ڪنيا، اُهي ٻڌيو. هيٺين ڪال لائين تي درج ڪريو. ڪتاب ۾ ڏنل مشغولين کان وڌيڪ مشغوليون ڪيون هجن ته اُنهن جو نمبر ۽ لڳل وقت ٻه جوڙيو.

توهان وڌيڪ ڪيئن سٺو سمجهيو؟

| | | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| مشغولي | ١ | ٢ | ٣ | ٤ | ٥ | ٦ | ٧ | ٨ | ٩ | ١٠ | ١١ |
| وقت (ڪلاڪن ۾) | — | — | — | — | — | — | — | — | — | — | — |

ان مان اَچان وڌيڪ ڇا ڪري سگهجي ٿو؟

١.روز مره جي جيون سان لاڳاپو رکندڙ ڪا راند يا ائنيميٽيڊ ڪهاڻي تيار ڪري سگهو ٿا. ان لاءِ آس پاس جي ماڻهن ۽ شين جون تصويرون ڪم آڻي سگهو ٿا. (ان لاءِ انهن جي اجازت وٺڻ ضروري آهي.)

٢.ڪٽنب جي ميمبرن ۽ آس پاس جي بزرگ ماڻهن سان مشهور لوڪ ڪٿا تي چرچا ڪريو. ان ڪٿا جا ڪردار، ڪٿا ڪندڙ مهتو جا نظارا وغيره شامل هوندڙ اسٽوري بورڊ تيار ڪريو ۽ اها ڪٿا اسڪرئچ ۾ تبديل ڪريو.

## ڪيئن؟

* ڪردار ۽ نظارا تيار ڪري
* ڪردار کي اَئنيميٽ ڪريو
* گفتگو ۽ بيان ڪم آڻي
* جدا جدا گھٽنائون شروع ڪرڻ لاءِ Events بلاڪس ڪم آڻي.
* بئڪ گرائونڊ سنگيت لاءِ Sound بلاڪس ڪم آڻي .

**الڳ-الڳ گيمس تيار ڪرڻ لاءِ اِسڪرئچ جي ايڪسٽينشن واپرائي سگھو ٿا. مثال پين ايڪسٽينشن (Pen extension) واپرائي پنھنجو آڪار ۽ شڪل تيار ڪري سگھو ٿا.**



۴.۱۲

**ويچار ڪريو ۽ جواب ڏيو:**

۱. ائنيميشن ۽ گيمس مان ڇا ڪرڻ پسند آيو؟
۲. اھو ڪندي ڇا پريشانيون آيون؟
۳. ان ۾ اچان ڇا ڪجھ الڳ ڪري سگھجي ٿو؟
۴. آن لائين ۽ آف لائين راندين جي ڀيٽ ڪريو. هرھڪ جا فائدا ۽ نقصان سمجھايو.
۵. هن پروجيڪٽ سان لاڳاپو رکندڙ ڪھڙيون ڪھڙيون نوڪريون يا ڌنڌا مؤجود آھن؟ پوري ڄاڻ حاصل ڪريو. (مثال طور : پروگرامر، سافٽ ويئر ڊيولپر، گيم ڊيولپر، 3D ائنيميٽر وغيرھ )
۶. اسڪرئچ وانگر اچان بيا ڪھڙا ائپ تيار ڪرڻ لاءِ واپرائي سگھجن ٿا ان جي ڄاچ ڪريو ۽ واپرائي ڏسو.

## اَڀياس

### ٿورو مغز هلايو

**۱.ائنيميشن کيل ۽ ائنيميشن گيمس انھن ۾ فرق هوندو آھي ڇا؟**
**۲.ٻچ مان وڏ تيار ٿئي ٿو اھڙو ائنيميشن تيار ڪرڻ لاءِ گھربل ڏاڪا لکو (اسٽوري بورڊ)**
**۳.ائنيميشن جو اُپيوگ اَڀياس ۾ ڪٿي ٿي سگھي و ٻڌايو؟**




اسڪرئچ جي اِسڪرين جو اَڀياس ڪريو ۽ هيٺيان سوال حل ڪريو.

۱.اسڪرئچ جي ڪوڊ بابت چاڙ هيٺ ڏنل خاڪي ڀريو

| رنگ | نالو | اُپيوگ |
|---|---|---|
| | | |
| | | |
| | | |



۲.ڪردار جو پراڻي سکاٹو




۳.هن ٻرڪُب چو ڏنل هوندو؟



۴.انهن ٻن بٽڻن جا نالا ۽ اُپيوگ لکو

## منهنجي ڄاڻ حاصل ڪري وٺو

۱.ويهي ڪري ڪرڻ ۽ مئداني راندين بابت ڄاڻ سان هيٺيون خاڪو پورو ڪريو.

| نمبر | راند جو نالو | مئداني/ويهي ڪري ڪرڻ واري | رانديگرن جو عدد |
|---|---|---|---|
| ۱ | | | |
| ۲ | | | |
| ۳ | | | |

۲.ٽي.وي ۽ تي ڏيکاريا ويندڙ جدا جدا ڪارٽون شوِ مان ڪردار جا نالا لکو

| نمبر | ڪارٽون شوَ | ڪردار |
|---|---|---|
| ۱ | | |
| ۲ | | |
| ۳ | | |
| ۴ | | |
| ۵ | | |

## تيار ڪرڻ:

اسڪرئچ جي مدد سان وگيان وشيہ جي ڪنهن وشيہ\ابيان ڪي ڪٽي گيم تيار ڪريو. آيپاس ڪرم مان آڄان ڪهڙن وشين تي گيم تيار ڪري سگهجن ٿا. ان جو ويچار ڪريو.

پاڱو - ٣

# اِنساني سيوائن ۾ ڪم





واپار ۽ آمدرفت کان وٺي ميڊيا ۾ منورجن
تائين جدا جدا سيوائون اسان تيار ڪيون آهن.
ان سبب اسان کي ناتن رشتن کان پري وڃي سهڪار
ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. وئشوڪ ڏي - وٺ جي هن
يُگ ۾ انساني سيوائن ۾ ڪم ڪرڻ جي لياقت جو
وڪاس ڪرڻ ضروري آهي. ان ۾ ايندڙ ڏنڌي جو انساني سيوائن
جي ڪاريه ۾ شامل ڪيو آهي. ان لاءِ لياقت\ سگهه جو وڪاس ڪرڻ
لاءِ اسڪولي شيون ٻنڌار ۽ باهه بنا رڌ پچاءِ جي ڪريا انهن
پروجيڪٽ بابت ڄاڻ ڏني ويئي آهي.
شيون ٻنڌار اهي اسان جي پرئي ترئي ورثي جو جتن ڪندڙ هڪ
جاءِ آهي. جتي اتهاسڪ سڪا، جهونا هٿيار، لپيون ۽ پراچين
سنسڪرتيءَ جون شيون سنڀالي رکيون ويون آهن.
باهه کان سواءِ رڌ پچاءُ اها جديد زماني جي هڪ تمام گهٽي مهتو
جي ۽ صحتمند ويچارڌارا آهي. جنهن ۾ کاڌي جا قدرتي وٽامن،
پروٽين ۽ مهتو جا معدني پدارٿ ٽِڪي رهن ٿا. هيءَ طريقو فقط
صحت لاءِ ڪارائتو نه پر ماحول جي بچاءَ ڪرڻ ۾ مدد ڪندڙ آهي.
ساڳي ريت هن پروجيڪٽ سبب خود تي ڀاڙڻ جي
ڀاونا پئدا ٿئي ٿي.
اَهڙي ريت باهه جي بنا رڌ پچاءُ ۽ اتهاسڪ
ورثو اهي ٻئي ڳالهيون اسان جي سڀ لحاظ
کان وڪاس جي لاءِ مهتو جون ثابت ٿين ٿيون.

# اسڪول جي سامان جو ميوزيم

ميوزيم معنيٰ مهتوَ جون، جهونيون، اتهاسڪ شيون گڏ ڪري انهن کي وڏنڊڙ روپ ۾ اچي ٿاهي رکڻ ۽ ماڻهن کي انهن سان سڃاڻپ ڪرائڻ. اسڪولي ميوزيم معنيٰ، شاگردن جي لاءِ ممڪن اَهڙيون شيون گڏ ڪري اسڪول ۾ اُهي ٿاهي رکڻ . هن پروجيڪٽ سبب ميوزيم جي ڄاڻ ملي ۽ ڪلا جون شيون گڏ ڪري انهن بيان ڪري پنهنجو وڏنڊڙ ميوزيم تيار ڪري سگهجي ٿو.

مقصد

| | | |
|---|---|---|
| ڪلا واريون شيون ڏسي سڃاڻڻ ۽ پيش ڪرڻ | شخصي طور ميوزيم ۾ وڃڻ | ميوزيم ۽ ڪلا جي باري ۾ ڄاڻي وٺڻ |
| ايندڙ شخص جا رايا وٺندڙ | ڪلا جو نماءُ رکڻ | پنهنجي اتهاس ۽ سنسڪرتيءَ جي سڃاڻپ ڪرڻ |



تصوير ۵.۱ اسڪولي شين جو ميوزيم

سماجڪ شاستر ان وشيہ ۾ اتهاس ۽ سنسڪرتي سمجهي وٺڻ لاءِ ڪيتريون ئي شيون ۽ ڳالهيوسن اپياس ڪيون وڃن ٿيون. ماڻهوءَ جو ٿاهيل پراچين شيون، نقشڪاري، تصويرون ، پٿرن تي اُڪريل ليک، برتن وغيرهہ مان اسان جو اتهاسڪ ورثو ۽ سنسڪرتڪ جيون جي باري ۾ ڄاڻ ملي ٿي. ميوزيم سبب اتهاس ۽ سنسڪرتي سمجهي وٺڻ ۾ مدد ٿئي ٿي. جهوني زماني ۾ ماڻهن جي پوشاڪ، انهن جي ڪمن جا قسم، انهن پاران تيار ڪيل نقشڪاريءَ جون شيون (جهڙوڪ چتر ۽ مورتيون) ، انهن جي لپي، انهن جون هٿ سان لکيل ڳالهيون اَهڙيون ڪيتريون ئي مزيدار ڳالهيون ملن ٿيون ۽ زمان ماضيءَ جي سڃاڻپ ٿئي ٿي.

## ميوزيم جا قسم سمجهي وٺڻ

### ١. اتهاسڪ ميوزيم :

اتهاسڪ ميوزيم ۾ چِتر ، مورتيون، هٿ جي ڪلا، لوڪ ڪلا، هٿ سان لکيل ليک سانڍي رکيا وڃن ٿا. ان مان زماني جي ماڻهن جي جيون جي ڄاڻ ملي ٿي.

### ٢. ڪلا ميوزيم :

ڪلا ميوزيم ۾ چِتر، مورتيون، هٿ جي ڪلا، هٿ جا لکيل ليک سنڀالي رکيا وڃن ٿا. ان ڪان سنسڪرتيءَ جي ڄاڻ ملي ٿي.

### ٣. وگيان ميوزيم :

وگيان ميوزيم ۾ وگيان جا تجربا، ماڊل، مشينون، انترال، شڪتي انهن جي ڄاڻ ڏيندڙ شيون هونديون آهن. انهن سبب وگيان سؤلي ڀاشا ۾ سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي.

### ۴. پرياورڻ ميوزيم :

پرياورڻ ميوزيم ۾ نباتات، ٻج، جهنگل ، پاڻي، پراڻي، پکي، پردوشڻ بابت ڄاڻ هوندي آهي. ان سبب قدرتي ماهرن کي سڌاري پرياورڻ جي ڄاڻ قدر ٿئي ٿو.

### ۵. سنسڪرتڪ ميوزيم :

سنسڪرتڪ ميوزيم ۾ ڏڻ، پرمپرا، لوڪ جيون، ڪپڙا، زيور، ڪاڏي جون شيون، ٻولي، ڀاشا بابت لکت شيون شامل ڪن ٿيون. انهن سان عوام جي سنسڪرتيءَ جو درشن ٿئي ٿو.

### ٦. تڪنيڪي ميوزيم :

تڪنيڪي ميوزيم ۾ ڪامپيوٽر، موبائيل، روبوٽ، ڊرون، ڊجيٽل ساڌن انهن جي ڄاڻ هوندي آهي. انهن سبب تڪنيڪي گيان سان دوستي ٿئي ٿي.

### ٧. ڳوٺاڻي جيون بابت ميوزيم :

ڳوٺاڻي جيون جو ميوزيم معنيٰ پرگتيءَ جا اوزار، ٻيل گاڏي، برتن، ڳوٺاڻو جيون انهن کي گڏ رکيل ، ان مان ڳوٺاڻي جيون جي ڄاڻ ملي ٿي.

### ٨. شهري جيون ميوزيم :

شهري جيون ۾ ميوزيم عمارتون، ڪارخانا، جديد آمدرفت جا وسيلا، مهانگر پالڪا وغيره بابت ڄاڻ ملي ٿي. ان سبب شهري جيون جي ڄاڻ ملي ٿي.

### ٩. اسڪولي ميوزيم :

اسڪولي ميوزيم ۾ (اسڪول ۾ تيار ڪيل) جدا جدا وشين سان لاڳاپي شيون شامل هونديون آهن. انهن ۾ شاگرد، ماسترن جي گڏ ڪيل هٿ جون لکيل شيون، لِپيءَ جا نمونا، دفتر شامل ٿين ٿا.

## ميوزيم جا قسم



۵.۲ (الف) اتهاسڪ ميوزيم



۵.۲ (ب) ڪلا ميوزيم




۵.۲ (پ) وگيان ميوزيم



۵.۲ (ڀ) پرياورڻ ميوزيم



۵.۲ (ت) سنسڪرتي ميوزيم



۵.۲ (ٿ) تڪنيڪي ميوزيم



۵.۲ (ٽ) ڳوٺاڻي جيون بابت ميوزيم



۵.۲ (ٺ) شهري جيون بابت ميوزيم

ميوزيم ديش جي ۽ دنيا جي جدا جدا علائقن جي ماڻهن جي اُن وقت سنسڪرتي ۽ ڪمن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا. ساڳئي وقت اُهي ڪلا، پرمپرا، واستو ڪلا، (گهر اَڏاوت ڪلا) وگيان سان لاڳاپو رکندڙ ڪلا جي نمائش ڪن ٿا.

## اَڀياس

**سوال ١ : شڪل پوري ڪريو:**

ٻوناٽي جيون بابت
ميوزيم ۾ ملندڙ چاڪ

**سوال ٢ : هيٺ ڏنل شيون ڪهڙي ميوزيم ۾ شامل ڪري سگهبيون؟**

شيون : زيور، ريڊيو ، برتن، چتر، وڻن جا ٻج، ڪامپيوٽر، دوربيني، آمدرفت جا وسيلا، پئنٽنگ، ڌرتيءَ جو گولو، هٿ جي ڪلا جون شيون، کيتيءَ جا اوزار

| شيءَ | ميوزيم جو قسم |
|---|---|
| زيور | سنسڪرتڪ ميوزيم |
| | |
| | |
| | |
| | |
| | |
| | |
| | |
| | |
| | |
| | |
| | |

# مهاراشٽر جي مکيہ وَستو ميوزيم جي لسٽ

مهاراشٽر ۾ ممبئي، پڻي، ڇترپتي سنڀاجي نگر، ناگپور وغيره شهرن ۾ اتهاسڪ، ڪلاتمڪ، سنسڪرتڪ ميوزيم آهن. مثال: ڇترپتي شواجي مهاراج وَستو سنگهراليہ (ممبئي)، راجا دنڪر ڪيلڪر سنگهراليہ (پڻي)، سونيري محل (ڇترپتي سنڀاجي نگر) ۽ تير سنگهراليہ (ڏارا شِوَ) اهي مهاراشٽرا جا ڪجهہ مکيہ ميوزيم آهن.

مهاراشٽرا جا مکيہ وستو ميوزيم (شهري ۽ ڳوٺاڻا ۽ انهن جون خاصيتون

☐ ممبئي :

- ڇترپتي شواجي مهاراج وَستو سنگهراليہ جهونو پرنس آف ويلس ميوزيم) - ڪلا شيون
- ڊاڪٽر ڀائو داجي لاڙ وَستو سنگهراليہ - راڻيءَ جو باغ، ممبئيءَ جو اتهاس.
- رزرو بئنڪ جو آر.بي آيہ مانيٽري ميوزيم(فورٽ) - سڪن جو اتهاس

☐ پڻي :

- راجا دنڪر ڪيلڪر سنگهراليہ - اتهاسڪ ۽ شخصي ميوزيم
- جوشي ميوزيم آف منيئچر ريلويز (ڪوٿروڊ) ننڍا ريل ماڊل

☐ ڇترپتي سنڀاجي نگر :

- سونيري محل (ڊاڪٽر بابا صاحب اَمبيڊڪر) مراٺواڙا وديا پيٺ پريسر) اڳوڻي زماني ۾ پتين تي سون جا تهہ چڙهيل هئڻ ڪري سونيري محل، پراچين مورتيون، سِڪا، اتهاسڪ هٿيار وغيره.

☐ ناگپور :

- ناگپور جو عجب بنگلو - پراچين مورتيون، فاسل، قدرتي اتهاس

☐ ٻيا مهتوَ جا ميوزيم :

- تير ميوزيم : (ڌارا شِوَ) پراچين تير ڳوٺ جون جهونيون شيون
- پئٺڻ ميوزيم : پئٺڻ جون ساڙهيون ۽ سنسڪرتڪ شيون
- سند کيڙ راجا سنگهراليہ (بلڊاڻا) - جيجائوءَ جو اتهاس



ڄاڻ آهي ڇا؟ ڇترپتي شواجي مهاراج وَستو سنگهراليہ (ممبئي)

- ميوزيم آن وهيل: ڇترپتي شواجي مهاراج وَستو سنگهراليہ جي ڦرندڙ بس، ڳوٺن جي ايراضين ۾ وڃي نمائش ڪري ٿي.

## ڇترپتي شواجي مهاراج وَستو سنگهراليہ:

ڏکڻ ممبئيءِ ۾ گيٽ وي آف انڊيا جي ويجهو، ڇترپتي شواجي مهاراج وَستو سنگهراليہ (CSMVS) هي فقط مهاراشٽر جو نہ پر ڀارت جو هڪ مهتو جو سنسڪرتڪ مرڪز آهي. تنهن ڪري مهاراشٽر جي وستو ميوزيم بابت آسان وستار سان ڄاڻي وٺڻ وارا آهيو.



۵.۳ ڇترپتي شيواجي مهاراج وستو سنگهراليہ

### ۱.اتهاسڪ ورثو:

**برپا :** هن ميوزيم جو پايو ۱۹۰۵ ۾وڌو ويو ۽ اهو ۱۰ جنوري ۱۹۲۲ تي ماڻهن جي لاءِ کوليو ويو

جهونو نالو: اِهو پهريائين پرنس آف ويلس ميوزيم آف ويسٽرن انڊيا نالي مشهور هو. ۱۹۹۸ ۾ان جو نالو بدلائي ڇترپتي شواجي مهاراج وَستو سنگهراليہ رکيو ويو.

**واپر :** پهرين مهاڀاري لڙائيءِ وقت هن عمارت جو اُپيوگ سينا جي اسپتال جي روپ ۾ ڪيو ويو.

### ۲.وستو ڪلا :

**شئلي :** اهو ميوزيم اِنڊو ساراسينڪ آرڪيسٽچرل اسٽائيل شئلي (ڪلا) جو بهترين نمونو آهي. هن ۾جدا جدا وستاپتيہ ڪلائن جو سندر سنگم ڏسڻ لاءِ ملي ٿو

### ۳. ميوزيم جا مکيہ ڀاڱا : (Gallaries)

هتي لڳ ڀڳ ۴۰۰۰۰ کان وڌيڪ ڪلا جون شيون آهن. جن کي ميکہ طور ڇئن ڀاڱن ۾ورهايو ويو آهي.

- پُراتن وڀاڳ : سنڌو سنسڪرتيءِ جو (هڙپا ۽ موهن جو دڙو) مٽيءِ جا برتن، زيور ۽ مؤريہ - گُپت عرصي جون پراچين مورتيون ۽ پٿرن تي ليک
- ڪلا وڀاڳ : ڀارت جا ننڍا ڪيل، پوشاڪ ۽ هاٿيءِ جي ڏندن جا زيور ۽ مؤريہ - گُپت عرصي جون پراچين مورتيون ۽ پٿرن تي ليک
- قدرتي اتهاس : جدا جدا قسمن جا جانور، پکي (گاهہ پريل)، ريڙهيون پائيندڙ جانورن جا بچيل حصا سنڀالي رکيل.
- هٿيار وڀاڳ هتي ڇترپتي شواجي مهاراج ؑجي عرصي جا شخصي هٿيار ڏسڻ لاءِ ملن ٿا.

* اِنڊو ساراسينڪ آرڪيسٽچرل اسٽائيل : برٽش ڪال ۾ڀارت ۾واڌارو ڪيل هيءِ هڪ نرالي وستوَ ڪلا نمونو . ان نموني جو استعمال پبلڪ عمارتن، ريلوي اسٽيشن، راجواڙن ۽ سرڪاري آفيسن جي لاءِ ڪيو . اَهڙيون ٻين آرڪيسٽچرل اسٽائيل بابت وڌيڪ ڄاڻي وٺو.

### ۴.شاگردن جي لاءِ خاص ڪشش : ٻارن جو ميوزيم :

هتي خاص ننڍن ٻارن جي لاءِ ممبئيءِ جو پهريون آزاد ميوزيم برپا ڪيو ويو آهي. اتي ٻارن جي ويچار / سوچ شڪتيءِ کي موقعو ملي اهڙن جدا جدا مشغولين جي رٿا ڪئي ويجي ٿي.

## اَڀياس

سوال ١ : شڪل پوري ڪريو:

هٿيار وڀاڳ

ميوزيم جو مکيه وڀاڳ

سوال ٢ : ﭘڌايو مان ڪٿي آهيان؟

١. سونيري محل : ______

٢.راڻيءَ جو باغ : ______

٣.ﭘئنٽي ساڙهي : ______

سوال ٣: توهان گهمي آيل وستو ميوزيم بابت چاڙ لکو.

سوال ۴: وستو ميوزيم جو اسان کي ڪهڙو اُپيوگ ٿئي ٿو؟

## مشغولي: ١ اسڪولي شين جو ميوزيم تيار ڪرڻ

اسڪولي شين جو ميوزيم معنيٰ هڪ مقرر جڳهه جتي جدا جدا پراچين، شيون، چتر، ماڊل ۽ ڄاڻ انهن شين کي گڏ ڪري رکيو وڃي ٿو. انهن شين جي ذريعي اتهاس، سنسڪرتي، وگيان ۽ سماج جيون سمجهي وٺڻ ۾ مدد ٿئي ٿي. اها شاگردن جي مشغولي هئڻ سبب ان لاءِ وڏيڪ خرچ نه اچي ۽ اُهو شاگردن جي سمجهه کان ٻاهر نه وڃي ان جو خيال رکو. شاگردن پنهنجي گهر مان، سڳاڻن ماڻهن وٽان جهونيون اتهاسڪ ۽ ٻين قسمن جون خاص شيون انهن کان وينتي ڪري گهري آڻيو يا انهن جا فوٽو ڪڍائي آڻيو.



٥.۴ اِسڪول جو وستو سنگهراليه

### مشغوليءَ کان اڳ شروعاتي تياري:

١.گهر ۽ آس پاس جي ماحول کي ڌيان سان ڏسو.

٢.جهونيون، خاص مزيدار ۽ وڻندڙ گهٽ ۾ گهٽ ٥ ڪلا ڪرتين جي لسٽ ٺاهيو.

مثال: جهونا سِڪا، نوٽ، برتن، فون ڪيتون، پٽرن تي ليک، پتلا، ٽيپ رڪارڊ، هٿ سان لکيل ليک، جهونيون شيون، پُراڻا ڪتاب، روايتي ڪپڙا وغيره.

٣.ممڪن هجي ته جهونين شين بابت ڄاڻ حاصل ڪريو.

### مشغوليءَ جو مَهتوَ:

- ☐ ميوزم معنيٰ ڇا اهو سمجهي ٿو.
- ☐ ميوزم جون جدا جدا شيون سڃاڻي سگهجن ٿيون.
- ☐ پراچين شين جا اُپيوگ ڪهڙا هئا اهو سمجهي ٿو
- ☐ ڳوٺ ۽ شهر جي جيون ۾ فرق سمجهي ٿو.
- ☐ پنهنجي ڪلاس ۾ ننڍو ميوزيم تيار ڪري سگهجي ٿو.
- ☐ ڄاڻ جو بورڊ ۽ ڄاڻ جو ڪارڊ لکي سگهجي ٿو.
- ☐ دوستن ۽ مهمانن کي شين بابت ڄاڻ ڏيئي سگهجي ٿي.
- ☐ گروهن ۾ ڪم ڪرڻ جو آزمودو ملي ٿو.
- ☐ آتم وشواس وڌي ٿو.

## گهربل سامان ۽ ساڌن :

مڪاني سطح تي. آس پاس ۾ موجود جهونين خاصيت وارين شيون، چتر، مورتيون يا انهن جا فوٽو، خالي دٻا، ڊسپلي باڪس، ڪئنچي، ڪؤنر، رنگين پنا، مارڪر، اسڪيچ پين، شيون يا تصويرون صاف ڪرڻ لاءِ برش ۽ ڪپڙو، نمائش لاءِ سامان ۽ اوزار، ڪامپيوٽر، موبائيل، پروجيڪٽر.

## سلامتيءَ بابت مکيه سوچنائون:

اَسان جو ورثو ايمان ۽ سنمان جو ذريعو آهي. ان جي سنڀال ڪرڻ اهو سڀني جو فرض آهي. ڪلا جي شين جي سنڀال ڪرڻ گهرجي. ۽ ڪوبه نقصان نه ٿئي. اُهي خيال سان سنڀالي ڪٽي رکو. ميوزيم ۾ وڃڻ وقت ڪلا جي شين کي نه ڇهو. نه ڪٽو، ڇاڪاڻ ته ايهي نازڪ شين مان ٺهيل هونديون آهن.

مهرباني ڪري ميوزيم ۾ سوچنا بورڊ تي لکيل سڀني سوچنائن تي عمل ڪريو.




۵.۵ سوچنا بورڊ

## مشغوليءَ کان اڳ ضروري ڳالهيون

گهر ۽ آس پاس کي ڌيان سان ڏسو. ، جهونيون، مزيدار ۽ وڻندڙ گهٽ ۾ گهٽ ۵ ڪلا جون شيون ڪٺو. مثال طور : جهونا سِڪا، ٽيليفون، برتن، اسٽئمپ، لڪڙيءَ تي اُڪريل ڊزائين، فرنيچر، پٿرن تي ڪوريل ڪم، پٿرن تي مڪيل ليک، غفائون يا عمارتن جي پٿرن تي يا پنين تي ڪوريل هٿ سان لکيل ليک، ڏارمڪ هٿ سان لکيل ليک، پتلا، ريڊيو ، گراموفون، ڪئميرا، چشما، ڪاٺيون، پُراڻا ڪتاب

مشغولي - ٢ : ڪيتر ملاقات

## ڪيتر معني ملاقات معني ڇا؟

ڪنهن هنڌ تي وڃي اُتي جي جاگرافيڪل، سنسڪرتڪ،سماجڪ جزن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ ضروري ڳالهيون نوٽ ڪرڻ. ان ڪريا کي ڪيتر ملاقات چئجي ٿو.

## ميوزيم پروجڻ:

ڪنهن ميوزيم پروڃي اَسان کي اسڪولي ميوزيم تيار ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي. جيڪڏهن ميوزيم پروڃڻ ممڪن نہ هجي تہ پنهنجي ميوزيم جي ويب سائيٽ تي وڃي اُتي جي نمائش پڻ ڏئي سگهجي ٿي ڪجھ ميوزيم ۾ ’خيالي نظارا هوندا آهن. اسان اُنهن جو پڻ اُپيوگ ڪري سگهون ٿا.

**نظارا: هڪ ٻئي جي پٺيان هڪ هڪ ڪري نظر ايندڙ درشيہ جا گروهہ يا سلسلا.**

### ١.ملاقات کان اڳ تياري:

- رٿ : ملاقات جو هنڌ، وقت، سفر جو رستو، مقرر ڪرڻ ۽ پالڪن جي اجازت وٺڻ.
- سامان گڏ ڪرڻ : لکڻ لاءِ ڪاپي، پين، پينسل، ماپ پٽي، ڪئميرا ۽ پاڻيءَ جي بوتل وغيرھ
- سوالن جي لسٽ : ميوزيم جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ اڳواٽ سوال تيار ڪرڻ. مثال طور : ’’اهي شيون ڪهڙي عرصي واريون آهن يا انهن جي ديکڀال ڪيئن ڪئي وڃي ٿي؟‘‘

### ٢. جاچ جوچ جا وشيہ :

شاگرد ميوزيم ۾ هينين ڳالهين تي ڌيان ڏين.

- شين جو ورگيڪرڻ : سِڪا، اوزار، برتن، پوشاڪ ۽ چٽرن جا الڳ الڳ وڀاڳ.
- پراچين عرصو : شين جو عرصو ۽ اُهي ڪهڙن ڌاتن مان يا پدارٿن مان ٺهيل آهن.
- سنڀال ۽ ديکڀال: جهونيون شيون خراب نہ ٿين ان لاءِ اُتي ڪهڙا بندوبست ڪيل آهن. (مثال: گرمي پد، روشنيءَ تي ڪنٽرول)

### ٣.قاعدا :

- ماسٽر ۽ مارگ درشڪن جي سوچنائن تي عمل ڪريو.
- ميوزيم ۾ شين کي هٿ نہ لڳايو، اُن سبب اُهي خراب ٿي سگهن ٿيون
- آس پاس ۾ گند ڪچرو نہ ڪريو ۽ شانتي رکو
- اَچانڪ ٿيندڙ حادثن جي حالت ۾ ترت علاج پيٽي ساڻ رکو.

### ٤.رپورٽ لکڻ:

ڪيتر ملاقات کان پوءِ مليل ڄاڻ جي آڌار تي هينين ڳالهين تي رپورٽ (احوال) تيار ڪريو.

- ميوزيم جو نالو، ائڊريس، ملاقات جي تاريخ ۽ وقت
- نظر آيل مکيہ شين جي لسٽ
- ميوزيم جو اتهاسڪ ۽ جاگرافيڪل مهتوَ

- ميوزيم جي عام ڄاڻ
- ممڪن هجي تہ ميوزيم جو فوٽو يا چٽر

### ٦.ڪيتر ملاقات جو روپ

ڪيتر ملاقات اها اتهاس ۽ ڄاگرافيءَ جي اَڀياس جو طريقو آهي. ميوزيم ۾ وڃڻ سان اَسان کي پراچين شين، سِڪن، اؤزارن / هٿيارن ۽ جدا جدا ڪلائن جي جاچ شخصي روپ سان ٿئي ٿي. ان سبب ڪلاس ۾ سيکاريل وشيہ سمجهڻ ۾ مدد ٿئي ٿي.



٥.٦ (الف)



٥.٦ (ب)

**مشغولي - ٣ :** اِسانجو آس پاس، اَسانجو اِتهاس

ٻارو، اَسان پنهنجي ڳوٺ يا شهر جي جهوني بڙ جي وڻ ڏانهن يا ڪنهن پراچين عمارت يا بند علائقي ڏانهن ڪڏهن ڌيان سان ڏٺو آهي؟ اَسان کي لڳندو آهي تہ اِها هڪ فقط پٿرن ۾ مٽيءَ جي عمارت آهي ۽ سچ تہ اُها اِتهاس جي هڪ نشاني آهي.

اِتهاس فقط ڪتاب ۾ هوندڙ راجا - مهاراجا جي ڪهاڻين ۾ نہ هوندو آهي تہ اُهو اسانجي آس پاس جهوني عمارت، گهر ۾ ڏاڏي يا ڏاڏيءَ جي سنڀالي رکيل ٽامي - پتل جي برتنن ۾ ڪنهن پُراڻي کوهہ ۾ پڻ لڪل ٿي سگهي ٿو. جنهن ريت اسان پنهنجو جنم ڏينهن ملهايون ٿا ۽ پنهنجي جنم ڪان وٺي جي ڇاڻ فوٽو ۾ ڏسو ٿا، بلڪل ساڳئي طرح اسانجي پسگردائيءَ جو پڻ هڪ جنم ڏينهن هوندو آهي. ان جو هڪ سفر هوندو آهي.

اسان جي پسگردائيءَ ۾ جهونيون گهٽنائون، اُتان جا جهونا تالا ۽ واقفيت ڏيندڙ ماڻهو جي ڇاڻ ڳولهڻ معنيٰ سچي معنيٰ ۾ پسگردائيءَ جو اَڀياس ڪرڻ آهي.

(الف):اَسانجو آس پاس: اَڄو تہ اَسان پنهنجي آس پاس پسگردائيءَ جو ٿي ننڍو اِتهاس ڪار بڻجي کوجنا ڪيون تہ اَسان جي پسگردائي ڪيئن هئي؟

* مثال پڻي شهر : هي پنهنجي اِتهاسڪ ورثي لاءِ سنسڪرتڪ ووڊتا لاءِ سڃاتو ويندو آهي. تنهن شهر جون اِتهاسڪ ۽ خاصيتون هيٺ اِن نموني ڏنل آهن.

١. اِتهاسڪ خاصيتون :

**پراچين ڪال :** پوني جو بيان اَٺئين صديءَ ۾ راشٽر ڪوٽ راڄ گهراڻي جي ڪال ۾ پُڻڪ يا پُڻيہ وشيہ نالو مليو. پاتاليشور غفائون اهي هن عرصي جو سهڻو واستو ڪلا جو مثال آهن.

**شو ڪالين پُڻي :** ڇترپتي شواجي مهاراج ۽ راجماتا جيجاٻائو هنن پُڻي جي وڪاس کي اڳتي وڌايو. مهارا جو ٻالپڻ اُتي جي لال محل ۾ ويو.

**پيشوي ڪال :** ١٨ صديءَ ۾ پُڻي اِهو مرهٽن جو راڄ ڪاروباري مرڪز بڻيو. ٻاجيراو پيشوي جو ٺهرايل شنيوار واڙا اهو پيشوائن جو شان آهي.

**آزاديءَ جي جنگ :** ڀارتيہ آزاديءَ جي جنگ ۾ پُڻي جو يوگدان وڏو آهي. آغاخان محل، هتي مهاتما گانڌيءَ کي نظر قيد رکيو ويو هئو. لوڪ مانيہ تلڪ، گوپال ڪرشن گوکلي جهڙن سوتنترتا سئنانين جو پُڻي ڪاريہ کيتر هو.

٢. سنسڪرتڪ خاصيتون :

**تعليم جو گهر :** ڪيترين ئي مشهوري تعليمي سنستائن سبب پڻي کي ’اوير جو آڪسفورڊ‘ چيو ويندو هو. ساوتري ٻائي ڦلي پڻي ودیا پيٺ اهو انهن مان هڪ تعليمي مرڪز آهي .

**ڏڻ وار :** سارو جنڪ گڻيش اُتسو جي شروعات لوڪ مانيہ تلڪ پُڻي مان ئي ڪئي. اڄ بہ پُڻي جو گڻيش اُتسو دنيا ڀر ۾ مشهور آهي.

**ڪلا ۽ سنگيت :** پڻي، هندستاني شاستريہ سنگيت جو مهتوَ جو مرڪز آهي. هر سال هتي سوائي گندرو ڀيمسين شاستريہ سنگيت مهوتسوَ ملهايو ويندو آهي.

**سماج سڌارڻ جو مرڪز :** مهاتما جيوتراوَ ڦلي ۽ ساوتري ٻائي ڦلي جي ذريعي استري تعليم ۽ سماج سڌارڻ جي ڪرانتي ڏني. ڀڙي واڙي ۾ ڇوڪرين جو پهريون اسڪول شروع ٿيو. آڪرڪر، ڪروي، جهڙن سماج سڌارڪن هتي ڪم ڪيا آهن.

مهتوَ جا اتهاسڪ استان :

سنڌ ڳڙهه قلعو : ٽاٽاجي مالو سري جي سوڀ جي نشاني .

وشرام باغ واڙا : پيشوا ڪال جو لڪڙيءَ کي ڪوري سهڻو نمونو ٺاهيل

راجا دنڪر ڪيلڪر ميوزيم : درلڀ شين جو خزانو هوندڙ ميوزيم

(ب) پنهنجي ڪٽنب ۽ ايراضيءَ جو اتهاس جاڻي وٺڻ:

پنهنجي ڪٽنب ۽ ڪيتر جو اتهاس معنيٰ اسان جي اَبن ڏاڏن جو ۽ اَسان جتي رهون ٿا ان پسگردائيءَ جو سفر. اَسان جو سنسڪرتڪ ۽ اتهاسڪ ورثو سمجهي وٺڻ لاءِ هينين ڳالهين کي ڌيان ۾ رکو.

۱.ڪٽنب جو اتهاس :

هر هڪ ڪٽنب جو هڪ الڳ اتهاس سفر هوندو آهي. توهان جي ڪٽنب جو اتهاس سمجهي وٺڻ لاءِ هينيون ڳالهيون ڪريو.

- بزرگ ماڻهن سان گفتگو : توهان جي ڏاڏي - ڏاڏيءَ يا وڏن بزرگن سان ڳالهايو. انهن کان سندن ٻالپڻ جون يادون، پراڻي جيون بابت ۽ ڪٽنب جي پرمپرائن بابت پڇو ۽ ڄاڻ وٺو.
- ونش : توهان جي پرڏاڏي کان وٺي اڄ تائين پيڙهيءَ جي نالن جي لسٽ تيار ڪريو. ان سبب توهان کي توهانجي پيڙهين جي ڄاڻ ملندي.
- جهونا ڪاغذ پٽ ۽ شيون: گهر ۾هوندڙ جهونا خط، فٽو، پوشاڪون يا جهونا برتن وغيره جو اَڀياس ڪريو. اهي شيون اُن وقت جي سنسڪرتيءَ بابت ٻڌائين ٿيون.

۲.ڪيتر جو اتهاس :

اَسان جنهن ڳوٺ يا شهر ۾رهون ٿا اُتان جو اتهاس سمجهي وٺڻ ڏاڍو مزيدار ۽ آنند ڏيندڙ هوندو آيو.

- اِتهاسڪ جايون: توهان جي پسگردائيءَ ۾قعلا، پراڻا گرهه،کوهه، واڙا، يا يادگار پتلا ڏسڻ وڃو.
- پسگردائيءَ جو نالو : توهان جي ڳوٺ يا حصي کي اهو خاص نالو ڪيئن پيو، اها ڄاڻ حاصل ڪريو.
- ملاقات : پسگردائيءَ جي جهونن ڄاڻو ماڻهن وٽان اُن علائقي بابت مهتو جا جزا سمجهي وٺو.

اَڀياس

۱.پنهنجي ڳوٺ جون اتهاسڪ ڳالهيون، سنسڪرتڪ خاصتيون جي چرچا ڪريو . پٽ تي لڳندڙ چارٽ تيار ڪريو



۵.۷ ڪٽنب وڻ

۲. توهان جي ڪٽنب جو وڻ تيار ڪريو فوٽو چنبڪايو ۽ پورا نالا لکو

۳. پنهنجي پسگردائيءَ جي ورثي جي جاين جي ڄاڻ حاصل ڪريو. پٽ تي لڳندڙ چارٽ تيار ڪريو/ چتر حاصل ڪريو.

۴. ضلعي جي، تعلقي جي اِتهاسڪ ورثي جي جڳهين تي ماستر يا ڪٽنب جي بزرگ سان گڏ وڃو احوال تيار ڪريو

اِنٽرنيٽ سلامتي : انٽرنيٽ واپرائڻ وقت مدد لاءِ پنهنجي ماسترن جي صلاح وٺو. ساوڌان رهو. ڪجهه به اَپلوڊ يا ڊائونلوڊ نه ڪريو. شخصي ڄاڻ ڪٿي به عوام ۾ جائي تي ڏيکاريو نه. ڌيان ۾ رکو : ميوزيم ۾ وڃڻ وقت ميوزيم جي رچنا ۽ سيني ڳالهين جو ڌيان رکي جاچ جوچ ڪريو. ڄاڻ وارو بورڊ خيال سان پڙهو. ممڪن ٿئي ته پنهنجي جاچ تي ميوزيم جي ماهر ماڻهوءَ سان چرچا ڪري سوال پڇو.

ڪلا سڃاڻو ۽ ان بابت تڪنيڪ گيان جي ذريعي ڄاڻي وٺو.

### گوگل لينس واپرائڻ :



گوگل لينس جهڙو هترادو ذهانت ساڌن واپرائي شين، پٽلن يا لئنڊ مارڪ جي باري ۾ ڄاڻ ڳولهي سگهو ٿا. گگل لينس ڪم آڻي ڪلا اتهاسڪ عمارتن يا مشهور هندن بابت ڄاڻ سمجهي سگهجي ٿي.

(ميوزيم جي خيالي سئرن سان لاڳاپي يا جهونا سڪا ۽ نوٽ جي باري ۾ گيان حاصل ڪرڻ لاءِ بيون به ڪيتريون ئي ائپس واپرائي سگهجن ٿيون.)

ميوزيم ۾ نمائش لاءِ هڪ شيءِ چونڊڻ :

١. ان شيءِ جي اتهاس ۽ وڪاس جو سفر معنيٰ هڪ عرصي جي ليڪ تيار ڪريو.

٢. اُها شيءِ ڪهڙي عرصي ۾ واپرائي ويندي هئي.
ءِ اڄان به اها واپرائي وڃي ٿي ته اُها
ڪهڙي ڪم لاءِ واپرائي وڃي ٿي، اها ڳالهه شامل ڪريو

٣. ان لاءِ مهتو جون گهٽنائون پڻ نوٽ ڪري سگهو ٿا.
مثال ڏاڏي- ڏاڏيءَ ڪنهن موقعي تي گفٽ روپ ۾ آندي هئي ۽ اها ڳوٺ جي پهرين شيءِ هئي.



٥.٨ جهون ريڊيو

(مثال: هڪ جهونو ريڊيو يا ڪئميرا)

خيالي ميوزيم سئر :

ڀارت سرڪار جي سانسڪرتڪ منتراليه جي نيٽ ورڪ تي آسان ڀارتيه ميوزيم جو خيالي سئر وٺي سگهو ٿا. آسان Ministry of culture + virtual museumts جهڙي ڪي ورڊ جي کوج ڪري سگهو ٿا. ڀارت سرڪار جي سانسڪرتڪ منتراليه جي دواران هلندڙ ويب سائيٽ تي شڪل ڏيکاريل آهي. ميوزيم جي سانڊيل شين جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ ڳولهڻ لاءِ گوگل لينس يا ڪو آپٽيڪل ڪريڪٽر ريڪگنيشن (و.سي.آر) ساڌن واپرايو.

**اَڀياس:**

سول ۱: شڪل ۾ ڏنل ڪلا, گوگل لينس ڪم آڻي سڃاڻو ۽ هيٺين ٽِپن جي آڌار تي ڄاڻ ڏيو.



۱.ڪلا جو نالو :

۲.هنڌ :

۳.ريت :

۴.وشيه :

**سوال ۲: سڃاڻو ما ڪير؟**

۱. مان روشنيءَ ڏيڻ لاءِ ڪم ايندڙ جهوني شيءَ آهيان. مون کي جلائو پدارٿ جي روپ ۾ گاسليٽ گهرجي. وٽ لڳائي مونکي ٻاريو ويجي ٿو. ------------------------------------

۲. مان رسوئي ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ جهوني شيءَ آهيان. مونکي جلائو پدارٿ جي روپ ۾ سڪل ڇيڻو, ڪاٺيون گهرجن. ------------------------------------

۳. مان اَناج پيهڻ لاءِ ڪم ايندڙ جهونو ساڌن آهيان.
مان ٻن گول پٿرن جي ٺهيل آهيان. ------------------------------------------------------

سوال ۳ : گوگل لينس ڪم آڻي پنهنجي آس پاس پراچين عمارتن جو اتهاس سمجهي وٺو.

## مشغولي ۴: ميوزيم جي لاءِ ڪلا جي شين جي چونڊ ۽ انهن جو مهتوَ .

اسڪولي سطح تي جڏهن ڪنهن ميوزيم جو اَسان ويچار ڪريون ٿا تہ ان ۾ ڪهڙيون شيون هئڻ گهرجن. اهو مقرر ڪرڻ ڏاڍو مهتو ۽ جوابداريءَ جو ڪم هوندو آهي. ميوزيم جي شيءِ جي چونڊ ڪرڻ وقت اَسان اُهي فقط سٺيون نظر اَچن ٿيون. ان لاءِ چونڊي نٿا سگهون. ان شيءِ جون خاصيتون خبر هئڻ ضروري آهن.

جنهن وقت شاگردن جو ڪو گروهہ ميوزيم جي لاءِ پنجن شين جي چونڊ ڪندا. اُن وقت اُهي شيون اهڙيون هئڻ جن مان ڪجهہ تہ بہ سکڻ لاءِ ملندو يا جيڪي اسانجي سنسڪرتيءَ بابت ڄاڻ ڏينديون.

مثال: جيڪڏهن اَسان ڪو جهونو ٽامي جو برتن چونڊيو تہ اُهو اسان جي اَبن ڏاڏن جي جيون بابت ڄاڻ ڏئي ٿو. ڪا هٿ جي چٽرڪاري يا چٽر چونڊيو تہ ان مان تنهن عرصي جي ڪلا ۽ ڪاراگري سمجهي ٿي. شيءِ چونڊڻ وقت اُها ڪيترِي جهوني آهي. اُها ڇا مان ٺهيل آهي. ان جي اڄ جي زماني ۾ اهميت ڪهڙي آهي. انهن ڳالهين تي گڏ ڪم ڪندڙن سان چرچا ڪرڻ ضروري آهي.

هرهڪ شيءِ جي چونڊ ڪرڻ ڪان پوءِ ان سان گڏ سمجهاڻي ڏيڻ اهو ڏاڪو تمام ضروري آهي. سمجهاڻيءَ سبب ڏسڻ واري کي ان شيءِ جو حوالو سمجهي ٿو. ان ۾ اها شيءِ ڪٿان آئي؟ ان جو نالو ڇا؟ اها ميوزيم ۾ رکڻ جو ڪارڻ. اها سڀ ڄاڻ سؤلي پاشا ۾ گهرجي. صحيح رٿا ۽ وقت تي ڪيل چونڊ سبب هڪ عام ميوزيم، سنو ڄاڻ جو مرڪز بڻجي سگهي ٿو. ان سبب اسان کي پنهنجي ورثي جو ايمان محسوس ٿئي ٿو.

**ميوزيم جي لاءِ ڪلاڪرتيءَ جي چونڊ :** گروپ ۾ ڪلاڪارتيءَ جي چونڊ لاءِ شاگردن جا گروهہ تيار ڪريو. گروهہ ۾ شيون چونڊيو. ساٿين سان گڏ نمائش جي لاءِ شيون جو سيٽ تيار ڪريو. ڏيان ۾ رکو تہ شيون توهان کي خيال سان چونڊڻيون آهن ۽ چونڊڻ جا ڪارڻ سمجهاڻيءَ جي روپ ۾ ڏيڻا آهن.




۵.۹ جهونا سِڪا

سڀ ڪلاڪرتي مهتوَ جون آهن. چونڊيل سيني ڪلاڪرتين کي آخرين نمائش ۾ شامل نہ ڪري سگهيا هجو تہ مڪاني اتهاس ۽ سنسڪرتيءَ جي باري ۾ ڪجهہ اَملهہ ڳالهيون سکون ٿا.

جهونو موبائيل فون




موبائيل فون جو سفر، تڪنيڪي دنيا جي تبديلين جو هڪ وڏو چمتڪار آهي. شروعات ۾ اِهي فون فقط گفتگو لاءِ ڪم ايندا هئا.

۵.۱۰ (ب)

ريلوي جو جهونو فانوس



پراڻي زماني ۾ گارڊ يا اِسٽيشن ماسٽر جي هٿ ۾ هڪ فانوس هوندو هو. ريل گاڏي بيهارڻ لاءِ يا اَڳتي وڃڻ جي سوچنا ڏيڻ لاءِ ڪم آندو ويندو هو.

۵.۱۰ (الف)

جهونو پاڻي گرم ڪرڻ جو پيپ



بجليءَ جي گيجر کان اڳ ٽامي مان ۽ پتل مان ٺهيل هڪ ڊگهو، سيلنڊر جي آڪار جو ڊرم، پاڻي گرم ڪرڻ لاءِ ڪم آڻيندا هئا

۵.۱۰ (پ)

۱۹۵۰ جي ڪئميرا



۱۹۵۰ ۾ ميمري ڪارڊ نه هوندو هو. ڪئميرا ۾ فلم رول ڪم ايندو هو.

۵.۱۰ (ب)

۵.۱۰

## اَپياس:

سول ١ : خاڪو پورو ڪريو:

ڪلاڪرتيءَ جي چونڊ وقت
خيال ۾ رکڻ جوڳيون ڳالهيون

سوال ٢: هيٺيئن شيءِ سڃاڻو ۽ ان جو اُپيوگ لکو.








مشغولي: جهونيون ٽڪيٽون، سِڪا، پوسٽ ڪارڊ، گڏ ڪريو ۽ چاڙ پڙ ڪني ڪريو.

## مشغولي ۵: ڪلاڪرتين جي صاف صفائي ۽ سلامتي

اسڪولي ميوزيم ۾ رکيل ڪلاڪرتيون ۽ شيون اَسان جي زمان ماضيءَ ۽ سنسڪرتيءَ جي سڃاڻپ ڪري ڏين ٿا. اُن سبب اهي شيون صاف ۽ محفوظ رکڻ ضروري آهن. صحيح سنڀال ڪئي ته شيون وڌيڪ وقت ٽِڪن ٿيون ۽ انهن مان ڪيتريون ئي ٻالهيون سمجهي سگهجن ٿيون.

شيون صاف ڪرڻ وقت خبرداري وٺڻ ضروري آهي. متي جمع نه ٿئي. ان لاءِ نرم ملايم ڪپڙي سان هٿ سان صاف ڪريو. ٿاڪائو شيون صاف ڪرڻ لاءِ وڌيڪ زور نه لڳايو. ڪجهه شين کي پاڻي ۽ ڪيميائي پدارٿ کم نه آڻيو.
ميوزيم ۾ شيون ٺاهي رکڻ جي ريت صحيح نموني جي هئڻ گهرجي. هر هڪ شيءِ کي مناسب جڳهه ڏيڻ سان، ڏسڻ لاءِ سؤلو کم ٿئي ٿو ۽ انهن جو بچاءُ پڻ سٺي نموني ڪري سگهجي ٿو. ٽٽڻ جو امڪان هوندڙ شيون يا ٿاڪائو شيون سلامتيءَ واري جاءِ تي رکڻ ضروري آهي.
ميوزيم جي شين جي ديک ڀال ڪرڻ سان اُهي سلامت رهن ٿيون. اهڙين شين مان اسان کي اتهاس، پرمپرا ۽ سنسڪرتيءَ جي ڄاڻ ملي ٿي. تنهن ڪري صفائي ۽ حفاظت اهي ٻئي ٻالهيون ميوزيم جي لاءِ تمام اهميت واريون آهن.
مثال: ٿامي، پتل جون شيون ڌوئي صاف ڪرڻ ضروري آهن. لڪڙيءَ مان ٺهيل شين جي مٿان ڳڌ ٿيل متي صاف ڪرڻ لاءِ نرم برش کم آڻيو. ڪپڙي جي ڪلاڪرتي هجي ته سلامتيءَ واري جاءِ تي ٽنگي لڪڻ گهرجن.
انهن کي تيزڌار وارين شين ۽ نهن ڪان پري رکڻ گهرجي. تصويرون هجن ته مناسب سائيز جي پاڪيٽن ۾ رکو. اُهي مُڙي نه ويندون يا ڦاٽنديون نه.



۵.۱۱
پتل جي جهوني شيءِ



۵.۱۲
هٿ جو ٺهيل پنکو
جيڪو وري واپريل اُن ۽ ڪپڙي مان ٺاهيو ويو آهي.

### اَڀياس:

ائين چو ڪرڻ گهرجي ؟ ٻڌايو

- ميوزيم جون شيون صاف ڪرڻ لاءِ برش ۽ ملايم ڪپڙو کم آڻيو.
- ميوزيم ۾ شيون صحيح ڍنگ سان صاف ڪريو.
- ميوزيم جون شيون صاف ۽ محفوظ رکو.

LO : 2, 3, 4, 5, 6, 7, 8, 9, 10, 11, 12, 13, 14, 15, 18, 19, 20, 21, 22, 23

## جهونا ڪاغذ پڙهڻ يا ترجمو ڪرڻ:



۵.۱۳ جهونو دستاويز

هٽرادو ذهانت (AI) تي آڌار رکندڙ ساڌن جهڙوڪ گگل لينس، مائڪرو سافٽ آفيس لينس، ائڊوب اسڪن ۽ ٽيڪسٽ ڦيري چٽريا تصويرن مان بيان پڙهڻ لاءِ آپٽيڪل ڪريڪٽر ريڪگنائيزيشن ٽڪنيڪ جو واپر ڪندا. اُن جو اُپيوگ جهونا دستاويز پڙهڻ لاءِ ڪري سگهجي ٿو يا توهان کي سمجھ ۾ ايندڙ ڀاشا ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ ڪري سگهجي ٿو.اهي توهان کي ميوزيم ۾ شين کي جهونا دستاويز جوڙڻ جي لاءِ مدد ڪندا. ان لاءِ هينين ڏاڪن جو استعمال ڪريو.

۱.سمارٽ فون تي گگل ائپ ڊائون لوڊ ڪري کوليو

۲.سرچ بار ۾ گگل لينس آئڪان ڳولهيو ۽ ان تي ڪلڪ ڪريو. گگل لينس کلندو.

۳.جيڪا ڄاڻ پڙهڻي آهي ان بيان جو فوٽو ڪڍو. ان لاءِ بيان صاف ۽ چڱيءَ طرح نظر ايندو ان جو خيال رکو. گهربل حصو چونڊڻ لاءِ نظر ايندڙ هاءِ لائيٽرس ڪم آڻيو.

۴.توهان جي ضرورت انوسار ڪم ڪريو.

- ☐ **پڙهڻ لاءِ:** گگل لينس پنهنجو پاڻ هلڻ جي طريقي ليک ڳولهي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ اهو توهان کي اسڪرين تي ڏيکاريندو. ان ڪري لکيل ليک يا ڄاڻ سؤلائيءَ سان سمجهي سگهجي.
- ☐ **ليک Copy ڪاپي ڪرڻ لاءِ:** چونڊيل ليک Select ڪري Copy تي ڪِلڪ ڪريو. ليک توهان جي ڪِلپ بورڊ تي ڪاپي ٿيندو. پوءِ توهان اُهو ٻئي ائپ ۾ موڪلي سگهو ٿا.
- ☐ **ترجمو ڪرڻ لاءِ :** اسڪرين جي تري وٽ ’ٽرانسليٽ‘ ڳولهيو. ان تي ڪِلڪ ڪريو. ڀاشا چونڊيو. گگل لينس ترجمو ڪيل ليک ڏيکاريندو.



۵.۱۴ موبائيل ڪم آڻي ليک/ بيان پڙهندڙ فوٽو

### ڄاڻ آهي ڇا؟

**Text Fairy :** ليک يا بيان اِسڪئن ۽ ايڊٽ ڪرڻ لاءِ ائپ آهي. ان لاءِ انٽرنيٽ ضروري نه آهي.

## مشغولي ٦: ڪلاڪرتي جي آڏار تي پيش ڪرڻ

هر هڪ ڪلاڪرتي جي پنيان هڪ ڪهاڻي يا اتهاس هوندو آهي. اهو ميوزيم ۾ ايندڙ هرهڪ ماڻهوءَ کي پيش ڪرڻ ضروري آهي. ان لاءِ آسان ڪلاڪرتيءَ جي باري ۾ ڏند ڪٿا ڳولهيو يا ڪٿا تيار ڪريو. ان لاءِ هڪ ويڊيو تيار ڪري سگهجي ٿو. (خاص طور : اسان اسڪول ۾ نٿا آڻي سگهون. اهڙين شين جي اتهاس جي باري ۾ پڙدائيندڙ هڪ ملاقات) يا سلائيڊ وسيلي ڏيکاري سگهجي ٿي. ڪلاڪرتيءَ جو ورڻن ڪندڙ چارٽ رنگين پين ڪم آڻي تيار ڪريو.



### خود جي بيان ڏيڻ جو ترجمو ڪرڻ

جدا جدا هترادو ذهانت (AI) تي آڌار رکندڙ ساڌن ٻين ٻاشائن ۾ آواز نمائش ڪرڻ لاءِ واپرائي سگهجن ٿا. مثال: ڀاشڻ جو انوواد (ترجمو) ۽ گگل ٽرانسليٽ)

ڀاشڻ انوواد : ڀاشڻ انوواد (ترجمو) اِهو هترادو ذهانت (AI) ساڌنن جو هڪ سيٽ آهي. اهو ڳالهايل لفظ هڪ ڀاشا مان ٻئي ڀاشا ۾ترجمو ڪري سگهي ٿو. ان سبب پارٽيہ ڀاشائن ۾ ترجمو، لپي بدلي ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو. اِن لاءِ پارٽيہ ڀاشا ۾ گفتگو، ليک لکڻ، جاچ حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي.

گگل ٽرانسليٽ : گگل ٽرانسليٽ ا هو هترادو ذهانت (AI) تي آڌار رکندڙ ساڌن آهي. ان ۾ فقط جملا ۽ ويب صفحي انهن جو انگريزيءَ مان ١٠٠ کان وڌيڪ ڀاشائن ۾ ترجمو ڪري ٿو.

### خود جي ڀاشڻ جو ترجمو ڪرڻ

| ڀاشڻي ترجمو | گگل ٽرانسليٽ |
|---|---|
| ريت ١.ڀاشڻيءَ ۾ داخل ٿيو. | ريت ١.گگل ٽرانسليٽ ۾ وڃو. |
| پنهنجي ڪامپيوٽر يا ٽئبليٽ تي ويب برائوزر کوليو. سرچ بار ۾ ڀاشڻي ٽائيپ ڪريو. اينٽر دٻايو. تول ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڀاشڻي ويب سائيٽ لنڪ تي ڪِلڪ ڪريو. | پنهنجي ڪامپيوٽر يا ٽئبليٽ تي ويب برائوزر کوليو. سرچ بار ۾ گگل ٽرانسليٽ ٽائيپ ڪريو ۽ اينٽر دٻايو. تول ۾ داخل ٿيڻ لاءِ گگل ٽرانسليٽ ويب سائيٽ لنڪ تي ڪِلڪ ڪريو. |
| ريت ٢.پنهنجي ڀاشا چونڊيو. | ريت ٢:پنهنجي ڀاشا چونڊيو. |
| اهڙو وياپڪ ڳولهيو، جيڪو اسان کي ڀاشا چونڊڻ لاءِ موقعو ڏيندو. توهان گهربل ڀاشا چونڊيو | ڀاشڻيءَ وانگر ئي پنهنجي گهربل ڀاشا چونڊيو |

### ريت ٣. پنهنجو بيان داخل ڪريو.

اهڙي جاءِ ڳولهيو جتي توهان پنهنجو جملو لکي يا ڳالهائي سگهو. جيڪڏهن توهان کي ٽائيپنگ سؤلي لڳندي هجي ته کي بورڊ جو اُپيوگ ڪريو. توهان کي ڳالهائڻو هجي ته ڊوائيس ۾، مائڪروفون آهي ڇا خاطري ڪريو ۽ مائڪروفون نشاني ڳولهيو.

### ريت ۴. ترجمو ڪريو ۽ پڙهو

پنهنجو بيان داخل ڪرڻ کان پوءِ پاشانتر بٽڻ تي ڪِلڪ ڪريو. توهان وائيس اِن پوٽ واپرائيندا هوندا ته توهان ڳالهايل لفظن تي پرڪريا ڪرڻ لاءِ پاشٽيءَ جو انتظار ڪريو. پوءِ پاشٽي توهان کي ترجمو ڪيل بيان اسڪرين تي ڏيکاريندي.اسپيڪر هجي ته ان نشانيءَ تي ڪِلڪ ڪري ترجمو ڪيل بيان پڙهي سگهو ٿا.

### ريت ۵. تجربو ڪريو ۽ کوج ڪريو

جدا جدا جملا ۽ پاشائون ڪم آڻي ڏسو. جدا جدا حالتن ۾ اهي ڪيئن ڪم ڪن ٿا اهو ڏسڻ لاءِ پاشٽي جو پريوگ ڪريو. پاشا جي لکڻ جو طرف بدلائڻ يا سيٽنگ ملائڻ جهڙيون مؤجود خاصيتون ڳولهيو.

### ريت ٣. پنهنجو ليک\بيان داخل ڪريو.

توهان کي ترجمو ڪرڻو آهي. اُهي جملا ٽائيپ ڪريو يا چئو. وائيس اِن پوٽ جي لاءِ گگل ٽرانسليٽ ۾ مائڪروفون آئڪان پڻ آهي.

### ريت ۴. ترجمو ڪريو ۽ پڙهو

ترجمو ڪيل بيان ڏسڻ لاءِ پاشانتر بٽڻ تي ڪِلڪ ڪريو. اسپيڪر نشانيءَ تي ڪِلڪ ڪري پڻ پڙهي سگهو ٿا.

### ريت ۵. وڌيڪ خاصيتون ڳولهيو

گگل ٽرانسليٽ ۾ پاشڻ موڊ وانگر وڌيڪ خاص فيچر ڏنل آهن. ان سبب توهان اڳتي پوئتي ڪري ترجمو ڪيل ليک پڙهي سگهو ٿا.

### ريت ٦. پرئڪٽس ڪريو ۽ مؤج ڪريو

جملي جي ترجمي ڪرڻ جي پرئڪٽس ڪيو ۽ اهي ساڌن پاشائن جي دنيا ڪيئن کولي سگهن ٿا اهو ڳولهڻ جو مزو وٺو.



### اَڀياس:

**سول ١: ڇا ڪرڻ گهرجي؟**

١.ترجمو ڪرڻو آهي، پر انٽرنيٽ مؤجود ڪونهي.

٢.بيان پڙهڻو آهي پر ان جي پاشا/بيان سمجهه ۾ نٿو اَچي.

٣.ڳولهي ڪڍيل ڄاڻ سانڍي رکڻي آهي

**سوال ٢:گگل لينس جي مدد سان پنهنجي ماتر پاشا ۾ لکيل بيان بيءَ پاشا ۾ ترجمو ڪريو.**

**مشغولي : اتهاسڪ جاين تي وڃي اَچڻ کان پوءِ اُتان جي لپي، هٿ لکيل بيان، انهن جا فوٽو ڪڍو، انهن جو ترجمو ڪريو.**

## مشغولي -۷: ڪلاڪرتين جي نمائش جي رٿا ڪرڻ


۵.۱۳ ڪلاڪرتين جي نمائش

۱. ماسترن جي رهبري ۾ هيٺ دوستن سان پنهنجي اسڪول ۾ ڪلاڪرتين جي نمائش جي رٿ ڏيو.

صحيح تاريخ، وقت مقرر ڪريو. جاءِ وڏي ۽ پوري آهي اُن جي خاطري ڪريو.

۲. توهان جي ڪلاس جي دوستن سان ملي گروهه ٺاهيو ۽ هڪ ميوزيم جي لاءِ ۵ شيون گروهه ۾ آڻڻ جي جوابداري کڻو.

هر هڪ شيءِ جو بيان ٺوري ۾ ڪيئن ڪجي اهو چرچا مان مقرر ڪريو ۽ ان جي باري ۾ چاڻ بورڊ تي لکو.

شيءِ جي ويجهو ليبل کهڙي هنڌ رکيا ويندا اهو چرچا ڪريو (مثال طور : بورڊ تي يا شيءِ جي پاسي ۾ چارٽ لڳائڻ)

۳. ٽيبلون، اسٽئنڊ ۽ بورڊ انهن جي رچنا صحيح طريقي سان ڪريو. شيون سلامتيءِ واري طريقي سان ڪريو.

۴. نمائش جي خبر ڦهلائڻ لاءِ پوسٽر، بورڊ ۽ سوشل ميڊيا ڪم آڻيو

۵. پالڪ، ڪتنب جا ڀاتي، دوست، اسڪول جا اسٽاف ميمبر ۽ گروهه جي ميمبرن کي نيند موڪليو.

۶. مقرر ٽيل انوسار ڪلاڪرتين جي نمائش جي رٿا ڪريو. مهمان، ماستر ۽ شاگرد انهن جا رايا گڏ ڪريو. ڇا سنو ٿيو؟ ڇا سڌارڻ جي ضرورت آهي. اِهو سمجهي وٺو.

نمائش ۾ ڪلاڪارتين جي باري ۾ پنهنجا رايا ڏيڻ لاءِ ايندڙ مهمانن جي لاءِ ڪتاب رکو.



**ٻين وٽان مان ڇا سکيس؟**

- ڪنهن ميوزيم ۾ وڃڻ لاءِ رٿا ٺاهڻ؟
- ميوزيم ۾ ڪلاڪرتي جو سنگرهه ڪيئن ڪجي؟


LO : 2, 3, 4, 5, 6, 7, 8, 9, 10, 11, 12, 16, 17, 18, 19, 20, 21, 22, 23, 24, 25, 26, 27

## ماهرن وٽان سکڻ:

ڪو ماهر ماڻهو يا ميوزيم ۾ ڪندڙ ماڻهوءَ سان چرچا ڪريو. ان مان سکيل گهٽ ۾ گهٽ ٣ ڳالهيون لکو. ڪلاڪرتين تي ٽاڪ شو يا ننڍو کيل ڏسو. تنهن ڪري پراچين وقت جي ماڻهن جو جيون سمجهي وٺڻ ۾ مدد ملندي.



## مان اَڄان ڇا ڪري سگهان ٿو؟

جدا جدا شهرن مان ، ڳوٺن مان پنهنجي رشتيدارن\مائٽن سان پروجيڪٽ بابت چرچا ڪريو. انهن جي گهر ۾ يا آس پاس ۾ ڪجهه خاص ڪلاڪرتيءَ جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪريو. ممڪن ٿئي ته ڪا شيءِ يا فوٽو پنهنجي ڪلاس جي سنگهراليه ۾ ڏاهي رکو.

ويچار ڪريو ۽ جواب ڏيو:

١. توهان کي ڇا ڪرڻ ۾ مزو آيو؟
٢. ڪهڙن للڪارن کي منهن ڏيڻو پيو؟
٣. توهان کي الڳ ڇا ڪرڻ وڻندو؟
٤. سنگهراليه اَسان کي اتهاس ۽ پنهنجو ورثو سمجهڻ ۾ ڪيئن مدد ڪن ٿا؟
٥. پروجيڪٽ سان لاڳاپي نوڪريون ڪهڙيون آهن؟ ماستر، پالڪ انهن سان چرچا ڪريو ۽ پنهنجو جواب لکو. (توهان کيل ڪمن جي لاڳاپي ۾ ڪجهه مثال ينعي پراتن شاستر جا ماهر، اتهاسڪار، سنگهراليه ڪيوريٽر ۽ سئر راهه ڏيکاريندڙ)

پروجيڪٽ جي لاءِ لڳندڙ وقت:

اسڪولي شين جي ميوزيم سنگهراليه جي لاءِ ڄاڻ گڏ ڪرڻ وقت ڪيترو وقت لڳي ٿو اِهو سمجهي وٺڻ ضروري آهي. هڪ ئي جاءِ تي هڪ ڪان وڌيڪ پيرا ورڇو پوي ٿو. هر هڪ ڪريا لاءِ اسان ڪيترو وقت ڏنو. اٽڪل طور وقت جي ڳڻپ ڪريو. اها ريت ۽ وقت هيٺئين ريت نوٽ ڪريو. جيڪڏهن ڪتاب ۾ ڏنل حرڪتن ڪان وڌيڪ حرڪتون ڪيون ته انهن جو عدد ۽ وقت خاڪي ۾ لکو.

| مشغولي | ١ | ٢ | ٣ | ٤ | ٥ | ٦ | ٧ | ٨ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| لڳندڙ وقت ڪلاڪ | _ | _ | _ | _ | _ | _ | _ | _ |

# ٦. باهه بنا رڌ پچاءُ

## باهه بنا رڌ پچاءُ:

اهو باهه جي بنا رڌ پچاءُ ڪرڻ ۾ مدد ڪندو. ان سبب اسان جدا جدا رڌ پچاءَ جا طريقا پڙهنداسين ۽ رنڌڻي جي مناسب ساڌنن ۽ جزن جو اُپيوگ ڪري سوادي پدارٿ تيار ڪندا. ڪو به جلائو پدارٿ ڪم نه آڻي تيار ڪيل پدارٿ معنيٰ جلائو پدارٿن بنا رسوئي.

**مقصد**

- باهه بنا رڌ پچاءُ ڪرڻ
- مناسب رڌ پچاءَ جو طريقو سوچڻ
- ڪچري جو صحيح ڍنگ سان بندوبست ڪرڻ
- پيئڻ جا پدارٿ تيار ڪرڻ
- ساڌن ۽ سامان ڪم آڻڻ، جزا ڪٽ ڪرڻ ۽ ڪاڙهو تيار ڪرڻ
- ڪاڙي جي ميلي جو بندوبست ڪرڻ



٦.١ رسوئي گهر ۾ ڪم ڪندڙ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون

ڪاڌو رڌڻ معنيٰ، اڪين جي سامهون گڏس جي سگري پراڻي زماني ۾ ڪوئلن جي سگڙي، چله، اسٽوو انهن جي مدد سان ڪاڌو رڌيو ويندو هو. ان سبب دونهون ، رک وغيره جي تڪليف ٿيندي هئي. پر باهه جو اُپيوگ نه ڪري به اوتري سوادي، قوت بخش ۽ وٽندڙ پدارٿ تيار ڪري سگهجن ٿا. اهو ويچار ئي ڪيترو نه مزيادر آهي!

آسان سپ ڪائڻ جو مزو ونون ٿا! ڪجهه جڻن کي رسوئي ڪرڻ ۾ به مزو ايندو آهي. رسوئي ۾ اوبارڻ، رڌڻ، ٻاڦڻ، سيڪڻ ۽ ترڻ جهڙيون ڪيترين ڪيترين ئي ڪريائون آهن. ڪچو ڪاڌو رڌڻ سان ان جو رنگ بدلجي ٿو. ان ۾ هوندڙ جيوڙا ناس ٿين ٿا. ڪاڌو نرم ٿئي ٿو ۽ سواد ۾ سڌارو اچي ٿو. اهو ڪاڌو ڪائڻ لاءِ سؤلو ۽ سوادي ٿئي ٿو.

ڪيترائي پيرا رسوئي ۽ جي لاءِ گڏس يا ٻئي ڪنهن قسم جو اِسٽوَو ڪم آندو وڃي ٿو. گرمي ڏيڻ سان ڪاڌو رڌجي ٿو.

ڪاڌي ۾ پدارٿ ٺاهڻ جي ڪريا انوسار برتن ڪم اچن ٿا

ڪجهه پدارٿ پچائڻ کان سواءِ تيار ڪيا وڃن ٿا. ڪچن ڦلن کان سواءِ ڪچيون ڀاڄيون پڻ ڪاڌيون وڃن ٿيون. چاڪاڻ ته ڪائڻ لائق ٿيڻ لاءِ پچائڻ يا رڌڻ هر وقت ضروري نه هوندو آهي. مثال: گجر، ونگي، بيٽ، موريون، بصر، ميٿي، ساواڌاڻا آسان ڪچا ڪائي سگهون ٿا. ڪچين ڀاڄين ۾ قوت بخش جزا قائم رهن ٿا. گرمي ۽ جي ملڻ تي اُهي ناس ٿي سگهن ٿا. ڪچيون ڀاڄيون صحت لاءِ فائديمند هونديون آهن.

باهه يا گرمي ڪم نه آڻُ ڪاڌي جا پدارٿ تيار ڪرڻ صحتمند ڪاڌي جو طريقو آهي. هن طريقي ۾ تازو ۽ نه رڌل پدارٿ ڪم آڻي جدا جدا ڪاڌي جون شيون تيار ڪيون وڃن ٿيون. ان ۾ ڪوشنبير، تازي ڦلن جو جوس، جدا جدا قسمن جي رڌ پچاوَ ۽ سؤلين منين شين کي ان ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

ڪاڌي رڌڻ جي ريت سان اَناج جي باري ۾ جاڳرتا وڌي ٿي ۽ مڪمل ڪاڌي جي عادت لڳي ٿي. نروڳ ۽ تندرست جيون جو طريقو سڌري ٿو. پاڻ ڪاڌو رڌڻ سان آنند اچي ٿو ۽ اَيمان محسوس ٿئي ٿو.

وگيان وشيه ۾ اناج جا جدا جدا جزا، خوراڪ جا ملهه، مڪمل ڪاڌو ان بابت سکيا هوندا. تمام ضروري خوراڪي جزا هوندڙ ڪاڌو، خاص طور ڪچا ڦل ۽ ڀاڄين مان ملندڙ ڪاڌو شرير ۽ من کي تندرست رکڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

**مقصد**

| | |
|---|---|
| ☐ باهه جي بنا ڪاڌو تيار ڪرڻ | ☐ ڪچري جو صحيح بندوبست ڪرڻ |
| ☐ صاف صفائي ۽ جا نيم پالڻ | ☐ گڏجي ڪم ڪرڻ |
| ☐ سؤلا پدارٿ تيار ڪرڻ | |

**ان پروجيڪٽ سبب هيٺيون ڳالهيون سمجهڻ ۾ مدد ٿيندي.**

١.رسوئي گهر جا بنيادي ساڌن، برتن جو صحيح استعمال ڪرڻ.
٢.باهه جو\جلائو پدارٿ جو اُپيوگ نه ڪري سوادي ڪاڌو تيار ڪرڻ.
٣.پدارٿ وٽندڙ نظر اچڻ لاءِ صحيح رچنا ڪرڻ.
٤.ڪاڌو تيار ڪرڻ وقت ٿيندڙ ڪچري جو صحيح ڍنگ سان بندوبست ڪرڻ.

مثال: ڪڏو ڪرڻ، آلو-سڪو ڪچرو جدا جدا رکڻ

اَڀياس :

سوال: هيٺ تصوير ۾ ڪجهه ٻار رنڌڻي ۾ ڪم ڪندي نظر اَچن ٿا. رنڌڻي ۾ ڪم ڪرڻ جا ڪم گولن ۾ لکو.




رڌ پچاءَ جا طريقا سڃاڻو



اوٻارڻ ــــــــــ ــــــــــ ــــــــــ

مشغولي - ۱:

## رنڌڻي جي ساڌنن جي سڃاڻپ:







٦.٣ رنڌڻي جا ساڌن

- **چاپنگ بورڊ:** اهو ڀاڄيون چيرڻ لاءِ ، ڦل ڪٽڻ لاءِ ڪم ايندڙ هڪ سنئين مٿاڇري وارو بورڊ ٿئي آهي. ان سبب رنڌڻي جو دڪو خراب نٿو ٿئي ۽ ڇُري جي ڌار پڻ وڌيڪ وقت ٽڪي ٿي.
- **ماپ جو ڪوپ ۽ چمچو :** کاڌي جي پدارٿن لاءِ شيون ماپي ڪٽڻ لاءِ جدا جدا آڪار وارا ڪوپ ۽ چمچا ڪم اَچن ٿا.
- **ڪسٽي:** ڀاڄيون يا ٻيون کاڌي جون شيون سنهيون ڪيس ڪرڻ لاءِ ڪم ڪندڙ سوراخن وارو لوهه يا اسٽيل جو ساڌن.
- **ڇلڻي:** ڪلون لاهڻ لاءِ ساڌن ، ڦل ۽ ڀاڄيون ڇلڻ لاءِ ساڌن ڇلڻي آهي.
- **مني مڪسر:** اهو هڪ روائتي تارن جو ساڌن آهي. شيون گڏ ڦيڻ لاءِ ڪم آڻي سگهجي ٿو. چانهه جي ڪوپ يا ننڍي پيالي ۾ڪافي، آنڊا يا ڏهي ڦيڻ لاءِ ڪم ايندڙ ساڌن آهي.

## ساڌن خبرداريءَ سان سلامتيءَ سان واپرائڻ:

رنڌڻي جي ساڌنن جو صحيح ڍنگ سان اُپيوڪ ڪرڻ سان کاڌو رڌڻ جو مزو وٺي سگهجي ٿو. سلامتيءَ ۽ خبرداريءَ جي ڄاڻ ملي ٿي.

مثال: تيز ڌار واري ڇُري سنڀالي رکي ڪپڻ گهرجن. ڪپڻ وقت آڱريون ڇُريءَ جي ڌار ڪان پري رکڻ گهرجن.

رسوئيءَ جو ڪامياب ڦيڻ لاءِ ماپ وارو ڪوپ ۽ چمچا مناسب طريقي سان واپرائڻ گهرجن.

بليندر ۽ مڪسر گهر جي وڏن جي سامهون ڪم آڻڻ گهرجن. رنڌڻي جي صفائي ڪري واپرايل ساڌن صحيح ڍنگ سان صاف ڪري رکو.



**کاڌي جا پدارٿ تيار ڪرڻ وقت خبرداري وٺڻ**



٦.٣ ايپران ۽ مٿي جي ڪئپ

۱.اَناج يا کاڌي جون شيون ڪٽڻ کان اڳ هٿ صاف ڌوئڻ گهرجن

۲.رڌ پچاءَ جي ريت لاءِ گهربل ساڌن، ڦل، ڀاڄيون صاف ڪري وٺو.

۳.ائيپران ۽ مٿي جي ڪئپ ڪم آڻيو.

۴.تيز ڌارا وارا ساڌن واپرائڻ وقت بلڪل ساوڌانيءَ سان ڪم ڪريو.

۵.رڌ پچاءَ ڪرڻ وقت تڪڙ تڪڙ نہ ڪريو.

٦.رڌ پچاءَ ڪرڻ وقت زمين تي هاريل پاڻي يا پاڻيٽ ترت اُگهي ڇڏيو.

۷.آلي ۽ سُڪي ڪچري کي الڳ الڳ ڪري ان جو بندوبست ڪريو

## اَڀياس:



- سوراج سلئبڊ لاءِ ڪم ايندڙ ساوا ڏاڻا سنها ٽڪر ڪپي پاڻيءَ ۾وڌا اهو صحيح آهي يا غلط. غلط هجي تہ صحيح طريقو ٻڌايو
